ABC CERTIFIED

# مهراڻ

نمبر 3/2012ع



سنڌي ادبي بورڊ



# هيءَ جا لات "لطيف" جي

**اَللهَ جِئَن نالوءِ، تِئَن مُون وڏو آسِرو،**
**خالِقَ! تُنهِنجيءَ کانڊِ جو، پَرو پانڊُ نہ ڪوءِ،**
**نالو، رَبّا! سَندوءِ، رَهِيو آهِہِ روحَ ۾.**
(سُر ڏهر)

***

وڏن بزرگن جو ادب ۽ ريتين رسمن جو لحاظ، سنڌي تهذيب جو لازمي جز آهي، جنهن کي شاهہ لطيف پڻ وڏي اهميت ڏني آهي. هُن جي پنهنجي تربيت ۾ پڻ وڏن جو هٿ هئو. هينئر جڏهن هُو پاڻ اخلاق ۽ ڪردار جي اعليٰ منزل تي پهتو، تڏهن وڏي احسانمنديءَ سان پنهنجن وڏن جي آثارن جي سنڀال ۽ تعمير ڏانهن ڌيان ڏيندو رهيو. شاهہ لطيف سڀ کان پهرئين بلڙيءَ ۾ ميين شاهہ ڪريمَ جي درگاهہ ڏانهن توجهہ ڏنو؛ جيئن تہ

سندس والد شاهہ حبيب، ڏاڏو شاهہ عبدالقدوس، پڙ ڏاڏو جمال شاهہ (جلال شاهہ) سڀ اُتي جاوا ۽ نپنا هئا. عبدالقدوس شاهہ، وفات بہ اُتي ئي ڪئي ۽ ميين شاهہ ڪريم جي مزار جي ويجهو ئي دفن ٿيو.

شاهہ صاحب جو ميين شاهہ ڪريم سان گهرو روحاني رشتو هئو. هُو پنهنجي هر سفر ۾ 'بيان العارفين' ڪتاب هميشہ پاڻ سان گڏ کڻندو هو. ۽ بيحد محبت ۽ عقيدت مان بلڙيءَ واري درگاهہ تي پيرو ڪندو رهندو هئو. اُتي سماع ۽ ذڪر جي شغل ۾ پنهنجو پٽ وارو راڳ پڻ شروع ڪرايائين. ڪريمي فقيرن 'شاهہ جو راڳ' سکيو ۽ ان طرح پٽ ڪانپوءِ شاهہ ڪريم جي درگاهہ تي پڻ 'شاهہ جو راڳ' ٿيندو رهيو، جو اڄ تائين هلندو پيو اچي.

شاهہ صاحب، ميين شاهہ ڪريم جي مزار تي روضي جوڙائڻ ۽ پرسان جامع مسجد ٺهرائڻ جو ارادو ڪيو. 1156-1154هجريءَ واري عرصي ۾ اُتي سهڻي گنبذ سان روضو ۽ اُن جي اُتر طرف، عاليشان جامع مسجد ۽ ويجهو ڏکڻ اوڀر طرف پنهنجي ڏاڏي عبدالقدوس شاهہ جي تربت تي وڏي محبت ۽ محنت سان 1156هجريءَ ۾ هڪ قبو جوڙائي راس ڪيائين.

(ڪتاب "شاهہ ۽ سچل جو تقابلي اڀياس" تان ورتل)

ريسرچ لائبريري
انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي
سنڌ يونيورسٽي ڄام شورو

سائين سدائين
ڪرين
مٿي سنڌ
سڪار
دوست
تون دلدار
عالم سڀ
آباد ڪرين

# سچل سرمست جو ڪلام

## ڪافي

سچا سي سخن هاديءَ جا، يارو، اڄ ياد آياسي،
ٿنهن ڏينهَن لاڪُون اڄ تائين، آهي بَر چشم چاياسي.
ڪِيو تان قولُ سائِين هي، مِڙن آڏو پَڪو مون سان،
هونداسين دمبدم توسان، اِنهيءَ وعدي وناياسي.
ڏيو هِي تن طاعَت ۾، ڳڏيو هِي جان جانان سان،
پَري ڄاڻيجو پاڻيءَ ڪي، لاڙي هِن يارَ لاياسي.
روزا ڪيئي، نفل نِمازان، توڙي سَو ورد وظيفا،
سَڀيئي لڳَ ظاهِر آهن، سبق ساڄن پڙهَاسي.
پٺو جي خيال خاصي ۾، سُڄاڻو پانهنجِي صورتہ،
ٻڌِي ٻولي ڏِسي ٿو ڪير، فڪرَ ٻيا سَڀ ڦلاياسي.
وِٺو مَنجهہ بادشهہ محليِ، ٻولي ٿو ڪيئن اُهي ٻولِيُون،
اُهو بادشاهہ اُهو بنگلو، نہ ٻي ٻولي ٻُلاياسي.
جيڪي ڪيا دوستن مون سان، اُهي ڳڻ تان نہ وسَرن ٿا،
هُئا ڳڏ جي حبيبن سان، چڱا سي دمَ لنگهاياسي.
شڪر الحمداللهِ ٿو پڙهان لکَ بار شڪرانا،
اُهي پيهي پَڪي آيا، جَنِين لءِ پَنڌ پُڄاياسي.
”سَچو“ سگ آهي دروازي اَزل جي روز سائِن جو،
پَنهنجو سي ڪِيئن ڇڏيندا هي، توڙي عيبَن اُناياسي.

## ڪافي

آءُ اسان وٽِ يارَ تون، آهي هِت اُسان جو حالُ هِي!

اُباڻِڪو آهِيان گهڻو توريءَ پرين پرديسَ ۾،
آءُ مِڙيوئِي معلومُ ڪر، عاشق سَندو احوالُ هِي.

آهِ اوسيڙو اوهان جو، شب روزا اکڙين ۾ ميان،
جاني سَندءِ مون جاڳندي، آهہ خواب ۾ بہ خيالُ هِي.

دوست ٿُنهنجي درَ اُتي، ڏونهين وجهي ويهِي رهان،
منهن ڏيکارج محب مون کي، نہ تہ آهہ ويهڻ هت وبال هِي.

درد مَند جي در پيهِي، آءُ دوستَ دل خوشحال ڪَر،
صدقي ڪريان سِرُ ساهَ سان، ڇا مِلڪ ۽ ٻيو مالُ هِي.

ويني نِهاريان واٽڙي، تنهنجي اچڻ جي لئہ ميان،
لهوءِ سُڌِ سَنديَم ساڄن اچي، نہ تہ آهہ جِيڻ جنجال هي.

پاڻون پَري نہ ڪريو مونکي، ڪي دوستَ دلداريون ڏيو،
هوءِ تون سَدائِين ساڻ مون، آهي ”سچوءَ“ جو سوالُ هِي.



ٽماهي

ABC CERTIFIED

# مهراڻ

[سنڌي ادبي بورڊ جو ٽماهي علمي، ادبي ۽ ثقافتي دستاويز]

جلد 62 — جولاءِ- سيپٽمبر 2012ع — نمبر 3

سرپرست

**مخدوم جميل الزمان**

وزير بين الصوبائي تعاون، سنڌ

چيئرمن، سنڌي ادبي بورڊ

نگران

**الهڏنو وگهيو**

سيڪريٽري، سنڌي ادبي بورڊ

ايڊيٽر

**ثميڻه ميمڻ**

**سنڌي ادبي بورڊ**

ڄامشورو، سنڌ

پاران ايم ايچ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.



# شهيد راڻي بينظير ڀٽو جي هڪ شاهڪار تصوير

آرٽسٽ ڊاڪٽر زبيده جوڻيجو

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

# سوچ -لوچ

ٹ ماهي ”مهراڻ“ سنڌي ٻوليءَ، ادب، تاريخ، تهذيب ۽ تمدن ۽ زندگي جي گهڻي پاڳي هر رخ ۾ پنهنجي اشاعت کان وٺي هڪ پائدار ۽ ڀرپور ڪردار ادا ڪيو آهي. ان لاءِ ٹ ماهي ”مهراڻ“ سان سلهاڙيل سڀ توڙي بورڊ انتظاميہ جون ڪوششون ٹ ماهي ”مهراڻ“ جي هر شماري جي صورت ۾ پنهنجي پڙهندڙن سامهون اينديون رهيون آهن.

ادب زندگي آهي ۽ ادب جيترو سنو سرجندو اوترو ئي اهو لاڳاپيل معاشري جي مضبوطي ۽ سگهاري هجڻ لاءِ فائديمند ثابت ٿيندو. اهڙي طرح ادب تخليق ڪندڙ عالم ۽ اديب بہ سدائين پنهنجي معاشري جي ترقيءَ لاءِ ان سوچ ۽ اُن ذهن سان ادب جي تخليق ڪي آڏو رکيو آهي تہ سندن تخليق سندن معاشري کي وڌيڪ مضبوط بڻائي معاشري ۾ موجود ڪمزورين ۽ اوڻاين جي خاتمي لاءِ هڪ وڌيڪ قدم ثابت ٿين.

سنڌي معاشري جي ترقيءَ لاءِ ادب سرجڻهارن جي محنت ۽ محبت واري پورهئي جو ڪو ملهہ ڪٿڻ ناممڪن آهي، ۽ مختلف حالتن ۽ دورن ۾ دلجوئي سان ۽ جنهن جذبي سان اڻٿڪ ۽ اورچائيءَ سان ادب جي مختلف صنفن کي سرجيو آهي، اهو اسان جي معاشري لاءِ هڪ طرف ترقي جي ڏاڪڻ ثابت ٿيو آهي تہ ٻئي طرف اسان جي معاشري کي سرجندڙ مختلف ٻولين ۾ ادب جي پيٽ ۾ پنهنجو اوچو مقام قائم ڪيو آهي.

ٹ ماهي ”مهراڻ“ کي تاريخي حيثيت ڏيارڻ ۾ مهراڻ جي لکندڙن جو تمام وڏو حصو آهي ۽ اهوئي سبب آهي جو سنڌي ادب، تخليقڪارن هر دور ۾ مشڪلاتن ۽ مختلف مرحلن تي پيش ايندڙ مسئلن جي باوجود وڏي دل ۽ نئين ولولي سان پنهنجي پنهنجي صنفن کي ايترو پيار، محبت سان ادبي پورهيو ارپيو آهي، جنهن مهراڻ کي تاريخ ۾ ايتري اهم حيثيت ڏياري آهي، جيتري سنڌو درياءَ جي اهميت آهي.

مهراڻ جي ان تاريخي حيثيت ۽ اهميت کي برقرار رکڻ توڙي مختلف صنفن تي سرجندڙ معياري ادب جي اشاعت سان ئي سنڌي ادب جي معيار ۽ ساک کي ان تاريخي پسمنظر ۾ برقرار رکي ۽ کي وکون اڳتي وڌائي سگهجن ٿيون، سنڌي ادب جي مختلف صنفن کان علاوه تخليق ۽ تحقيق جي ميدان ۾ مهيا ٿيندڙ ادب کي ڏسي وائسي شايع ڪرڻ لاءِ مهراڻ کي سينگاري سنواري سندس پڙهندڙن جي هٿن ۾ آڻڻ لاءِ اوترو ئي ڪوشش ڪيون ٿا جيترو پڙهندڙن کي انتظار رهي ٿو، پر معياري ادب جي اشاعت لاءِ اسان هميشہ تخليقڪارن جي ڀرپور موٽ جو انتظار ڪندا رهنداسين.

هن جديد دؤر ۾ جتي فاصلا گهٽ ٿيا آهن اتي تحقيق لاءِ سهولتون پڻ ميسر آهن ۽ انهن سهولتن مان سنڌي، ادب جا سرجڻهار وڌ کان وڌ فائدو وٺندي معياري سنڌي ادب جي تحقيق ۾ لاڀائتو ۽ پائدار ڪردار ادا ڪري سگهن ٿا.

ان لاءِ نون لکندڙن سان گڏ شاهڪار ادب تخليق ڪندڙ مانوارن سينئر اديبن، شاعرن، تاريخ نويسن، محققن ۽ اسڪالرن جي پڻ ٻولي ۽ ادب جي واڌاري لاءِ ۽ ٹ ماهي ”مهراڻ“ جي تاريخي معيار

کي برقرار رکڻ لاءِ سنڌن ڀرپور مدد جي ضرورت آهي. سنڌن ادبي سهڪار نه صرف نون لکندڙن لاءِ اُتساهيندڙ هوندو پر خود مهراڻ رسالي جي پڙهندڙن کي معياري ادب پڙهڻ لاءِ ميسر ٿي سگهندو.

اسان کي قوي اميد آهي ته مانوارا اديب ۽ محقق اسان کي ضرور مانُ ڏيندا ۽ پنهنجون لکڻيون موڪلي ته ماهي "مهراڻ" کي خوبصورت نموني سينگارڻ ۾ پنهنجو سهڪار ڪندا.

## سچل سارو سچ

سنڌ جي زرخيز ڌرتيءَ کي سلام، جتي شاهه عبداللطيف ڀٽائي ۽ سچل سرمست جهڙن هادي ۽ صوفي بزرگن جنم ورتو. حضرت سچل سرمست همه اوست جو فلسفو ڏيئي پنهنجي دور جو اهڙو هادي جنهن جي شاعري ۽ فلسفو اڄ ايڪويهين صدي ۾ پڻ اڳ کان وڌيڪ اهميت حاصل ڪري رهيو آهي. سنڌ تي جنم وٺندڙ صوفي بزرگن هميشه انسانذات جي ڀلي سنڌن حقن ۽ ڏکن، امن ۽ سکون، ترقي ۽ پنهنجائپ جو سبق ۽ درس ڏنو ۽ ان کي عام ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. سچل سرمست جو ڪلام هڪ طرف ان دور جي عام زندگي ته ٻئي طرف عوامي سجاڳي جو پيغام آهي. سچل سرمست جي شاعري ۾ اڄ به اهائي خوشبو ۽ تازگي آهي، جيڪا بهار جي مند ۾ ڦوهه ٽڙندڙ خوبصورت گُلن ۾ هجي ٿي. سنڌ جي صوفي بزرگن، خاص طور سچل سرمست جي شاعري سمورو سَچ ۽ ان دور جي عڪاسي ڪري ٿي جڏهن علم ته عام ڪونه هو، پر معاشري جي اوائلي دور جي ترقيءَ لاءِ بنياد هئي. هن دور جي معاشري جي مسئلن ۽ مونجهارن جو اگر ڇيد ڪبو ته هڪ طرف انسان مشين نظر ايندو ۽ ٻئي طرف سچل ۽ لطيف جي شاعري جي پس منظر ۾ اسان جو معاشرو اڄا ان اوائلي دور ۾ ئي بيٺل نظر ايندو. سچل سائين جي پيغام جي روشني ۾ اسان کي پنهنجي معاشري جي قدرن جي پاسداري ڪرڻ جي ضرورت آهي ته جيئن سچل سائين جهڙي صوفين ۽ انهن بزرگن جي فلسفي تي حقيقي معنيٰ ۾ عمل ٿي سگهي.

## پڙهندڙن کي گذارش

ته ماهي "مهراڻ" رسالو سنڌي ادبي بورڊ پاران No loss no profit جي بنياد تي شايع ڪيو پيو وڃي. ڪاغذ جي وڌندڙ اگهن جي ڪري مهراڻ جي ساڳي معيار کي برقرار رکڻ لاءِ ڪاغذ ۽ ڇپائي جو هڪ طرف بورڊ تي مالي بوجهه وڌي رهيو آهي ته ٻئي طرف ان مالي مسئلي سبب مهراڻ کي ساڳين صفحن تي شايع ڪرڻ ۾ هڪ وڏو مسئلو درپيش آهي، پر ان جي باوجود بورڊ انتظاميه ان مالي بوجهه کي برداشت ڪرڻ ۽ مهراڻ جي ساڳئي معيار کي برقرار رکڻ جو عزم ڪيو آهي، ۽ مهراڻ جي پڙهندڙن تي صرف -/25 رپيا في ڪاپي جو بار وجهندي مجبوريءَ وچان قيمت وڌائي هڪ سؤ روپيا مقرر ڪئي وئي آهي.

اميد ته مهراڻ جا پڙهندڙ سنڌي ادبي بورڊ جي مالي مجبوري کي محسوس ڪندي پنهنجو ڀرپور سهڪار برقرار رکندا.

ثمينه ميمڻ
ايڊيٽر "مهراڻ"

# وَڪَرُ سو وِهاءُ

## مرزا قليچ بيگ

### جي شعرم ڪيل هڪ تاريخي تقرير



صاحبو، آهيو اوهين سڀ سنڌ جا سررشتہ دار
سنڌ جي سيڪنهن سڌاري جو اوهان تي ٿيو مدار
مُلڪي ۽ مالي ترقي جو گهٽن ڪي ٿيو خيال
قومي ۽ علمي ۽ عقلي ڪا ڪريو هاڻي سُڌار
اصلي غلميت منجهان چا سنڌ کي حاصل ٿيو
جيڪڏهن بي.اي ۽ ايم.اي ٿيا اسان ۾ بيشمار
انگريزيءَ جي محبت ۾ ٿيوءَ ماهر مڙئي
چو نہ ڏيو ٿا مادري ٻوليءَ کي پنهنجو ائين پيار
عِشقُ انگريزيءَ لڳو، ويچاري سنڌي وري وئي
لونگ جڏهن اکئين لڳا، تڏهن جافرن جي ٿي ويسار
سنڌ جا پُٽ آهيون سڀ، ٿيو حق اسان تي ماءُ جو
حُبّ ۾ ان جي ترقي جي، رهون گڏ، ٿيون نہ ڌار
هُئي قديمي قابليت ڪيتري هِن سنڌ ۾
عالم ۽ فاضل ۽ شاعر ۽ مُصنف هئا هزار
ٿي ڪماڻي قيد ۾ پيتين جي قابُو تنجي سڀ
جت ٿئي هَئي هئي اڏيهيءَ ۽ سُري جا سا شڪار
فرض تِي اُن جي حفاظت، ظاهرائي ۽ شناختَ
ٿيو اوهين سنڌي پڙهڻ پاڙهڻ سڌارڻ لاءِ تيار
جَسُ هجي سنڌيءَ سندي ساهتَ سوسائٽيءَ کي گهڻي
جا ڪري همت، وطن پنهنجي جي ٿي خدمتگذار
خرچ ۽ محنت ڪري، هِت هُت ٻُڪي، هِن هُن کي چٽي
فائدي لاءِ سڀ جي ڪيئين جاري رسالو ماهوار
خوش ٿئي ٿي خلق سڀ مضمونُ موچارا پڙهي
ٿئي وِندر دل جي ۽ ٻيا پڻ فائدا ان مان اپار
ٿيو وسيلو اِيءَ پڙهڻ توڙي لکڻ جي شغل جو
وقت فرصت جي، جڏهن ٻيو ڪونہ آهي ڪَمُ ڪار
پنهنجي ٻولي پُر ڪرڻ جو ٿيو اهو عمدو اُپاءُ
شُوق سنڌيءَ جو وڌي، ٿئي اُن جي خوبي آشڪار
اوجَ کي پهتيون بين مُلڪن جُون ٻوليون اڄُ وڃي
چو نہ پنهنجي پڻ اچي اخر انهن جي مُنجهہ قطار
جَسُ هجي تن کي جي اهڙي ڪَمَ جا بانيڪار ٿيا
غفلت ۽ سُستي ڪڍي ڪن ٿا اسان کي هوشيار
هِمتائڻ تن کي ۽ هر طرح جي واهَر ڪرڻ
آهي واجب، سنڌ ۽ سنڌيءَ جا ٿيو جي دوستوار
جيڪي ٿئي ٿورو گهڻو، طاقت آهر هرڪو ڪري
مَرُ ڪريو ڪوشش اوهين، پُوري ڪندو پروردگار

(شمس العلماء مرزا قليچ بيگ چيئر، سنڌ يونيورسٽيءَ جي شايع ڪرايل ڪتاب ”تقريرون ۽ تحريرون“ تان ورتل)



## ڪلام

دلبر سنڌي تو جلدي جلدي تون ناز آ،
هلڻو آ يار تو وٽ، وهڻو آ تنهنجي جاءِ.

هڪدم آ يار مشڪل، توکئون سوا پرين،
نظرن ۾ منهنجي ڪونهي ڪو، بيو توکئون سوا.

مان هان غلام دل جو، دل يار جي آ هٿ،
ناحق ڪري گمان، رهن ٿا مون تي خفا

مضبوط دل کي ڪر تون، محبت قدم وڌاءِ،
هن راهه عشق ۾ آهن، نقصان ۽ نفعا.

انگشت پائي هٿ ۾، عمل يار پئي ڪيو،
پنهنجي مريض کي هي، وٺي اڄ کيون دعا.

هزهائينس مير علي نواز خان ٽالپر ولد مير امام بخش خان ٽالپر 9- آگسٽ 1824ع تي ضلعي خيرپور ميرس جي ڳوٺ ڪوٽ ڏيجي ۾ تولد ٿيو ۽ سهريائي ٽالپرن مان هئو. ابتدائي تعليم ڪوٽ ڏيجيءَ ۾ حاصل ڪرڻ بعد لاهور جي جينس ڪاليج ۾ داخلا ورتائين. اُتان فارغ ٿي مزيد تعليم لاءِ لنڊن روانو ٿيو. تعليم جون سموريون منزلون طئي ڪرڻ بعد ۾ ولي عهدي واري زماني ۾ ڪيترائي سال دهلي ۽ اُن جي مضافات ۾ مقيم رهيو، انهيءَ دوران کيس اردو ۾ شعر چوڻ جو شوق پيدا ٿيو. سندس والد صاحب 8- فيبروري تي رحلت ڪئي ۽ پاڻ 37 سالن جي عمر ۾ 13 فيبروري 1921ع تي مسند نشين ٿيو

مير صاحب، منڪسر مزاج، ساده طبيعت ۽ فقير منش حاڪم هو. انگريزي، فارسي، سنڌي جو ماهر هو ۽ سرائڪي زبان ته مادري هئس. انگريزيءَ ۽ فارسيءَ کان سواءِ بين زبانن ۾ به طبع آزمائي ڪئي اٿس. مرحوم هزهائينس عاشق مزاج، زنده دل، سخي ۽ ادب نواز شاعر به هو، کيس مجازي عشق جي محبت لڳي، جنهن فقير به بنائي ڇڏيس. 25- ڊسمبر 1935ع ۾ انتقال ڪيائين. وصيت مطابق سندس جسد خاڪي ڪربلا معليٰ (عراق) ۾ دفنايو ويو.

(ڪتاب يادِ رفتگان جي ص 102-103 تان کنيل)

سنڌ هجي يا هندستان، عرب هجي يا ايران -- هر هنڌ ۽ هر ملڪ ۾ انساني عادتن کي اُجارڻ ۽ اُسارڻ، بگڙيل سوسائٽيءَ کي سڌارڻ ۽ سنوارڻ، انساني زندگيءَ ۾ هڪ نئين روح ڦوڪڻ ۽ اخلاقي نظام پيدا ڪرڻ لاءِ، ڀلارن بزرگن ۽ صوفين سڳورن جيڪي ڏک ڏولاوا سٺا آهن، روحاني رياضتون ڪيون آهن، خدا جي مخلوق جون خدمتون بجا آنديون آهن ۽ ڪيترن گمراهن جون رهنمايون ڪيون آهن، تن کي دنيا جي تاريخ ڪڏهن به وساري نٿي سگهي. انهن جا اهي سونهري ۽ سپاجها گفتا، قدر ۽ عزت جي قابل ڪارناما اسان جي اڳوڻي شان مان ۽ ڏيک جا اُهي سدائين روشن ڏيا آهن، جن کي زماني جي انڌيرن جون آنڌيون ۽ هيبت ناڪ حادثن جا هنگاما ڪڏهن به اُجهائي نٿا سگهن. سندن گفتار ۽ ڪردار، عمل ۽ فڪر، سچائيءَ ۽ صفائيءَ جو جذبو هڪ اهو اُجريل آئينو آهي، جنهن کي سامهون رکي، هر وقت ۽ هر حال ۾ پنهنجي مستقبل پريشان پيشانيءَ کي اُجاري ۽ سنواري سگهجي.

اسلامي تاريخ جي انهيءَ حقيقت کان ڪڏهن به انڪار ڪري نه ٿو سگهجي ۽ اها ڪنهن به حالت ۾ وسارڻ جوڳي نه آهي، ته جيتوڻيڪ مسلمان حاڪم پنهنجي پنهنجي ملڪ ۾ هڪ وڏي دٻدٻي ۽ اعليٰ اقتدار جا مالڪ هئا، پر تنهن هوندي به ، انهن اسلام جي ڪا اهڙي خدمت ڪانه ڪئي، جا اُنهن تڏي تي وهندڙ ۽ دنيا جي تارڪن کان گوءِ ڪٽي ويئي هجي. تنهنڪري انين چوڻ ۾ ڪوبه وڌاءُ ڪونهي، ته اسلامي تاريخ جي ٻهڪندڙ چمن ۾ جيڪڏهن سرها ۽ سيبانيندڙ گل آهن، ته اُهي، اهي ئي ڀلارا بزرگ اولياءِ سڳورا آهن، جن جي شخصيت هنڌين ماڳين ممتاز آهي، جنهن تي اسلامي تاريخ جيترو ناز ڪري، اوترو گهٽ آهي.

(ڪتاب "تحفة الطاهرين" جي مقدمي تان ورتل)

استدعا ڪئي تہ "اوهان جو خُرقو گهرجي." جمن جي زور پرڻ تي ڪيس پنهنجو خُرقو ڏيڻي پڻيائون.

هن ٽي ڏينهن اهو خُرقو پاتو، چوٿين ڏينهن دانهون ڪندو اچي سندن حضور ۾ حاضر ٿيو ۽ عرض ڪيائين تہ: "سائين! واقعي اهو پهرڻ جي مون ۾ سگهہ نہ آهي. ٽي ڏينهن آءٌ جڻ باهہ جي درياهہ ۾ هوس ۽ چوڌاري جو ڪو ڪنارو نظر نہ ٿي آيو." اهو چئي اهو خرقو کين موٽائي ڏنائين. تنهن تي فرمايائون تہ: "تون اهو بہ وڏو ڪم ڪيو آهي جو ٽن ڏينهن تائين هن فقير جو اهو خرقہ و برداشت ڪيئي."[1]

خواجہ معين الدين چشتيؒ (وفات 627هہ) کي سماع سان گهڻو چاهہ هو. سماع جي محفل ۾ مٿن غير معمولي ڪيفيت طاري ٿي ويندي هئي. هڪ ڀيرو خواجہ ابو يوسف چشتيؒ جي خانقاهہ ۾ ترسيل هئا، اتي مجلس سماع ۾ قوالن هي بہ شعر ڳايا.

عاشق بہ هواي دوست بيهوش بَود
وزياد محبت خويش مدهوش بَود
فردا کہ بہ حشر خلق حيران مانند
نامِ تو درونِ سينہ و گوش بَود

ترجمو: عاشق دوست جي طلب ۾ بيهوش هوندو آهي ان جي محبت جي ياد ۾ مدهوش هوندو آهي. قيامت جي ڏينهن جڏهن خلق حيران ۽ پريشان هوندي منهنجي دل ۾ تنهنجو نالو موجود هوندو.

حضرت خواجہ قطب الدين بختيار ڪاڪيؒ کان روايت آهي تہ حضرت معين الدين چشتيؒ جي محفلِ سماع ۾ شيخ الشيوخ حضرت شيخ شهاب الدين سهرورديؒ، شيخ محمد ڪرمانيؒ، شيخ محمد صفاهانيؒ، مخدوم زاده شيخ برهان الدين چشتيؒ، مولانا بهاؤالدين بخاريؒ، مولانا محمد بغداديؒ، خواجہ اجل سجزيؒ، شيخ سيف الدين باخرزيؒ، شيخ احمد بن محمد اصفهانيؒ، شيخ جلال الدين تبريزيؒ، شيخ اوحد الدينؒ، شيخ احمد واحدؒ، شيخ برهان الدين غزنويؒ، خواجہ سليمانؒ، خواجہ عبدالرحمانؒ ۽ بغداد جا ٻيا وڏا مشائخ پڻ شريڪ ٿيندا هئا.[2]

مشهور صوفي بزرگ خواجہ بختيار الدين ڪاڪيؒ کي پڻ سماع جو تمام گهڻو شوق هوندو هو. پاڻ سماع جون محفلون گهڻو ڪري پنهنجي رهائش واري جاءِ تي منعقد ڪرائيندا هئا، تہ ڪڏهن وري حضرت خواجہ قاضي حميدالدين ناگوريؒ وٽ، تہ ڪڏهن ڪنهن ٻئي درويش وٽ منعقد ٿيندڙ سماع جي مجلسن ۾ شريڪ ٿيندا هئا. هڪ ڀيرو هڪ مجلسِ سماع ۾ جڏهن قوالن هيءُ شعر پڙهيو تہ لڳاتار ست ڏينهن ۽ راتيون بيهوش رهيا. فقط نماز جي مهل اٿندا هئا. نماز پڙهڻ کان پوءِ وري بيهوش ٿي ويندا هئا.

*سُرود چيست کہ چندين فسونِ عشق دَرو ست*
*سُرود محرمِ عشق است و عشق محرمِ اوست*

ترجمو: راڳ ڇا آهي؟ ان ۾ ڪيئي عشق جا جادو سمايل آهن. راڳ عشق جو محرم، ۽ عشق ان جو محرم آهي.

خواجہ صاحب جو وصال بہ سماع جي اثر سبب ٿيو. هڪ ڀيري شيخ علي سجزي جي خانقاہ تي محفلِ سماع جي محفل رهي هئي. ان موقعي تي ڪيترائي صوفي بزرگ موجود هئا. قوالن جڏهن شيخ احمد جام جو هيءُ شعر پڙهيو:

ڪُشتگانِ خنجر تسليم را
هر زمان از غيب جانِ د يگر است

تہ مٿن وجد طاري ٿي ويو ۽ اڌ ڪُٺل پکيءَ وانگر ڦٿڪڻ لڳا. حضرت شيخ حميد الدين ناگوري ۽ مولانا بدرالدين غزنوي کين انهيءَ ئي حالت ۾ گهر کڻي آيا. جڏهن کين هوش آيو تہ وري اهو ساڳيو شعر پڙهڻ جي فرمائش ڪيائون. شعر ٻڌي وري بيهوش ٿي ويا. چار ڏينهن چار راتيون سندن اها ڪيفيت رهي. پر جڏهن نماز جو وقت ايندو هو تہ وضو ڪري فرض ۽ سنتون ادا ڪندا هئا ۽ وري ان ساڳي سڪر (بيهوشي) واري حالت ۾ اچي ويندا هئا، تان جو

---

(1) بزم صوفيہ، ص 417

(2) بزم صوفيہ، ص 56

واصل باالله ٿي ويا. تنهنڪري کين ”شهيدِ محبت“ چيو ويو آهي. مير حسن ان شعر تي هڪ غزل چيو آهي، جنهن ۾ حضرت قطب صاحب جي شهادت جي طرف اشارو ڪندي فرمائي ٿو:

جان برين يک بيت داد ست آن بزرگ
آري اين گوهر ز ڪانِ ديگر است
ڪشتگانِ خنجرِ تسليم را........
هر زمان از غيب جانِ ديگر است

سندن وصال 14 ربيع الاول سنہ 633ھ ۾ ٿيو[1]

سنڌ ۾ صدين کان هيءَ روايت موجود آهي تہ حضرت بهاؤالدين زڪرياؒ جا مريد ۽ عقيدتمند هر سال عرس جي موقعي تي پيادل ملتان ويندا هئا. هُو مختلف هنڌن تي منزلون ڪندا هئا ۽ اتي سماع جي محفل منعقد ڪندا هئا. سماع جي پهرين مرحلي ۾ سنڌ جي مشهور صوفي شاعر شاهہ عنايت رضوي (متوفي 1713ع) ۽ شاهہ عبداللطيف ڀٽائيؒ (متوفي 1752ع) جا توحيد، رسالت ۽ معرفت جي مضمونن وارا شعر پڙهندا هئا. ۽ ان سان گڏ ”ها، ها، هُو“ جو ذڪر پڻ ڪندا هئا. ٻئي مرحلي ۾ شاهہ عنايت رضوي ۽ شاهہ اشرف جو ڪلام ڳايو ويندو هو. ٽئين مرحلي ۾ مختلف شاعرن جا مرشد جي مدح ۾ چيل شعر پڙهندا هئا. پر گهڻا شعر شاهہ عنايت ۽ شاهہ اشرف ڪاماري واري جا پڙهندا هئا. نموني طور شاهہ عنايت جو هڪ بيت پيش ڪجي ٿو:

غوثان ختم بهاؤالدين، نبيان ختم رسول
حاضر حضرت پير، مولي در مقبول
قادر ڪج قبول، اڳلايون عنات چئي[2]

حضرت قاضي حميدالدين ناگوريؒ جو سماع سان بيحد شوق هو. ۽ ان ذوق جي ڪري علمائي ظاهر سندن خلاف فتوائون ڏنيون، پر پاڻ ان جي پرواهہ ڪانہ ڪيائون ۽ پنهنجي ان ذوق کي قائم رکيائون. حضرت خواجہ بختيار ڪاڪيؒ پڻ ساڻس گڏ سماع جي محفلن ۾ شريڪ ٿيندا هئا.

هڪ ڀيري سلطان التمش جي محلات ويجهو هڪ درويش جي گهر سماع جي محفل جاري هئي. حضرت خواجہ بختيار ڪاڪيؒ ۽ حضرت حميدالدين ناگوريؒ ان محفل ۾ موجود هئا. ان زماني جي جيد عالمن مان مولانا رڪن الدين سمرقندي سماع جو وڏو مخالف هو. جڏهن کيس پتو پيو تہ خواجہ بختيار ڪاڪيؒ ۽ حضرت حميدالدين ناگوريؒ ان محفل ۾ موجود آهن تہ ڪجهہ ماڻهو ساڻ ڪري ان درويش جي جاءِ تي پهتو تہ جيئن اها محفل بند ڪرائي. حضرت حميدالدين ناگوريؒ کي جڏهن ان عالم سڳوري جي اچڻ جي خبر پئي تہ گهر جي مالڪ کي چيائون تہ، ”تون ڪٿي لڪي وڃ تہ جيئن مولانا رُڪن الدين سمرقندي تنهنجي گهر ۾ اچڻ جي توکان اجازت گهري نہ سگهي ۽ جيڪڏهن هُو بنان اجازت تنهنجي گهر ۾ گهڙي آيو تہ اهو شرعي حڪم جي خلاف ٿيندو.“

گهر جي مالڪ ائين ڪيو. مولانا رڪن الدين ان درويش جي گهر جي در تي اچي اندر اچڻ جي اجازت گهري. جڏهن گهر جي مالڪ کان کيس اندر اچڻ جي اجازت نہ ملي، تہ در تان ئي واپس موٽي ويو. ٻين موقعن تي بہ حضرت حميدالدين ناگوريؒ کي سماع کان روڪڻ جي ڪوشش ڪئي وئي، پر هن، ان ڳالهہ جي ڪا پرواهہ نہ ڪئي[3].

سلطان غياث الدين تغلق هڪ دیندار ۽ حق شناس حڪمران هو. سلطان جي ان دينداريءَ مان فائدو وٺندي علمائي ظاهر ڪانئس سماع جي ممانعت ۾ هڪ حڪم جاري ڪرايو. پر محبوب الاهيؒ وٽ سماع جي محفل ٿيندي رهندي هئي. مغرور عالمن سندس خلاف گوڙ شور ڪيو. سلطان غياث الدين انهيءَ مسئلي تي هڪ مَحضر جو اهتمام ڪيو تہ جيئن سماع جي مسئلي تي عالم ۽ مشائخ هڪ هنڌ گڏ ٿي بحث مباحثو ڪري ڪا فتويٰ جاري ڪئي وڃي.

جڏهن عالمن ۽ مشائخن جو بحث شروع ٿيو تہ ٻنهي طرفن کان سماع جي چڱاين ۽ براين بابت دليل پيش ڪيا ويا. محبوب الاهيؒ بہ ان محضر ۾ موجود

[1] فوائد الفواد، ص 144 ۽ بزمِ صوفيہ، ص 86-85

[2] ميين شاهہ عنايت جو ڪلام، ص 90

[3] بزم صوفيہ ص 92-91

بهرحال، مولانا روميؒ جو سماع سان ايڏو عشق هو، جو هُو قونيہ ۾ سماع جون محفلون مچائيندو رهيو. سماع جي مخالفن کي ڏاڍي مٺيان لڳي. هنن قونيہ جي قاضي کي درخواست ڏني تہ سماع حرام آهي، تنهنڪري سماع جون محفلون بند ڪرايون وڃن، پر هُو هڪ روشن خيال قاضي هو، تنهنڪري هن اها درخواست رد ڪري ڇڏي، پر پوءِ بہ ڪي تنگ دل ۽ تنگ نظر ملان ۽ مولوي مولانا کي ڏاڍو تنگ ڪندا رهيا، پر هن ان جي ڪا پرواهہ نہ ڪئي. هن اعلان ڪيو تہ هُو دنيا جا سمورا منصب ۽ خواهشون ڇڏڻ لاءِ تيار آهي، پر سماع ڪونہ ڇڏيندو. هن سماع جي حمايت ۾ اهڙا تہ دليل ڏنا جو مخالفن پشيمان ٿي ڪانئن معافي ورتي ۽ واعدو ڪيو تہ هُو آئنده انهيءَ موضوع تي ڪنهن بہ ڪنهن جي دل آزاري نہ ڪندا.

مولانا رومؒ وانگر حضرت شاهہ عبداللطيف ڀٽائيؒ جي رڳ رڳ ۾ راڳ سمايل هو. اهو ئي سبب آهي جو فرمايائون:

رڳون ٿيون رباب، وڄن ويل سڀ ڪنهين

مولانا روميؒ وانگر شاهہ لطيفؒ جو بہ راڳ سان اهڙو عشق هو، جو هُو سڀ ڪجهہ ڇڏڻ لاءِ تيار هو، پر راڳ ڇڏڻ لاءِ هرگز تيار نہ هو. هن اُهو نينهن جو ناتو توڙ نڀايو. سندن وصال بہ راڳ واري محفل دوران ٿيو.

سڄي دنيا ۾ صوفين جون فقط بہ خانقاهون اهڙيون آهن، جتي هر وقت راڳ ٻڌڻ ۾ اچي ٿو. هڪ قونيہ (ترڪي) ۾ مولانا رومؒ جي خانقاهہ، ٻي سنڌ ۾ ڀٽ شاهہ تي شاهہ لطيفؒ جي خانقاهہ هن فقير کي مولانا رومؒ جي مزار پُرانوار جي زيارت جو شرف حاصل ٿيو آهي. اتي چوويهہ ئي ڪلاڪ مثنوي جي ڪيسٽ هلندي رهي ٿي. رڳو عرس جي موقعي تي ڪجهہ فقير مخصوص لباس ۾ رقص ڪن ٿا، جنهن کي درويشي رقص سڏيو وڃي ٿو. پر ڀٽائي جي درگاهہ تي چوويهہ ئي ڪلاڪ راڳ ٿيندو رهي ٿو. رڳو نماز جي مهل وقفو ڪيو ويندو آهي. مولانا روميؒ ۽ شاهہ لطيفؒ جو راڳ سان اهڙو عشق ٿي ويو هو، جو ان عشق جو اظهار اڃا جاري آهي جيڪو روح کي راحت ۽ دل کي فرحت ڏيندو رهي ٿو.

◙




ڪتاب: امن موئاني ڏيو
موضوع: شاعري
شاعر: گوهر سنڌي
ڇپائيندڙ: ڪنول پبليڪيشن قنبر 2011ع
سائيز: ڊيمي
صفحا: 192
قيمت: -/150 رپيا

ڪتاب 'امن موئاني ڏيو' جو مصنف گوهر سنڌي آهي. ڪتاب تي راشد مورائي، مشتاق تماچاڻي، آزاد بخاري، فيض الله جوڻيجو، علي نواز ڀُٽ، خان محمد ڀيو، استاد رحيمداد راهي، غلام محمد غازي، غلام علي چنہ، وحيد محسن جا تاثرات لکيل آهن. هن ڪتاب ۾ قومي مزاحمتي طويل نظم ڏنا ويا آهن. مزاحمتي شاعريءَ کي بيان ڪرڻ سولو ڪم نہ آهي پرحق ۽ سچ کي منظرعام تي آڻڻ بہ جهاد کان گهٽ نہ آهي، اهو جهاد قلمي آهي. گوهر سنڌي جي فهم ۽ فراست فڪر و تخيل، دانش ۽ ديانت جي ڇٽي تصوير سندس ڏنل نظمن مان ظاهر ٿئي ٿي.

**ڊاڪٽر عبدالرزاق 'راز' سومرو**

◙

مظهر يوسف

# ليلارام وطڻ مل لالواڻي_ ڀٽائيءَ جو اولين اڀياسي

اوڻهين صدي ڌاري، سنڌ جي تهذيبي آسمان تي جيڪا عالمن جي ڪهڪشان چمڪي ۽ ڏمڪي رهي هئي، تُنهن جو هڪ منور ستارو ليلارام وطڻ مل لالواڻي به هو. ان ڀيڪيدار آڪاس نديءَ جا ٻه اهم ترين واسي مرزا قليچ بيگ ۽ ڏيارام گدو مل به هئا.

انهن مان هر هڪ پنهنجي سوءِ وڏو ودوان ۽ عالم هو. هو سنڌ جي علم ۽ ادب جي پرورش ۾ عام طور تي عظيم شاعر شاهه لطيف جي اڀياس ۾ خاص طور ڀاڱي ڀائيوار بنيل هو. جيتوڻيڪ لالواڻي صاحب مرزا قليچ بيگ وانگر ڪتاب لکيا(1)، يا پنهنجي ويجهي دوست ڏيارام گدومل وانگر گهڻو لکندڙ نه هو، پر هن شاهه صاحب جي عالم طور پاڻ موڪيو آهي. سندس لکيل ڪتاب "The Life, Religion and Poetry of Shah Abdul Latif" انگريزي زبان ۾ ڇپيل ڀهريون ڪتاب آهي، جنهن ۾ شاهه ڀٽائيءَ جي زندگي ۽ فن جو بالترتيب اڀياس ڪيو ويو آهي.

هن صاحب انهيءَ ڪتاب کان سواءِ، سنڌي زبان ۾ "ڪچو پاهه" جي نالي سان هڪ پمفليٽ لکيو هو، جنهن ۾ صوفي مت ۽ ويدانت جا اصول سمجهايا ويا هئا(2). ان کان علاوه هيءُ صاحب سنڌ جو بانيڪار ڊرامہ نويس پڻ آهي، جنهن ڪافي سارا اسٽيج ڊراما تحرير ڪيا، جن مان ڪافي ڊراما ڊي.جي سنڌ ڪاليج جي اميچوئر ڊراميٽڪ سوسائٽي سال 1895ع کان 1905ع جي وچ ۾، ۽ حيدرآباد پليئرس ڊراميٽڪ ڪلب وارن سال 1905ع کان 1908ع جي عرصي ۾ اسٽيج تي پيش ڪيا(3).

هي صاحب شاعر به هو ۽ سندس اشلوڪ "لطيفي لات" جي سري هيٺ شايع ٿيا هئا(4). بهرحال شاهه صاحب تي لکيل سندس ڪتاب کيس هميشہ لاءِ نامور بنائي ڇڏيو آهي.

جيتوڻيڪ هيءُ هن ڪتاب جي اصلي ليکڪ هئڻ جي هام نٿو هڻي، پر اسان سندس اهڙي روش کي هڪ حقيقي عالم جي نمرتا سمجهون ٿا(5). جو ته اسان کي خبر آهي ته هن عربي زبان ۽ قرآن حڪيم کي سمجهڻ لاءِ ڪافي ڪشالا ڪڍيا آهن. ان سلسلي ۾ سندس خيال هو ته هو عربي ۽ قرآن جي سمجهڻ بغير شاهه لطيف جي شاعريءَ جي فني باريڪين کي پُرجهي نه سگهندو.

لالواڻي صاحب جي تحقيق موجب، هن پورا اٺ سال انهيءَ ڪتاب جي تياريءَ تي لڳايا آهن. هن پورا ٻه سال ته قرآن شريف کي انگريزي، هندستاني ۽ فارسي ترجمن جي مدد سان پڙهي سمجهڻ جي ڪوشش ۾ لڳايا. سندس ڀاران قرآن مجيد کي پڙهڻ جو مکيہ مقصد اهو هو ته هو پنهنجي سر انهن قرآني آيتن کي سمجهي سگهي، جيڪي شاهه جي رسالي ۾ جا بجا ڏنل آهن(6).

ليلارام پنهنجي سر ائين ڪرڻ لاءِ ان ڪري مجبور ٿيو، جو جڏهن هن ان وقت جي اهم قاضين يا ملن کان ڪنهن آيت جو مطلب ٿڻ پڇيو ته هنن بي رخي ٿي اختيار ڪئي. شايد اهي صاحب ڪنهن ڪافر سان قرآن پاڪ جي حڪمت جي سمجهه کي ڀائيوار ڪرڻ نه پيا چاهين(7).

ليلارام، مرزا قليچ بيگ سان ضرور پنهنجا ناتا استوار ڪيا هوندا، جيڪو سندس جيان عدليہ جو رڪن هو ۽ وڌيڪ ته اهو صاحب به ان زماني ۾ ئي شاهه صاحب جي زندگي ۽ فن جي مطالعي ۾ رڌل هو. حقيقت ڪري مرزا قليچ بيگ ته پاڻ اڳ ۾ 1887ع ۾ انگريزي زبان ۾ شاهه جي زندگيءَ تي ڪتاب لکي چڪو هو، جيڪو پوءِ هن سنڌي زبان ۾ ترجمو ڪيو(8). مرزا قليچ بيگ صاحب نه رڳو هن جي سوالن جا جواب خطن ذريعي اماڻيا پر کيس مذڪوره ڪتاب جو مسودو به ڏنو، جنهن مان هن ڀرپور استفادو ڪيو(9). بهرحال اها وقت جي ستم ظريفي چئبي ته جيڪو ڪتاب اڳ ۾ مڪمل ٿيو ۽ ان مان ليلارام ڪافي مدد ورتي، سو هڪ ڏهاڪي کان پوءِ ٿي سال 1910ع ڌاري شايع ٿيو(10). ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ جي

تحقيق موجب مرزا صاحب جي ڪتاب جو سنڌي ترجمو سنہ 1897ع ڌاري شڪارپور جي پوڪرداس ڇپايو(11).

جيتوڻيڪ ليلارام پنهنجي ڪتاب ۾، مرزا قليچ بيگ جي مسودي ۾ ڏنل معلومات کي پنهنجي ڪتاب ۾ شامل ڪيو آهي. جيئن هن ڪتاب جي مهاڳ ۾ ان واسطي مرزا صاحب جو قرض تسليم ڪيو آهي، پر حقيقت اها آهي تہ مرزا صاحب وري هڪ ٻئي عالم مير عبدالحسين خان سانگي کان اها ڄاڻ حاصل ڪئي هئي(12). سانگي صاحب جو تعلق سنڌ جي ٽالپر گهراڻي سان هو ۽ هن ڪلڪتي جي قيد مان آزادي ملڻ بعد 1863ع ۾ سنڌي، فارسي ۽ اردو زبانن تي مهارت حاصل ڪئي ۽ سنڌي، اردو ۾ شعر گوئي شروع ڪئي. جڏهن هو عمر جي ٽيهن واري ڏهاڪي جي آخر ۾ پهتو تہ هن شاهہ لطيف جي شاعري ۽ زندگي جو ترتيب وار مطالعو شروع ڪيو. پنهنجي انهي اڀياس ۽ تحقيق جي آڌار تي هن صاحب هڪ علمي ڪتاب لکيو. اهو ڪتاب 19 جولاءِ 1888ع تي 'لطائف لطيفي' جي نالي سان مڪمل ٿيو، پر اهو ڀٽ شاهہ ڪلچر سينٽر پاران سال 1967ع ڌاري ڇپيو، جنهن جو تعارف ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ لکيو هو(13).

سانگي صاحب جيڪا ڏاڪڙن سان ڄاڻ گڏ ڪئي هئي، سا هن پاٻوهہ سان مرزا صاحب جي حوالي ڪئي ۽ پوءِ مرزا صاحب بہ سرهائي سان ليلارام کي پنهنجو مسودو ڏيکاريو پر سانگي صاحب اها ڄاڻ ڪٿان ورتي. اهو سوال اسان کي هڪ ٻئي حوالي يا بنياد ڏي وٺي وڃي ٿو، جيڪو حقيقت ۾ مکيہ حوالو يا ذريعو آهي، جنهن وٽان ئي شاهہ صاحب متعلق بنيادي ڄاڻ حاصل ڪئي ويئي. سانگي صاحب کي اها معلومات ڀٽ شاهہ جي آخوند احمدي کان حاصل ٿي، جيڪو ان وقت اتي جو عالم ۽ استاد هو. ليلا رام پنهنجي مهاڳ ۾ لکي ٿو تہ آخرڪار هن کي بہ ڄاڻ واسطي ڀٽ شاهہ جي ڪراڙي آخوند احمدي وٽ وڃڻو پيو، جنهن جو پڙ ڏاڏو ڀٽائي صاحب جو استاد هو(14).

ليلارام پنهنجي نوڙت جو اظهار ڪندي لکيو آهي تہ:

"جيڪر آخوند احمدي نہ هجي ها تہ مون کان سوين غلطيون ٿين ها ... بيشڪ سنڌ ۾ هن جهڙو ڪو ٻيو نہ آهي، جنهن کي هن جي اڌ جيتري بہ ڄاڻ هوندي(15)."

ليلا رام شاهہ ڪريم جي ملفوظات تي مبني ڪتاب بيان العارفين جي حوالي سان پنهنجي خاص تشڪر جو ذڪر ڪري ٿو. هيءُ صاحب شجرن مان شاهہ ڪريم کي لطيف سرڪار جو پڙ ڏاڏو(16). ثابت ڪري ٿو، نہ ئي ڏاڏو، جيئن سگما پنهنجي ڪتاب "Something about Sindh" ۾ ڄاڻايو آهي(17).

ليلارام 'بيان العارفين' جي فارسي مسودي توڙي سنڌي ترجمي مان استفادو حاصل ڪيو آهي. جنهن سنڌي ترجمي جو هن حوالو ڏنو آهي، سو ڪڇ جي هڪ عالم عبدالصمد ڪيو هو(18).

ليلارام پاڻ ڪافي ٻولين جو ماهر هو، جيئن هن پاران ڪم آندل ڪتابن جي ڏنل فهرست مان ظاهر ٿئي ٿو. سنڌي هن جي مادري زبان هئي. هندو برادري جي هر ان رڪن جيان، جيڪو سرڪاري ملازمت جو گهرجائو هو، هن انگريزي زبان اسڪول ۾ پڙهي. ان وقت جي هر پڙهيل شخص جيان فارسي تي مهارت بہ حاصل ڪئي. پر عربي زبان رڳو شاهہ صاحب جي درست مطالعي واسطي سکي. ٿي سگهي ٿو تہ هن انهيءَ زماني ۾ هندستاني ۽ پنجابي (گرمکي لپي ۾) سکي هجي. هن فضل الله ۽ ٻين پاران ترتيب ڏنل هير رانجها واري پنجابي قصي مان بہ استفادو ڪيو آهي(19).

هن جنهن نموني شاهہ صاحب جي مزار تي اڪريل فارسي عبارتن ۽ تحريرن جو استعمال ڪيو آهي، تنهن مان لڳي ٿو تہ هن جو فارسي زبان تي مڪمل عبور هو. شاهہ صاحب جي ڄم توڙي وصال جي درست تاريخ معلوم ڪرڻ لاءِ مزار يا قبر تي اڪريل فارسي تحريرن کي هن سڀني عالم جيان پڙهڻ جي ڪوشش ڪئي آهي ۽ ان مان ئي اهو حساب ڪيو تہ شاهہ صاحب جو وصال سال 1165هجري ۾ ٿيو(20)، ۽ نہ سال 1160 هجري ڌاري، جيئن سگما پنهنجي ڪتاب "Something about Sindh" ۾ ڄاڻايو آهي(21)، يا

ڊاڪٽر مخمور بخاري

# روحانيت جو صاحب ـ حضرت پير راشد روضي ڌڻي

سنڌ جي سجاڳي جا جتي ڪيترائي حوالا ڳڻي سگهجن ٿا اتي تصوف، علم، دانش ۽ شاعري سنڌ جا سداحيات حوالا آهن، اهڙي ريت سنڌ جي جدا جدا حصن جي سجاڳي ۾ وري بنهه منفرد نالا موجود آهن. سنڌ جي جاگرافي حدبندي جي لحاظ کان آڳاٽي رياست خيرپور جنهن کي موجوده وقت ۾ اتر سنڌ پڻ سڏيو وڃي ٿو ان جي جهوليءَ ۾ تصوف ۽ علم و دانش جا گوهر بي مثال جرڪن ۽ چمڪن پيا. اسان ڏسون ٿا ته شعور جي لاٽ کي جن روشن ڪيو انهن ۾ خواجه صاحبڏنو، روحل فقير، سچل سرمست ۽ موجود پاڳاري خاندان جو جدامجد سيد راشد روضي ڌڻي، جان شاهي خاندان ڪنڊڙي جا ڪلتار سڀ کان اهم حيثيت رکن ٿا. هت هنن صفحن ۾ اسان مختصر طور سيد راشد روضي ڌڻي بابت ويچار ونڊينداسين.

سيد راشد روضي ڌڻي، سيد محمد بقا شاهه شهيد جي گهر رمضان المبارڪ 1171 ھ/1757ع ۾ تولد ٿيو(1). سندس والد پنهنجي وقت جو وڏو عالم، عارف شخص هو، سيد محمد بقا شاهه "پٽ ڌڻي" ولد سيد امام علي شاهه پهرئيـــــن شعبان سن1135ھ/1722ع ۾ ڳوٺ رسول پور عرف سائيندي نندي ضلع خيرپور ۾ تولد ٿيو. سيد بقا شاهه جو والد مشهور و معروف عالم باعمل ۽ پير طريقت هيو. جنهن جي نظرداريءَ هيٺ سيد بقا شاهه جي تربيت ٿي ۽ هو ننڍي عمر کان ئي فقيري ڏانهن مائل رهيو(2).

سيد بقا شاهه، قادري ۽ نقشبندي ٻنهي سلسلي ۾ بيعت ڪئي. قادري سلسلي ۾ حضرت سيد عبدالقادر آخرين جن ڪان بيعت وٺي فيض حاصل ڪيائون، جنهن ڪانپوءِ نقشبندي سلسلي ۾ مخدوم اسماعيل پرياڻ لوئي (پريالو) کان بيعت ورتائون(3). سيد بقا شاهه وڏو عالم فاضل شخص هو ڪين قرآن و حديث پاڪ جي علمن تي دسترس حاصل هئي، طريقت ۽ سلوڪ جي رستي ۾ رهنما جي حيثيت رکندا هئا. سڀني صفتن سان موصوف هجڻ ۽ بلند مقامات طئي فرمائڻ بعد به پاڻ کي مخلوق جي نظرن کان لڪائڻ جي ڪوشش ڪندا هئا. ۽ پنهنجي زندگي ۾ مشهوري کي قطعي پسند نه ڪندا هئا. سندن طرز زندگي نهايت سادو ۽ فقيراڻو هوندو هيو(4).ڪين سيد راشد جي ولادت ڪانپوءِ مخدوم اسماعيل پريالوءِ واري ننڍڙي صاحبزادي متعلق آگاهي ڏيندي چيو هو ته "هي اهوئي جوان آهي جنهن جي فيض کان سنڌ جو تمام گهڻو حصو فيضياب ٿيندو"(5).

سيد بقا شاهه پنهنجي روحاني اڃ اجهائڻ لاءِ ٻين ڪيترن ئي اهل الله ڏانهن ويندو رهندو هو، جن ۾ فقير صاحبڏنو فاروقي، مفتي محمد هيرائي، مخدوم امير احمد ڪهڙن وارو، الحاج فقير الله علوي، مخدوم يار محمد ڪوٽڙي ڪبير وارو ۽ شاهه عبد اللطيف ڀٽائي شامل آهن(6).

سيد راشـد روضي ڌڻيءَ جي ابتدائي تربيت پنهنجي والد سيد بقا شاهه ۽ استاد حضرت حافظ زين الدين مهيسر ۽ حافظ محمد اڪرم جي زير اثر ٿي، جنهن ڪان پوءِ وڌيڪ تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ ناميارو عالم دين حاجي فقير الله علوي جي درسگاهه ۾ داخل ڪيو ويو، پر بعد ۾ ڪوٽڙي ڪبير ۾ مخدوم يار محمد جي مدرسي ۾ داخل ڪيو ويو. جتي سيد راشد روضي ڌڻي ظاهري علمن جي تحصيل کان سواءِ اندر اجارڻ لاءِ عبادت ۽ رياضت ۾ پڻ مشغول رهيو(7).

ڪوٽڙي ڪبير ۾ تعليم مڪمل ڪرڻ بعد آخري فراغت ۽ دوره حديث پڙهڻ لاءِ ڳـوٺ خير محمد آريجا تعلقو ڏوڪري ضلع لاڙڪاڻي ۾ حضرت مولانا مخدوم محمد آريجو (جيڪو ان وقت استاد الڪل جي نالي سان مشهور هو) جي درسگاهه ۾ داخل ٿيو ۽ باقي سمورن علمن جي تڪميل ڪيائون(8).

جدا رهڻ جو ارادو ڪيو. تڏهن ڪيس هڪ سائو جهنڊو جنهن تي سوني تند سان ڪلمو طيب لکيو هو، اهو ڏنو ويو ۽ هي اهو جهنڊو هيو جيڪو پيرسيد راشد روضي ڌڻي ڪي والي افغانستان زمان شاهه بن تيمور کان اصلاح جي تبليغ خاطر تحفي طور ڏنو هو. ان ڪانپوءِ سيد ياسين "شاهه جهنڊي" واري لقب سان مشهور ٿيو. سندس وفات سنه1275ھ/1858ع دوران ٿي. سندن مزار ۽ روضو ٺل نند باقراڻي اسٽيشن ضلع لاڙڪاڻي ۾ آهي(22).

سيد ياسين شاهه صاحب ذوق انسان هو. سندس تربيت پير سيد راشد روضي ڌڻيءَ جهڙي باڪمال بزرگ جي سائي هيٺ ٿي، جنهن ڪري سيد ياسين شاهه جن جي طبيعت تي به فقيري رنگ به مائل رهيو. هن صاحب ڪافيون چيون آهن، پر افسوس جو سندس گهڻو ڪلام زماني جي دستبرد ٿيل ڏسجي ٿو. سندس ڪجهه سنڌي ڪافيون ڇاپي هيٺ آيون آهن. هت نموني طور سندس به ڪافيون پيش ڪهون ويندون.

سيد ياسين شاهه جو اولاد جهنڊي وارن پيرن جي نالي سان مشهورآهي. هن خاندان مان پڻ ويجهي دور تائين ڪيترائي عالم، اديب، عارف، ڪامل ۽ روحاني شخصيتون پيدا ٿي چڪيون آهن.

## علمي ادبي خدمتون

سيد راشد روضي ڌڻي نه رڳو اعليٰ روحاني رتبو رکندڙ هستي هئي پر پاڻ تصنيف و تاليف سان پڻ لاڳاپيل رهيا. هن وقت تائين اسان کي سندن ستن تصنيفن جو پتو پوي ٿو.

1. مجمع الفيوضات (ملفوظات)
2. صحبت نامه (ملفوظات)
3. آداب المريدين
4. جامع الجوامع
5. شرح اسماء الحسنيٰ
6. مڪتوبات شريف
7. سنڌيءَ ۾ شاعري (بيت، مولود ۽ ڪافي)

هت اسين مختصر طور سيد راشد روضي ڌڻي جي علمي ڪارنامن بابت مختلف عنوانن هيٺ مطالعو ڪنداسين.

## شاعري:

سيد راشد روضي ڌڻي پنهنجي وقت جو عارف، ڪامل ۽ وڏو عالم هو. ڪيس نه رڳو ڪتب بيني جو شوق هو پر وٽس شاندار ڪتب خانو پڻ موجود هو. پير حسام الدين شاهه راشدي ان سلسلي ۾ لکي ٿو:

"علم لغت ۾ خاص طرح ڪمال هئن، انهي فن ۾ چئن جلدن جو هڪ ضخيم ڪتاب به لکيائون. وٽن هڪ زبردست ڪتبخانو به موجود هو، جنهنجو مقابلو ان وقت ڪنهن جو به ڪتبخانو ڪونه ٿي ڪري سگهيو. سندن چوڻ هو ته "جيڪو ڪتاب خريد ڪندو ان گويا بهشت خريد ڪيو، وٽن جيڪي به ڪتاب ايندا هئا ته واڌاري قيمت به ڏيئي وٺندا هئا". (23)

پير راشد روضي ڌڻي جي اسان کي سنڌي ۾ شاعري پڻ ملي ٿي. جيڪا بيت ۽ ڪافي جي هيئت آهي. پير صاحب جو هن وقت تائين ملندڙ سمورو ڪلام ڊاڪٽر نذر حسين سڪندري پنهنجي پي.ايڇ.ڊي جي تحقيقي مقالي "مڪتوبات شريف ۽ سوانح حيات پير محمد راشد روضي ڌڻي" ۾ شامل ڪيو آهي. اسان جي سامهون پڻ روضي ڌڻي جي شاعري جي مطالعي لاءِ مذڪوره ڪتاب رهندو. پير راشد روضي ڌڻي جي ڪلام ۾ وحدت الوجود حقيقت، خود شناسي، حضور ﷺ جن سان عشق، حسن و جمال جا مضمون بيان ٿيل آهن. سچو سالڪ هر گهڙي يار کي پاڻ سان گڏ پائي ٿو. جانب هن جي جيءَ ۾ رهيل آهي. پير راشد روضي ڌڻي اهڙو اظهار هن طرح ڪري ٿو:

گڏيو وتين گڏ، سڄڻين ساهه پساهه سان،
کهڙا ڪبنا سڏ، اهڙي هوت هيڪاند کي.

(ص229)

عشق جي راهه تي سالڪ کي پاڻ سڃاڻڻو آهي. پاڻ سڃاڻڻ کان پوءِ حقيقي منزل پلئه پوي ٿي. روضي ڌڻي پاڻ کي سڃاڻڻ جي تلقين ڪجهه هن طرح ڪري ٿو.

پـــــر سڃاڻـــــڻ سئـــــرو، پـــــاڻ سڃاڻڻ ڏک،
تيسين ڪر مَ سک، جيسين پاڻ نہ سڃاڻين پنهنجـــو.

(ص228)

سيد راشد روضي ڌڻي، حضرت محمد ﷺ جن جي ثنا ۾ مولود پڻ لکيا آهن، جن ۾ حضور ﷺ سان پنهنجي محبت، عقيدت ۽ سڪ جو اظهار ڪيو آهي.

پير راشد روضي ڌڻي، سچل سرمست جو همعصر شاعر هو. ٻئي هڪ ئي علائقي ۾ هڪ ئي وقت موجود هئا. سچل سائين جي عشق ۽ تصوف واري فڪر جو اثر موجوده راشدي خاندان جي هن سرواڻ راشد روضي ڌڻي تي بہ پيو. سيد راشد جي ڪلام ۾ ڪيترائي خيال ۽ سٽون سچل سائين جي ڪلام سان مطابقت رکن ٿيون.

سچل سائين وحدت تان ڪثرت ۽ ڪثرت وحدت ڪل وارو بيان هن طرح ڪيو آهي.

”سچو“ سارو سچ ٿيو، منجهان ڪثرت ڪـــل،
الف مئون آدم ٿيو، ڪري هنگامو هـــــل،
هندومؤمن هڪ ٿيو، پول نہ ٻئي ڪنهن پل،
”خلـــق الاشياء فهوعينـــــها“ اهو آڻ عمـــل،
ٿج گلابي گل، مر مارنئي منصـــــــور جيان.

(24).

سيد راشد روضي ڌڻي اها ساڳي ڳالهه هن ريت ڪري ٿو:

وحدت ڪثرت ٿي، ڪثرت وحدت ڪـــــل،
اندر پرين ٻاهر پرين، ٻئي پـــول نہ ڪنهن پل،
هوءِ هلاچو هل، مڙئي آهه محبوب جـــــو.

(ص222)

عقل جا اختيار عشق جي حدن کي ڇهي نہ ٿا سگهن ۽ عشق جي خود ڪا بہ حد ناهي. هو لاحد آهي ۽ عاشق عقل جو حدون اورانگهي عشق جي حد ۾ جڏهن داخل ٿي ويندو آهي تہ دنيا وارا کيس ”چريو“ ڪري ڪوٺيندا آهن، پر ڪين اها سڌ نہ هوندي آهي تہ اهو ”چريو“ ئي لاحد ۾ داخل ٿي پنهون جو پرتو بڻجي ويندو آهي. سچل سائين اهڙو اظهار ڪندي چئي ٿو:

چـــــري چـــــري مَ چئو، چريو آهي لـــــــوڪ،
جو چرئي لڌو ٺوڪ، سو ”سچل“ آهي نہ سڪ هيـــــن.

(25)

اهڙو خيال اظهار ڪندي پير روضي ڌڻي چئي ٿو:

چريو سوئي لوڪ، جو چرين کي چريو چوي،
چرين ڏنو سو ٿوڪ، سياڻا سڪن تنهنڪـــي.

(ص228)

سيد راشد روضي ڌڻي جي ڪلام تي سچل سائين جي اثر بابت ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي لکي ٿو:

”پير صاحب، سچل سرمست جو همعصر هو. ٽيڪنڪ جي لحاظ کان پير صاحب جي ڪافي تي سچل سرمست جو رنگ نظر اچي ٿو. سچل سرمست کان اڳ هن نموني جي ڪافين واري ٽل ۽ وراڻي جو وجود ڪونهي.“ (26)

سيد راشد روضي متشرع عالم ۽ باڪمال صوفي هو. هن پنهنجي ڪلام ۾ جابجا حقيقت ۽ خود شناسي جا نڪتا بيان ڪيا آهن ته ٻئي طرف سندس ڪلام ادبي خوبين سان پڻ ٽمٽار آهي، تشبيهه، استعاري، تجنيس حرفي، ٻهاڪن، محاورن جو استعمال سيد راشد پنهنجي ڪلام ۾ خوب ڪيو آهي.

## ملفوظات

پير راشد جي خليفن سندن ملفوظات پڻ جـــوڙي تيار ڪئي. خليفي محمد حسن، پير صاحب جي حياتي ۾ سندن فرمودات جو هڪ مجموعو ”صحبت نامو“ جي نالي سان تيار ڪيو. جيڪو فقير عبد الرحيم سڪندري سنڌي ۾ ترجمو ڪري 1993ع ۾ شايع ڪرايو. ان کان سواءِ سندن هڪ خليفي محمود نظاماڻي ڪڙئي گهنور واري 1248ھ/1833ع ۾ پيرصاحب جي مڪمل ملفوظات بنام ”مجمع الفيوضات“ فارسي زبان ۾ گڏ ڪئي. جنهن جو سنڌي ترجمو پڻ شايع ٿي چڪو آهي. اهڙي طرح پير راشد روضي ڌڻي جا فارسي زبان ۾ لکيل مڪتوبات پڻ سنڌي ۾ ترجمو ٿي شايع ٿي چڪا آهن.

هت مختصر طوز سندن ملفوظات شريف مان ڪجهه روحاني نقطا نموني خاطر پيش ڪيون ٿا.(27)

1. عارف شخص جو وجود گلاب جي گل مثل آهي. جنهن جي فيض جي سرهاڻ هر خاص ۽ عام جي دماغ کي (سندس دلي ارادت مطابق) پهچندي آهي. عارفن جو ڪلام وري عرق گلاب جي مثل آهي جو انهن جي وصال کان پوءِ هرهڪ شخص پنهنجي پنهنجي قابليت ۽ اهليت مطابق انهن جي فيض جي خوشبوءِ سان پنهنجي دماغ ۽ روح کي معطر ڪندو رهندو آهي.
2. صوفي ۾ چار اکر (ص،و،ف،ي) آهن. ص معنيٰ اندر جو صادق هجي، و معنيٰ وفا ڪندڙ قول جو هجي، ف معنيٰ فاني نفس هجي ۽ ي معنيٰ ياري (مدد) خدا تعاليٰ کان طلبي.
3. عارف ۾ چارف حرف (ع،ا،ر،ف) آهن. ”ع“ معنيٰ عالي همت هجي. ”الف“ معنيٰ الله پاڪ کي ياد ڪري، ”ر“ معنيٰ هر حال ۾ راضي هجي، ”ف“ معنيٰ فارغ جهان ۽ خلق هجي.
4. ماڻهو پنهنجي پاڻ ولي پائين ٿا. (پر) انهن ۾ ولايت جو ڪوبہ اثر ڪونهي ۽ جيڪو شخص پاڻ کي پرهيزگار پائني ٿو اهو بہ تقويٰ جو صاحب نہ آهي. اولياء الله کي پاڻ تي نظر نہ هوندي آهي نڪي ٻين جي عيبن تي.

## شرح اسماء الحسنيٰ:

سيد راشد روضي ڌڻي جو هيءُ ڪتاب سندن رحلت کان پوءِ قلمي حالت ۾ رهندو آيو. تازو ئي ان جو سنڌي ترجمو شايع ٿيو آهي. هن ڪتاب ۾ روضي ڌڻي بادشاهہ، الله تبارڪ و تعاليٰ جي نوانوي اسم مبارڪن جي فارسي زبان ۾ نهايت ئي اعليٰ فڪر جي روحاني معنيٰ سمجهائي آهي، جيڪا سندن عرفان جي بدولت ٿي آهي. هيءُ ڪتاب توڻي جو اصل فارسي اجان تائين شايع نہ ٿيو آهي، پر ان جو

فقير عبدالرحيم سڪندري (مترجم) صحبت سپرين جي ترجمہ صحبت نامہ ص36، مدرسہ صبغة الهديٰ شاهپور چاڪر 1993ع.
12. حوالو نمبر3، مختلف صفحا، ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي، تذڪره شعراء سکر ص41.
13. ملفوظات شريف (جلد پنجون) ص391.
14. پير علي گوهر شاهہ "اصغر" جنم 14 رجب 1231ھ/1815ع تي سندس جنم پاڳار اول پير صبغت الله شاهہ اول جي گهر ٿيو. سندس تعليم ۽ تربيت سندن والد جي زير نگراني ٿي. فارسي ٻولي، ادب ۽ لغت تي ڪماليت حاصل ڪيائون. والد جي وفات بعد 15 ورهين جي ڄمار ۾ مسند نشين ٿيا. ڪافي جا اعليٰ شاعر ٿي گذريا آهن، اصغر تخلص ڪندا هئا. پنهنجي حياتي ۾ پنهنجي والد جي "ملفوظات خزانة المعرفت" جي عنوان سان سهيڙي ۽ پنهنجي والد جي ٿي خطن کي "خزانةالاسرار" جي عنوان هيٺ گڏ ڪيو. سندس ڪافين جو مجموعو ويجهي دور ۾ جماعت سڪندري درگاهہ پير ڳوٺ طرفان شايع ٿيل آهي، جنهن ۾ سندن شاعراڻي ڪمال ۽ اعليٰ عرفان جو عڪس موجود آهي. سندن خاص خليفن ۾ ناميارا شاعر فقير عبدالله ڪاتيار، خليفو نبي بخش قاسم ۽ سنڌي ٻولي جو ٻهريون صاحب ديوان شاعر خليفو گل هالائي شامل آهن. اصغر سائين پنهنجي حياتي ۾ درگاهہ جي نئين سر تعمير ۽ جماعت کي منظم ڪرڻ ۾ پڻ وڏو ڪردار ادا ڪيو. سندس رحلت 11 جمادي الاول 1263ھ/1846ع ۾ ٿي.
(اصغر سائين جو ڪلام، مقدمي جا مختلف صفحا)
15. ملفوظات شريف (جلد ڇهون) ص67-66، مڪتوبات شريف — صحبت نامہ ص113.
16. سيد عبدالحسين شاهہ موسوي، ديوان بيدل، ص386 سنڌي ادبي بورڊ.
17. مڪتوبات شريف، ص76 اصغر سائين جو ڪلام
18. اصغر سائين جو ڪلام، ص16.
19 ڊاڪٽر خان محمد لاڙڪ، حضرت پير محمد راشد روضي ڌڻي ۽ ان جون علمي، ادبي ۽ روحاني خدمتون، ص94 روشني پبليڪيشن حيدرآباد 2008ع.
20. اصغر سائين جو ڪلام.
21. مڪتوبات شريف ص76.
22. مڪتوبات شريف ص77.
23. سيد حسام الدين شاهہ، ڳالهيون ڳوٺ وٽن جون، ص602، 1981ع .
24. سچل جو ڪلام (سنڌي ڪافيون ۽ بيت) ص328.
25. سچل جو ڪلام (سنڌي ڪافيون ۽ بيت) ص328.
26. تذڪره شعراء سکر 43.
27. صحبت نامہ (مختلف صفحا).
28. سيد راشد روضي ڌڻي، شرح اسماء الحسنيٰ، ص70، سنڌي ترجمو، محمد اسماعيل ميمڻ سڪندري، 2008ع.

امام راشدي

# شاهه جو پروانو_ ڊاڪٽر گربخشاڻي

سنڌ علم وارن جو ديس آهي. هتان جي عالمن نه صرف هت ويهي تصنيف ۽ تاليف جو ڪم ڪيو، پر سنڌ کان ٻاهر به وڏيون علمي خدمتون سرانجام ڏنيون. علمي حوالي سان سنڌ ڌرتيءَ جو نالو روشن ڪندڙن ۾ مسلم توڙي هندو اسڪالر پيش پيش رهيا آهن. ورهاڱي کان اڳ سنڌ جي تعليم ۽ ادب جي ميدان ۾ هندو عالمن جي گهڻائي هئي. ادب جي هر شعبي ۾ سنڌن علمي خدمتون تمام گهڻيون آهن. تعليم جي حوالي سان هندو مسلمانن کان گهڻو اڳتي هئا. هندن انهن شعبن ۾ ترقي ڪئي ۽ خير خواهي، نيڪي ۽ ڀلائيءَ جا ڪم به ڪيائون، سماجي معاملن ۾ شوق سان حصو وٺندا هئا. سنڌ جي خدمت به واهه جي ڪيائون. پير حسام الدين راشديءَ پنهنجي يادگيرين واري ڪتاب "هُوڏوڻي هُو ڏينهن" ۾ لکيو آهي ته:

"هندو هر قوم جي سربراهن خواه شاهوڪارن پنهنجي ڪمائيءَ کي هميشه قومي ورثو ۽ اثاثو سمجهيو، امانت ۽ اوقو سمجهيو. هنن پنهنجي تعليم لاءِ ڪاليج ۽ بورڊنگ تعمير ڪرايا، عام خلق خداءِ جي فائدي ۽ بهبوديءَ لاءِ اسپتالون ٺهرايون ۽ سينيٽوريم قائم ڪيا. يتيم گهر، هنري اسڪول ۽ بيوهه خانا جوڙايا. عام خلق جي آرام ۽ آسائش لاءِ پارڪ باغ ۽ تفريح خانا تعمير ڪيا. حتاڪ باغن ۾ بينچون به هنن ئي خريد ڪري رکيون تاڪ هندو- مسلمان ٻئي اچي ٻهر پاڇو ساهي پٽي سٽير ٿين. جانورن جي پاڻي پيئڻ لاءِ هوديون به جاءِ بجاءِ هنن جي خيراتي فنڊن مان ٺهيون، جن مان هميشه مسلمانن جي ئي ڳئن ڳهوڙن پاڻي پيتو. اهڙيءَ طرح نه ڇڙو اهي قومي ۽ انساني ڪارج هنن جي هٿان سڌا ٿيا. بلڪ سچ ۽ ڪوڙ ۾ جيڪڏهن تميز ڪبي، بوڌ ۽ ڏانڌل کي ڇڏي ڏبو ته معلوم اهو ئي ٿيندو ته حقيقت ۾ سنڌ کي هندن آڏيو، ملڪ کي انهن سينگاريو ۽ سنواريو." (ص 60)



انگريزن جي سڄي دؤر ۾ پڻ هندو عالمن کي تمام گهڻي پذيرائي ملي ۽ انگريزن به سندن علم ۽ هنر مان خوب فائدو ورتو. انهيءَ زماني ۾ هندو عالمن جي هڪ وڏي کيپ علمي، ادبي ۽ تحقيقي ڪم ڪار ۾ سرگرم رهي. جن سنڌي ٻولي، ادب، ثقافت، تاريخ ۽ قديم آثارن کي اُجاگر ڪرڻ ۾ نمايان خدمتون سرانجام ڏنيون. اهڙن ئي هندو عالمن ۾ ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ جو نالو تمام گهڻي اهميت رکي ٿو.

ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ جو نالو هوتچند ۽ پِتا جو نانءُ مولچند هو. انهيءَ سبب پنهنجو مڪمل نالو 'هوتچند مولچند' لکندو هو. گربخشاڻي سندس پاڙو/ ذات هئي.

ڊاڪٽر هوتچند مولچند گربخشاڻي 8- مارچ 1883ع ۾ حيدرآباد سنڌ ۾ ڄائو. زندگيءَ جون چوهٺ بهارون ماڻي 11- فيبروري 1947ع ۾ پرلوڪ پڌاري ويو. سندس وڏڙا جهوڪ واري بزرگ صوفي شاهه عنايت شهيد جي درگاهه سان وڏي عقيدت رکندا هئا ۽ خيال به صوفياڻو رکندا هئا. ڊاڪٽر صاحب جو خاندان "حيدرآبادي عامل" سڏبو هو. هِن جو ڏاڏو ديوان نئن سڪداس زميناري ڪندو هو. جڏهن ته سندس پِتا روينيو کاتي ۾ ملازم هو.

ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ حيدرآباد، ڪراچي، بمبئيءَ ۾ تعليم حاصل ڪئي. بعد ۾ تعليم کاتي سان ئي وابسته ٿي ويو. اول ڊي جي سنڌ ڪاليج ۾ پروفيسر ٿيو، بعد ۾ انهيءَ ڪاليج جو پرنسپال مقرر ٿيو. ان وچ ۾ لنڊن يونيورسٽيءَ مان "انگريزي شاعريءَ ۾ تصوف" جي عنوان سان مقالو لکي، پي ايڇ. ڊي ڪيائين. سندس شاگردن ۾ علامه عمر بن محمد دائود پوٽو، ميران محمد شاهه ۽ خانبهادر محمد ايوب کهڙو

ڪنهن بہ مخصوص يا محدود علائقي جو شاعر هرگز ناهي. ان جي برعڪس گربخشاڻيءَ جي انهيءَ نظريي کي ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ ’حقيقت جي خلاف‘ سڏيو آهي.

جنهن دؤر ۾ جن حالتن ۾ ڊاڪٽر گربخشاڻي ’شاهہ جو رسالو‘ شايع ڪيو، اهو شاهہؒ تي ڪوجنا وارو ابتدائي دور هو. تحقيق ۽ مواد جي ڪوٺ سان گڏ آمد رفت ۽ ذرائع جا وسيلا پڻ محدود هئا. گربخشاڻيءَ کي رسالو شايع ڪرڻ ۽ نيڪال ڪرڻ ۾ جيڪي تڪليفون سَهڻيون پيون، انهن جو احساس ۽ اهميت جو قدر بہ ڪير ئي هوندو. هن صاحب ڪيئن بہ، ۽ ڪهڙي بہ طريقي سان شاهہ جو رسالو سنڌ جي زميندارن ۽ وڏيرن تائين رسايو. پير علي محمد راشديءَ لکيو آهي تہ:

”شاهہ صاحب جي ڪلام جي مقبوليت ۽ سندس اعليٰ شخصيت جي ناقدريءَ جو هيءُ حال هو جو ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ جو رسالو شايع ٿيو تہ ان کي خريد ڪرڻ وارو ڪو نہ ٿي مليو. ڊاڪٽر صاحب ڪتاب جي تياري ۽ ڇپائيءَ تي پنهنجي هَرّان گهڻو خرچ ڪري چڪو هو. نفعو تہ نهيو، پر اهو خرچ بہ ٻُڇيءَ ۾ پئجي ويو هوس. مجبور ٿي هن صاحب پنهنجن ڪتابن جا نسخا ذاتي دوستن ۽ اڳوڻن شاگردن ڏانهن، جيڪي هينئر سرڪاري عهدن تي چڙهيل هئا، موڪليا تہ هُو زور مس ڪري سنڌ جي زميندارن مٿان مڙهين ۽ ڪانئن قيمت وصول ڪن. قيمت بہ ايڏي وڏي ڪانہ هئي، پر خوشيءَ سان وٺڻ وارو ڪو نہ ٿي مليو. مختيارڪارن ۽ ڊپٽي ڪليڪٽرن جي زور بار پوڻ ڪري ڪيترن وڏيرن ڪتاب خريد ڪيا، پر گهر پهچڻ کان پوءِ ڪُنڊ پاسي اُڇلائي پئي ڇڏيا. گهڻن زميندارن جي اوطاقن ۾ مون ان لاجواب ڪتاب تي پکين کي وِٺيون لاهيندي ڏٺو.“ (اُهي ڏينهن اُهي شينهن- 2، ص 345-346)

پير علي محمد راشديءَ جي انهيءَ راءِ ۾ شاهہ جي ڪلام سان سنڌي ماڻهن جي عدم دلچسپي ۽ ناقدريءَ تي خوب ڇنڊ ڪئي وئي آهي، جيڪا درست بہ آهي. انهيءَ زماني جون حالتون ئي اهڙيون هيون. تعليم جو فقدان سنڌي مسلمانن وٽ گهڻو هو. پوءِ بہ گربخشاڻي صاحب جي هِن ڪم کي وڏي قدر جي نگاهہ سان ڏٺو ويو. پاڻ بہ لکيو اٿس تہ:

”رسالي جو پهريون جلد گهڻ وقت کان ناياب آهي ۽ ان جي طلب ڏينهون ڏينهن وڌندڙ آهي.“ (مقدمہ لطيفي- ديباچو)

انهيءَ مان ظاهر ٿيو تہ سندس مرتب ڪيل ’شاهہ جي رسالي کي‘ ڀرپور موٽ ملي هئي. ان جي مقبوليت جو ٻيو سبب اهو بہ ڏسجي ٿو تہ، شاهہ جي رسالي جا جلد ٽڪرا ٽڪرا شايع ٿيا. ڀلي ڪٿي گربخشاڻي صاحب آفيسرن يا شاگردن جي مدد سان رسالو نيڪال ڪيو، پر ان سان گهٽ ۾ گهٽ هڪڙو فائدو ضرور ٿيو جو سنڌين جي گهرن ۾ شاهہ جو رسالو پهچي ويو. پوءِ ڀل تہ ان کي پوٿيون پارائي قرآنن سان گڏ رکيو ويو هجي، پر سنڌين وٽ شاهہ جي رسالي جي سُڃاڻپ قائم ٿي. يا ائين ڪٿي چئجي تہ شاهہ جو ۽ سنڌين جو پاڻ ۾ سُبنڌ جُڙيو. پير حُسام الدين راشديءَ لکيو آهي تہ:

”خدا بخشي گربخشاڻي مرحيات کي جنهن حقيقت ۾ ’شاهہ جو رسالو‘ جديد طرز تي انگريزي نموني جي تحقيق سان سهڻي نموني ڇاپرائي ڪامورن جي ذريعي زوريءَ مسلمانن تائين پهچايو.“ (هُو ڏوٿي هُو ڏينهن- ص 77)

گربخشاڻيءَ جو هيءُ ڪم پنهنجي نوعيت جو جديد طريقي سان سرانجام ڏنل هو، جنهن اڳتي هلي وڏي پذيرائي ماڻي. ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ لکي ٿو تہ:

”ڊاڪٽر هوتچند مولچند گربخشاڻي پهريون ڀيرو خالص علمي تحقيقات جي بناء تي شاهہ جو رسالو مرتب ڪيو.“ (شاهہ جو رسالو- جلد پهريون- ص 82)

بلوچ صاحب وڌيڪ لکيو آهي تہ:

”رسالي جي وڌيڪ صحيح مَتن ۽ ترتيب ڏانهن توجهہ هن پوئين ويجهي دؤر ۾ ٿيو. 1920ع- 1930ع واري عرصي ۾ ڊاڪٽر هوتچند مولچند گربخشاڻي پهريائين انهيءَ طرف توجهہ ڏنو ۽ رسالي کي نئين سر تاليف ڪيائين.“ (ص 140)

شاهہ جو رسالو شايع ڪري ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ هڪ وڏو ڪارنامو سرانجام ڏنو. پير علي محمد راشديءَ ايترو بہ لکيو آهي تہ:

زبان ۾ زور بيان ڏيکاري ٽالپرن کان انعام اڪرام، خلعتون ۽ جاگيرون پيو حاصل ڪري! اِهو دور 1790ع کان شروع ٿيو ۽ فيبروري 1843ع تي پنهنجي پڄاڻي تي پهتو.

هِتي هڪ ڳالهه لکندو هلان، جيڪا دلچسپي سان گڏ تاريخي به آهي. 52 سال برابر ٽالپرن جي دربار عالمن، شاعرن ۽ اديبن سان سٽيل ۽ سنواريل رهي; پر افسوس! جو انهن ٻاونجاهه سالن ۾ ڪهڙا ڪهڙا عالم، شاعر ۽ اديب اُن ۾ شريڪ ٿيندا هئا ۽ انهن دربار ۾ ڪهڙا شعر پڙهيا؟ اُن جو ڪوبه احوال نه ٿو ملي!! سواءِ چند شاعرن ۽ هڪ ٻن شعرن جي، باقي سڄو خانوخالي نظر ٿو اچي!! نه اهڙو ڪو احوال تذڪري يا تاريخ جي صورت ۾ لکيو ويو ۽ نه ئي ڪنهن ياداشت طور ڪا اهڙي يادگار لکت لکي ويئي، جنهن مان ان ٻاونجاهه سالن جي علمي ادبي تاريخ جي پروڙ پئجي سگهي. اُن ٻاونجاهه سالن ۾ علمي، ادبي ۽ تاريخي طور جيڪي ڪجهه ٽالپرن جي دربار ۾ پڙهيو ويو، سو يا ته قلعي جي چوڏيواري ۾ ئي سمائجي ويو يا وري اڏوهي جو کاڄ ٿي وڃي دريا حوالي ٿيو. باقي جيڪو بچيو سو وري ڪنهن تائين محدود رهيو آهي! ممڪن آهي ته ڪنهن سڄڻ کي ان بابت ڪا معلومات هجي ۽ وٽس ڪو تحريري مواد پڻ هجي، سو خدا بهتر ٿو ڄاڻي؟ باقي مون کي ان باري ۾ ڪا به تاريخي ۽ تحقيقي تحرير يا مواد نه ملي سگهيو آهي.

ٻي محفل مشاعره سنڌ جي مشهور مرثيه نگار ۽ مرثيه خوان ميرزا فتح علي بيگ 'فتح' 1850ع ۾ پنهنجي تعمير ڪرايل امام بارگاهه علي آباد ۾ شروع ڪرائي. جتي پاڻ ايام محرم جي مجلسن ۽ خوشي جي محفلن کان علاوه هر جمعرات تي محفل يا مجلس جو سلسلو پڻ قائم ڪيو. جنهن ۾ حيدرآباد، خيرپور، ٺٽو، سکر، روهڙي ۽ سنڌ جي ٻين مقامات مان ڪيترائي عالم ۽ شاعر شريڪ ٿيڻ لڳا.

اِهو آغاز ٿيو ته 1850ع کان شروع، پر ان زور 1863ع ۾ ورتو. ان دوران لکنؤ مان مولانا سيد ابوالحسن لکنوي کي مير حسن علي خان ٽالپر گهرايو، جيڪو امام بارگاهه علي آباد ۾ رهندو هو ۽ سنڌ جو مايه ناز غزل گو شاعر سيد غلام محمد شاهه 'گدا' به انهيءَ دور ۾ ئي اچي ٽنڊو آغا ۾ ميرزا فتح علي بيگ وٽ رهيو. جن جي اچڻ سان ڀرپور نموني علمي، ادبي ۽ شعر و شاعري جون محفلون ٿيڻ لڳيون ۽ سال 66-1865ع ڌاري مولانا ابوالحسن لکنوي ۽ گدا شاهه جي خواهش ۽ مشوري سان امام بارگاهه علي آباد ۾ بزمِ فتح پڻ قائم ٿي.

اِهوئي دور هو، جو مير حسن علي خان ٽالپر مولانا سيد ابوالحسن لکنوي کي هندوستان ۾ موڪليو، ته اردو جي نامور مرثيه گو شاعرن ميرزا دبير ۽ مير انيس کي اسان جي دعوت تي سنڌ ۾ وٺي اچو. مولانا صاحب مير انيس سان مليو ۽ کيس مير صاحب جو پيغام ڏنو. جنهن تي هن ان وقت هندوستان ۾ نامساعد حالات سبب سنڌ ۾ اچڻ کان معذرت گهري ۽ تحفي طور بطور يادگار پنهنجا سلام، مرثيه ۽ پنهنجي هڪ تصوير مولانا صاحب هٿان ميرصاحب ڏي ڏياري موڪلي. مير صاحب اهي مرثيه ۽ سلام پاڻ پڙهي، پوءِ ميرزا فتح علي بيگ کي ڏنا ۽ مير انيس جي تصوير پڻ کين ڏني، جيڪا ميرزا عباس علي بيگ سال 1970ع واري "ماه نو" رسالي ۾ شايع ڪرائي.

جڏهن مولانا صاحب، ميرزا دبير سان مليو ۽ کين مير صاحب طرفان سنڌ اچڻ جي دعوت ڏني ته، ميرزا صاحب اِها دعوت قبول ڪئي ۽ مولانا صاحب سان گڏجي حيدرآباد سنڌ ۾ آيو. جتي پاڻ مير حسن علي خان ٽالپر سان مليو ۽ مير صاحب جي خواهش ۽ ميرزا فتح علي بيگ جي دلي تمنا تي ميرزا دبير امام بارگاهه علي آباد ۾ تقريباً 6 مهينا مهمان ٿي رهيو. هندستان جي هِن ٻن نالي وارن مرثيه گو شاعرن کي سنڌ جي ادبي ايوان ۽ مذهبي ميدان ۾ ميرزا فتح علي بيگ ۽ مير حسن علي خان ٽالپر روشناس ڪرايو.

بزمِ فتح پاران ٿيندڙ محفلن ۽ مشاعرن ۾ حمد، نعت، قصيده و منقبت، سلام ۽ مرثيه پڙهيا ويندا هئا. پر سال 72/1870ع ڌاري گدا شاهه جي چوڻ تي بزمِ فتح طرفان غزليه مشاعره به ٿيڻ شروع ٿيا. جنهن ۾ گدا شاهه جي بيحد اصرار ۽ خواهش تي ميرزا فتح علي بيگ جي ٻن پٽن ميرزا غلام حيدر بيگ 'قنبر' ۽

سنڌي ادبي سنگت سنڌي ادب جي واڌاري لاءِ ڪوششون ڪري رهي هئي ته بزمِ خليل به پنهنجون مخلصانہ ڪوششون سنڌي شعر و شاعري ۽ ادب کي عام ڪرڻ جون ڪري رهي هئي.


شيخ اياز

سنڌي ادبي سنگت پنهنجي پوري اوج تي پهچي چڪي هئي ۽ بزمِ خليل خزان ۾ بهاري لڳايو پي آئي ته پوءِ اوچتو الائجي ڪهڙو واءُ وريو جو سنڌي اديبن ۽ شاعرن ۾ ڦوٽ پوڻ شروع ٿي. جنهن جي ابتدا ڊاڪٽر خليل ۽ مولانا گرامي جي وچ ۾ ادبي جهيڙي سان شروع ٿي، وڏو ممڻ مچي ويو! هڪ ٻئي کي سوال و جواب ۾ لڳي ويا، جيڪي ان وقت هلال پاڪستان ۽ ڪاروان اخبارن ۾ شايع ٿيندا هئا. هنن ٻنهي جي تنازع ۾ اڃا مس ناپر آئي، ته وري بحث جو ميدانِ ڪارزار گرم ٿيڻ لڳو! ٻه شيخ شيڪرجي شينهن ٿي ادبي ميدان ۾ ڪاهي پيا ۽ پوءِ ته دمادم مست قلندر لڳي وئي...! اهي ٻه شيخ هئا: ڊاڪٽر شيخ محمد ابراهيم خليل ۽ شيخ اياز! انهن ڏينهن ۾ شيخ اياز جي شاعري جا ٻه مجموعا "ڀؤنر ڀري آڪاس" (1962ع) ۽ "ڪلهي پاتم ڪينرو" (1963ع) شايع ٿيا. جن تي ڊاڪٽر خليل تنقيد ڪئي. اهو تنقيدي سلسلو هلي رهيو هو، جو مولانا غلام محمد گرامي هڪ طويل مقالو "مشرقي شاعري جا فني قدر ۽ رجحانات" جي عنوان سان لکيو، جيڪو مهراڻ رسالي 3-1964/2ع ۾ شايع ٿيو. جنهن ۾ هن شيخ اياز جو بهتر دفاع ڪيو آهي. ان مقالي جو جواب ڊاڪٽر خليل ۽ شيخ عبدالرزاق ڏنو. ماشاءالله هتي به مدِمقابل شيخ صاحبان ئي هئا! ڊاڪٽر خليل ۽ عبدالرزاق راز کي ان مقالي ۾ ڪي فني اوڻايون نظر آيون، جن ان جو تنقيدي ۽ تحقيقي تجزيو ڪندي جواب ڏنو، جيڪو اخبارن ۾ شايع ٿيندو رهيو.

"مشرقي شاعري جا فني قدر ۽ رجحانات" سال 1992ع ۾ سنڌي ادبي بورڊ ڪتابي صورت ۾ ڇپائي پڌرو ڪيو. جنهن تي ڊاڪٽر غلام علي الانا صاحب هڪ تحقيقي مقدمو لکيو. ڊاڪٽر صاحب مقدمہ جي صفحي 40 تي لکي ٿو ته "ڪهڙو نہ بهتر ٿئي ها جو هن ڪتاب جي آخر ۾ انهن تنقيدي مقالن ۽ مضمونن کي بہ ضميمي طور شامل ڪيو وڃي ها جن جو گرامي صاحب بہ ذڪر ڪيو آهي ۽ جيڪي اُن وقت جي قابل اديبن ۽ شاعرن لکيا هئا." بهتر هو بہ ائين، ته ان مقالي سان گڏ ڊاڪٽر خليل ۽ عبدالرزاق راز جو تنقيدي جواب به هڪ ئي ڪتاب ۾ شايع ٿئي ها ته پڙهندڙن جي اڳيان ٻئي پهلو اچي وڃن ها ۽ ڪتاب جي افاديت وڌي وڃي ها!

اهوئي ادبي بحث هلي رهيو هو، جو سيد سردار علي شاهہ ۽ ٻين ڪن اديبن ڏهين رمضان تي محمد بن قاسم جو ڏهاڙو ملهائڻ شروع ڪيو ۽ مهراڻ اخبار ۾ ان سلسلي ۾ مضمون وغيره به شايع ٿيڻ لڳا. هاڻي هڪ طرف ڊاڪٽر خليل، رشيد احمد لاشاري، سردار علي شاهہ ۽ چند ٻيا هنن جا هم خيال تعلق رکندڙ اديب ۽ شاعر هئا ۽ ٻي طرف شيخ اياز، مولانا گرامي، محمد ابراهيم جويو ۽ ٻيا نئين ٽهي جا شاعر ۽ اديب هنن سان لاڳاپيل هئا، سي بحث کي لڳي ويا، جن سان محترم پير حسام الدين راشدي، محمد عثمان ڏيپلائي ۽ ٻيا وڏا وڏا اديب پڻ شامل هئا. سوال جواب جو سلسلو جاري هو، آخر معاملو مچندي مچندي وڃي ڪورٽ جي ڪٽهڙي تائين پهتو...! خدا ڀلو ڪري علائقہ مئجسٽريٽ حيدرآباد مسٽر مجنون صاحب جو، جنهن سڀني کي ڪيسن مان بَري ڪري ڇڏيو.

اِهي سنڌي اديب شاعر جي ٻن حصن ۾ ورهائجي ويا ۽ خليل واري ٽولي کي رجعت پسند ۽ اياز جي طرفدار اديبن شاعرن کي ترقي پسند جا نالا لقب القاب ڏئي هڪ ٻي تي گند اڇلائيندي هڪڙي ڌماچوڪڙي مچائي ڇڏي. جنهن سنڌي اديبن ۽ شاعرن ۾ حد کان وڌيڪ ويڇو وجهي ڇڏيو ۽ اهڙو نفرت جو ٻج ڇٽيو جو طرفين هڪ ٻئي کان ٽهي هڪ ٻئي کان بيحد نفرت ڪرڻ لڳا! آخر مولانا گرامي، جنهن کي رب پاڪ جنت ۾ جايون ڏي، ان هڪ قطعہ ان سلسلي ۾ لکي اِهو سلسلو منقطع ڪري ڇڏيو.

### سلطان

بحر الفت ۾ ڪوئي پاڻ سنڀاري ته سهي، ڪشتيءِ دل کي ڪٺي پار اڪاري ته سهي.
تيغ ابرو جا مون کي زخم به منظور آهن، چشم الفت سان مگر هو به نهاري ته سهي.
ٿيا گهڻا طالب ديدار اي سلطان ليڪن،
شمع وانگر ڪو ٻري رات گذاري ته سهي.

## مصرع طرح: ڪنهن کي نه پنهنجي دل جو ڪڏهن رازدان ڪجي

### خليل

ڳوڙهن کي روڪي هجر ۾ ضبط فغان ڪجي، طوفان اٿي جو دل ۾ سو اک ۾ نهان ڪجي.
رسوا ٿيڻ گهرين ٿو نه دنيا ۾ جيڪڏهن، ڪنهن کي نه پنهنجي دل جو ڪڏهن رازدان ڪجي.
مشتاق آهه تنهنجي جبين سجدي لئي جڏهن،
ڳولي 'خليل' هٿ ۾ ته ڪو آستان ڪجي.

### ڪوثر

دک درد پنهنجي قوم جو اڄ ڪو بيان ڪجي، گڏجي انهيءَ جو داروئي درد نهان ڪجي.
آهي ايهو اصول سياست جو اصل ڪان، ڪنهن کي نه پنهنجي دل جو ڪڏهن رازدان ڪجي.
سنڌي ادب جي باغ کي 'ڪوثر' جي آب سان،
سرسبز رکجي ثانيءَ باغ جنان ڪجي.

### منظور/حامد

محبوب ڪنهن کي پنهنجو اگر آس مان ڪجي، ان جو مثال ڪنهن کي نه پوءِ آسمان ڪجي.
جو عام پنهنجي غم جو ڀلا داستان ڪجي، ڪنهن کي نه پنهنجي دل جو ڪڏهن رازدان ڪجي.
'ڪوثر' به فيضاب ٿيو فيض 'خليل' کان،
توصيف ان جي 'حامد' شيرين بيان ڪجي.

## مصرع طرح: مستي ۾ آهي ساقي گردش ۾ جام آهي

### خليل

محفل ۾ ميڪشن جي اڄ ڌوم ڌام آهي، مستي ۾ آهي ساقي گردش ۾ جام آهي.
محفل سڄي ۾ ساقي محروم مان رهيس، جو سخت مون کان ورتو تو انتقام آهي.
ٻڌندي ته مست ٿيندي بزم سخن سراسر،
اهڙو 'خليل' رنگين تنهنجو ڪلام آهي.

### منظور/حامد

بزم خليل ۾ اڄ هي ڌوم ڌام آهي، مستي ۾ آهي ساقي گردش ۾ جام آهي.
رندن کي پيئڻو اڄ ڪوثر جو جام آهي، بزم خليل ۾ ٿيو جو انتظام آهي.
'حامد' ڪلام آهي رنگين تنهنجو بيشڪ،
رنگين تنهنجو بيشڪ حامد ڪلام آهي.

# مصرع طرح: اجان تنهنجا جلوا ستارن ۾ هوندا

## ڪوثر

سرافراز جي نامدارن ۾ هوندا،      سي ٿي تنهنجي اميد وارن ۾ هوندا.
شب هجر تارن سان تارن ملي چو،      اجان تنهنجا جلوا ستارن ۾ هوندا.
’خليل‘ اڄ سڏيو دوستن کي ڪلب ۾،      مزا خوب اڄ قلب وارن ۾ هوندا.

مرصع ڏسي نظر تنهنجا اي ’ڪوثر‘،
سنڌ ۾ چرچا اڄ علم وارن ۾ هوندا.

## منظور/حامد

جي شامل ٿيا حُسن وارن ۾ هوندا،      اهي خوبتر اڄ نظارن ۾ هوندا.
هليو ويو تون آهين مگر يار جاني،      اجا تنهنجا جلوا ستارن ۾ هوندا.

رقيبن جي پرواهه ’منظور‘ ناهي،
سڄڻ منهنجا خود پاسدارن ۾ هوندا.

## صائب

خم و جام جن جي اشارن ۾ هوندا،      الائي سي ڪهڙن خمارن ۾ هوندا.
يدِ بيضا ۽ طُور پُرنور ها، پر      اجا تنهنجا جلوا ستارن ۾ هوندا.

لڪيو هوندَ تہ ’صائب‘ ڪنارا وڃن ٿا،
لڪل ڪيئي طوفان ڪنارن ۾ هوندا.

## تنوير عباسي

چڙي منزلون جيڪي ڳوليندا رهبر،      اهي گم سدا رهگذارن ۾ هوندا.
نہ هوندا تہ دريا ۾ ڀي ڪين هوندا،      جي هوندا تہ طوفان ڪنارن ۾ هوندا.

اهو وقت ڀي نيٺ ’تنوير‘ ايندو،
جو افلاڪ پنهنجي اشارن ۾ هوندا.

# مصرع طرح: هي سرمد و منصور جو آواز نہ آهي

## خليل

هڪ سوز اُهو جنهنجو تہ ڪو ساز نہ آهي،      هڪ درد اُهو جنهنجو ڪو آواز نہ آهي،
هر ساز جي پردي ۾ تہ خود تون پيو ٻولين،      هي سرمد و منصور جو آواز نہ آهي.

بيڪار ’خليل‘ آهي رهائي جي تمنا،
بازو ۾ اگر قوت پرواز نہ آهي.

## منظور/حامد

افسوس مليو مون کي ڪو همراز نہ آهي،      ڪنهن ساڻ سَليَم دل جو ڏٺهن راز نہ آهي.
پر سوز ٻڌي منهنجو تہ آواز چو بلبل،      هي سرمد و منصور جو آواز نہ آهي.

هر حال ۾ تو ساڻ وفادار رهيو آ،
’منظور‘ مٺا، يار دغا باز نہ آهي.

”تصوف جي ابتدا جيتوڻيڪ ٽين صدي جي آغاز ۾ ٿي، پر پنجين صدي، ان جي شباب جو زمانو هو، اهو ئي زمانو غزل جي ترقيءَ جو دور سمجهيو وڃي.“

عورت، انسانن جي دنيا ۾ هڪ لطيف ۽ جاذب شيءِ تصور ڪئي وئي آهي. هر دور ۾ هر ملڪ ۾ عورت، انساني زندگيءَ ۾ هڪ اهم رُتبو ماڻيو آهي ۽ هر دل و دماغ تي هڪ خاص اثر پيدا ڪيو آهي. تنهنڪري غزل جي سرمايي جي شروعات عورت جي مختلف صفات جي موضوع سان شروع ٿي آهي. عشق ومحبت جا جذبا ڪجهه عرصي کان پوءِ تصوف جي صورت اختيار ڪري غزل جو موضوع بڻيا ۽ آهستي آهستي فلسفيانہ مسئلا بہ غزل جي صنف ۾ ڪجهه جاءِ والاري ويٺا. مطلب تہ عشق و محبت ۽ حسن و جمال جو هڪ نفيس دلڪش ۽ مستقل موضوع هو، جيڪو سنڌ جي روحاني پيشوا مخدوم محمد زمان طالب الموليٰؒ جي غزلن ۾ بہ موجود آهي.

غزل، دنيائي شعر وادب جو قابلِ فراموش سرمايو پڻ آهي. مشرق جي متقدمين ۽ شاعر جو تقريباً ٽن سؤ سالن جو بيش بها علمي ۽ ادبي خزانو اسان وٽ غزل جي صورت ۾ موجود آهي. غزل، مشرقي شاعريءَ جي ادبي روايتن ۽ فڪري ارتقا جو هڪ اهڙو آئينو آهي، جنهن ۾ اسان مشرقي شاعرن جي بيش بها علمي ادبي خدمتن جو عڪس ڏسي سگهون ٿا. عشق و محبت، انساني سرشت ۾ فطرت جو هڪ اهم حصو آهي، جيڪو انساني دنيا جي زندگيءَ تائين قائم رهندو ۽ غزل ان جو مبلغ اعظم ٿي ڪم ڪندو رهندو.

مخدوم محمد زمان طالب الموليٰؒ سنڌ جي رهاڪن کي پنهنجي شاعريءَ جي ذريعي اهم موضوعات مهيا ڪري ڏنا آهن. گل وبلبل جي شاعريءَ سان گڏوگڏ غم دوران جون تصويرون پڻ پيش ڪيو آهن. مخدوم صاحب هجرو وصال جي داستان ۾ غم جانان جون انيڪ ڪيفيتون بيان ڪيون آهن. پراڻن موضوعات ۾ جديد مضمونن ۽ جديد رجحانن کي سمائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، جن مان جدت ۽ ندرت جون جهلڪيون نظر اچن ٿيون. انوکن خيالن تي خاص توجهہ ڏنو ويو آهي. انداز ۽ اسلوب جي لحاظ کان غزل جي نرميءَ ۽ نزاڪت کي مقدم رکيو ويو آهي. ان ۾ شڪ نہ آهي تہ مخدوم صاحب سنڌي، اردو ۽ فارسيءَ جي قديم اساتذہ سخن کان متاثر آهي. مخدوم صاحب وڏي پيار ۽ پاٻوهہ سان سنڌي شاعري ڪئي آهي، ۽ پنهنجي سنڌي شاعريءَ ۾ روايتي لوازم کي پڻ برقرار رکيو آهي، جنهن ڪري سندن ڪلام ۾ انيڪ ترڪيبون، محاورا ۽ تشبيهون پڻ موجود آهن. مثلاً: سندن هڪ شاهڪار غزل ملاحظہ ڪريو:

رشڪ بخت سيہ رشڪِ تاريڪ شب هن جا زلف دوتا خوشنما خوشنما
الله الله جبين ضوفشان ضوفشان، جلوہ گر جلوہ گر يا خدا يا خدا
تيغ برانٔ فگن، غيرت سيف زن، خنجر صف شڪن ابروئي جان من
رشڪ مستيءِ چشم قلندر نظر دلربا دلربا ڪيفزا ڪيفزا.
روح جادو گري هن جا شرم و حيا عشوہ ونازو انداز سڀ معجزا
گفتگو مظهرِ خرق عادات ٿي هن جي هرهڪ ادا اوليا اوليا.
هن جي رمز خموشي ۾ دنيا بہ گم ۽ تبسم سان عالم ڪري زير وزبر
هن جي گفتار ۾ زندگي زندگي هن جي رفتار ۾ ڪربلا ڪربلا
جنهن تان ديرو ڪليسا هميشہ فدا جنهن تي سجدہ ڪنان روز شب بتڪدہ
جنهن تي هر ڪنهن جبين کي سڪون ٿو ملي منهنجي محبوب جا نقش پا نقش پا
هن جي شيرين زباني تان صدقي ٿين دمبدم مطرب وبربط وچنگ ني
هن جي طرز تڪلم تان قفس فدا لحن دائود چئي واهو واهوا

'صائب' وري ساقي جو ذڪر نهايت دلفريب نموني سان ڪيو آهي:-

"امشب ازساقي بس گرم است محفل، ميتوان
شمع گرخموش يا شد، آتش از ميناگرفت."

مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ بہ مئي ۽ ميخاني جو ذڪر پنهنجي غزليات ۾ هن طرح سان ڪري ٿو:-

ويا جيڪي بہ ساقي وٽ اهي مينوش ٿي موٽيا
صفا صوفي بہ ميخاني منجهان مدهوش ٿي موٽيا
ڪڏهن پريل نہ ڇڏينداسون ساقي پيمانا
اسان جي دم سان ٿي آباد رهندا ميخانا
سندم معيار مينوشي جا ميخانا اٿو شاهد
سڀئي ساغر سُبو ساقي ۽ پيمانا اٿو شاهد
تون پيئڻ کان اڳ اي ميڪش اهل ميخاني کي پڙهہ
ساقيء مهوش کي پيمائش کي پيماني کي پڙهہ
ڏي شرابِ چشم گون جو جام پُر اي ماهوش
تا زماني جي خيالن کي اچي ڪاغش تي غش
جڏهن ساقي جي ابرو مان ٿيم هڪڙي چُڪي حاصل
نشا ٿيا نينهن جا غالب حقيقي ٿي خوشي حاصل
چشم رشڪ مي ئي ٿيندي آهي ميخاني جي دل
۽ شراب لال ٿيندو آهي پيماني جي دل
پلي خُم جا خُم بہ ڪپي وڃن نہ پيئڻ کان موڙبو منهن ڪڏهن
پلا دستِ ساقي جي اڳيان ڪبيون نيٺ کهڙيون قناعتون
اڄ ميڪده ۾ طالب مولا اچي پيو
پيمانا تنهنجي لئي گل ولالہ ڪري وٺون
ڪج ادائن جي هٿان کي جام نيرانا ملن
اڄ وري ميڪش هجن ساقي ۽ ميخانا هجن
ڏي صبوحي جا اي ساقي جام نيرانا بہ ٿي
گڏ ٿيا آهن اچي مئي نوش مستانا بہ ٿي
اي ساقي پنهنجي مستن اهل ميخانن جي پارت ٿئي
مٽان خالي ٿين لبريز پيمانن جي پارت ٿئي
اهي ساقي اهي ميڪش اهي ئي ساغر و مينا
فقط آداب مينوشي جي اڄ آهي ادا بدلي

غزل، اندروني ڪيفيت جو آواز آهي. غزل ۾ داخل ڪيفيت جو اظهار نهايت خلوص ۽ ديانتداريء سان ڪرڻ ۾ اچي ٿو. داخلي احساسات ۽ جذبات جي هوبهو تصوير غزل جي جان آهي. غزل جي شاعريء ۾ ڪنهن بہ قسم جو تصنع، غزل جي معيار کي ڪيرائي وجهي ٿو، تنهنڪري شاعر پنهنجي داخلي حقائق ۽ تجربات کي پيش ڪرڻ لاءِ مجبور ٿيو پوي. باطني زندگيءَ جي ڪشمڪش ۽ الجهن کي لڪائڻ بد ديانتي ۽ رياڪاري سمجهي ٿو.

نہ خورشيد آهي تنهنجو مٽ قمرپڻ شرمساري ۾
ڏسيو توکي وڃن شرمائجو سيمين بدن پاڻهي.
هي حسن صورت ۽ حسن سيرت خدا جو سنهن لازوال آهي
موازني کان سڄڻ مبرا هو پاڻ پنهنجو مثال آهي.
آٿيان ٿو تصور ۾ انهيءَ رشڪ قمر کي
مون آهي چراغان ڪيو هن طرح سان گهر کي
ڏنم جو هن کي تہ پوءِ ماهتاب وسري ويو
نہ ماهتاب مگر آفتاب وسري ويو

محبوب جي خنو خال، زلف وابرو ۽ سندس قد وقامت جي صفت ۾ عاشق زمين ۽ آسمان کي ملائي هڪ ڪري ٿا ڇڏين. بقول حافظ شيرازي:

اگر آن ترڪ شيرازي بہ ست آرد دِل مارا
بخال هندويش بخشم سمرقندو بخارا را

اهڙي طرح مخدوم محمد زمان طالب الموليٰؒ بہ محبوب جي زلفن جو ذڪر اِجهو هِنِ لفظن سان بيان ڪري ٿو:

آزاد هوندا هردم زلفِ دوتا جا قيدي
خوشحال ئي رهن ٿا صبرو رضا جا قيدي
صنم خود جستجو منجهہ هو تہ هي خوشبو ڪٿان آئي
نتيجي ۾ وڃي آخر سندس زلفِ دوتا نڪتي
هو زلف سنبل هو چشم نرگس هولال لب ۽ هو عارضِ گل
انهيءَ تصور ۾ همنشينو خزان بہ فصل بهار آهي
مان هن جي زلفن جي رات ۾ پنهنجي راهِ منزل بہ وڃائي ويٺس
اگرچہ چهري جو ماهِ ڪامل بہ هرگهڙي جلوه بار آهي
آزاد سو وري نہ ٿئي تادم حيات
جنهن کي جڏهن اسير ٿو زلفِ دوتا ڪري

فلسفو، شاعريءَ جو پسنديده موضوع آهي، جتي شاعريءَ جون بيون صنفون فلسفيانہ خيالن سان مالا مال آهن، اتي غزل جي جهولي بہ فلسفي جي املهہ مائڪ موتين سان ڀريل آهي. مخدوم محمد زمان طالب الموليٰؒ فرمائي ٿو:

جي آيا تنهنجي محفل ۾ اهي قربان ٿي نڪتا
وڏا دانا ۽ بينا پڻ اتان حيران ٿي نڪتا
هنئي جن فلسفي جي هام ٿي دنيا اندر يارو
ٻڌي گفتار گلرخ جي همہ تن گوش ٿي موٽيا

مخدوم محمد زمان طالب الموليٰؒ جي سنڌي غزليات ۾ جتي مجازي عشق جا گل ۽ ٻوٽا ٽڙيا بينا آهن، اتي مخدوم محمد زمان طالب الموليٰؒ حقيقي عشق جي باغ جي بہ آبياري ڪئي آهي ۽ ان ۾ تصوف جا قسمين قسمين جا گل ۽ ٻوٽا بہ لڳايا آهن ۽ مخدوم صاحب تصوف جي مختلف مسئلن کي نهايت دلنشين انداز ۾ سمجهائڻ جي

ڪوشش ٻه اِجهو هِنن لفظن ۾ ڪئي آهي:

خرقو مصلو شيخ جو سجدو عبا قبا
هرشيءِ جي قلب ۾ آهي وقعت جدا جدا
واعظ رڳو مبالغو ۽ رند صاف گو
قدرت بنائي آهه ٿي فطرت جدا جدا
چو نه ان محفل جي باشندن ۾ ايندو وجد و حال
جت قلندر رقص ڪن ۽ ٻيا هجن ميخوار مست
پُر ڪري ڪيئن ٿو پياري جام مئي هو مي فروش
پي ٿين ٿا صاف صوفي بيدڙڪ بيدار مست

مخدوم محمد زمان طالب الموليٰ ؒ پنهنجي غزلن ۾ تصوف سان گڏوگڏ اخلاق بابت به گوهر افشاني ڪئي آهي، ۽ پند و نصيحت جا ورق ورايا آهن. اخلاق، انساني زندگيءَ جو زيور ۽ حياتيءَ جو سينگار آهي. اخلاق بنا انسان جانور وڌيڪ ۽ انسان گهٽ ٿو ٿئي، تنهنڪري هن دنيا ۾ انهيءَ ڳالهه جي هر دور ۾ اهميت رهي آهي ته انسان کي سڌي راهه تي هلائڻ لاءِ اخلاق جو لغام ڏنو وڃي. ان ڪري انساني اخلاق جو ڪو به اهڙو موضوع نه آهي، جنهن کي غزل پنهنجي دامن ۾ جاءِ نه ڏني هجي ۽ انسان کي ڀٽڪيل راهه کان بچائڻ لاءِ پندو نصيحت جا ڏيا نه روشن ڪيا هجن:

رهيو چا مال ۽ اسباب دارا وٽ سڪندر وٽ
هو ڪم آٿي ن ٿو آهي مگر سڀ ڪجهه قلندر وٽ
خدا کان ڇو لڪائين ٿو گناهن کي اڙي نادان
يقين رک آهي هر تصوير عريان ٿئي مصور وٽ
نه گردن کي جهڪائي بادشاهن جي اڳيان هرگز
عجيب آهي هي خُو هردم محبت جي گداگر وٽ

مخدوم محمد زمان طالب الموليٰ ؒ غزل ۾ جتي ٻيا خارجي اثر قبول ڪيا آهن، اتي هو پنهنجي سماج ۽ ماحول جي تبديل ٿيندڙ حالتن کان متاثر ٿيڻ کان رهي نه سگهيو آهي. سنڌ ۾ جيڪي معاشي، مادي، ذهني ۽ سياسي تبديليون پيدا ٿيون، تن کان مخدوم محمد زمان طالب الموليٰ ؒ جو حساس شاعر جي حيثيت ۾ متاثر ٿيڻ لازمي آهي. زندگيءَ جا ڏک ۽ سک، سماج ۽ طبقاتي فرق، حيات کي اڳتي وڌائڻ جي تمنا، زمين کي جنت ثاني بنائڻ جي خواهش، پنهنجي چوطرف پکڙيل گندگيءَ کان نفرت ۽ ڌرتي جي دوزخ تي انقلاب آڻڻ جي آرزو، اهي اهڙيون ڳالهيون آهن، جيڪي غزل خاص طرح قديم دور جي غزل جي زيب ۽ زينت آهن. سنڌ جي اڳين غزل گو شاعرن ۾ ان طرف توجهه ڏنو آهي ۽ انهن مان ڪن وٽ سياسي ۽ سماجي تصورات جو هلڪو هلڪو دونهون محسوس پيو ٿئي، مگر موجوده وقت جي غزل گو شاعرن وٽ مچ متا پيا آهن. مخدوم محمد زمان طالب الموليٰ بيان کي وڌيڪ مؤثر بنائڻ لاءِ اشارن ۽ ڪناين کان پڻ ڪم ورتو آهي. ان سلسلي ۾ مخدوم صاحب فرمائي ٿو:

رڳي ٿي فحش گوئي ۽ رڳي ٿي آهي بيهوشي
هتا جي هوش آور اڄ سي به مستانا ٿيا اٿلي
اجا پيري ۽ مخدومي کي تون چنبڙيو پيو آهين

تهمينه مفتي

# سنڌ جي ڪوپائي ڪٿا دودي چنيسر جي ڳالهه، لوڪ ادب ۽ تاريخ جي روشنيءَ ۾ هڪ اڀياس

سنڌ جا قديم داستان ۽ قصا سنڌ جي آڳاٽي تمدن ۽ تهذيب جا نشانبر ۽ يادگيريون آهن، جن جي ذريعي اسان پنهنجي قديم ورثي ۽ لوڪ ادب جي اورچائي تي فخر ڪري سگهون ٿا ۽ اوڻائين جي نشاندهي ڪري اصلاح ڪري سگهون ٿا. هي قديم داستان، ڪٿائون ۽ قصا عوامي تهذيب ۽ تاريخ جا بنيادي ٿنڀا آهن. عوامي لوڪ ڪٿائون ۽ نظمي قصا (Folk Poetic Narration) لوڪ ادب ۽ ثقافت جو هڪ اهم حصو آهن، جنهن مان ان قوم جي مزاج ۽ جمالياتي شعور ۽ سمجهه کي سمجهڻ ۾ مدد ملي ٿي. تصور ۽ تخيل جي منفرد رنگن سان گڏ هيءُ داستان، ڳالهيون ۽ ڪٿائون جذبن ۽ احساسن کان خالي نه آهن، اهي انساني امنگن کي جياريڻ لاءِ آهن.

لوڪ ادب جو مطالعو اهو ٻڌائي ٿو، ته انساني سماج جي ارتقا ۽ نشوونما ڪيئن ٿي. علم البشريات، لوڪ ادب جي مطالعي کي اهميت ڏئي ٿو. قديم تهذيب جي ڄاڻ لوڪ ادب مان ئي معلوم ٿيڻ تي انساني زندگي جو جيوت (Way of life) رهڻي ڪهڻي، واقعن ۽ حالتن جي اوسر مان معلوم ٿئي ٿي. انين صديءَ ۾ ٽيل هيءُ مطالعو ظاهر ڪري ٿو ته:

"A Usually Chronological record of events as of the life or development of people or insdtitution often includes an explanation of or commentery on those. e.g. history of Viking" (1)

'Viking' جو لفظ، سوداگرن، قزاقن ويڙهاڪن جي تاريخ کي ظاهر ڪري ٿو، جنهن جو تعلق، عام ماڻهن ۽ هيٺين طبقي سان هو. تاريخ جو مضمون ۽ موضوع، ماضيءَ جي ورقن، حادثن، جنگين ۽ مقابلن سان واسطو رکي ٿو. مؤرخ پنهنجي دؤر کي ماضي ۾ رونما ٿيندڙ تبديلين سان جوڙي ڇڏي ٿو. اهڙيءَ ريت تاريخ اسان کي ماضي ۽ حال کان واقف ڪرائي ٿي.

مٿي ذڪر ڪيل، سوداگرن، قزاقن، ٺڳن ۽ ويڙهاڪن جي تاريخ جو ذڪر ٿيو. ننڍي کنڊ جي تاريخ ۾ اهڙن ڪردارن جي تاريخ ۾ به موجود آهي. واقعن ۽ حادثن کي ڪهاڻي يا آکاڻي جي صورت ۾ بيان ڪيو ويو. ڪرشنا ۽ پانڊو ۽ رام جا ڪردار، ويڙهاڪن جي صورت ۾ نظر اچن ٿا. محبت ڪندڙ، عاشق به آهن. سيتا ۽ راڌا جا ڪردار به انهن ڪٿائن ۾ اهم آهن، جو هنن جي ڪري ڪٿائن ۾ رنگيني ۽ سونهن پيدا ٿئي ٿي ۽ ڪٿائن ۾ ڪلائيميڪس يا عروج به ٿئي ٿو. بعد ۾ انهن ڪٿائن منهبي ويس پهريو. حضرت آدمؑ ۽ بيبي حواؑ جو قصو به قرآن پاڪ ۾ پڙهجي ٿو، ته اهو ٻن وجودن جي پيدا ٿيڻ ۽ جنت ۾ رهڻ تائين هڪ سٺو سنئون قصو آهي، پر اڳتي قصي ۾ منع ڪيل حدن کي پار ڪرڻ تي کين جنت کان نيڪالي ملي ۽ ڀوڳنو پوي ٿو ۽ هيءُ سهڻو احسن قصو پنهنجي اختتام تي پهچي ٿو.

مٿي ڏنل پس منظر جي روشنيءَ ۾ تسليم ڪري سگهجي ٿو ته اهي قصا، ڪٿائون ۽ داستان، ادب ۽ تاريخ جو حصو بڻجي ويا، جن جو واسطو صرف لوڪ ادب ۽ روايت سان آهي.

تاريخ جو اهو دؤر جنهن کي سومرن جو دؤر چئجي ٿو. هن دؤر جون آڳاٽيون ڳاهون، عشقيه داستان، ڪوپائي ڪٿا يعني دودي چنيسر جي ڳالهه ڏيان ڇڪائين ٿيون. هيءَ ڪٿا سومرن جي ان دؤر جي نشاندهي ڪري ٿي، جڏهن اُهي ڪمزور ٿيڻ لڳا. هن ڪٿا جو ذڪر سنڌ بابت لکيل تاريخن ۾ موجود آهي ۽ ان کان علاوه به مختلف داستانن ۽ قصن جو ذڪر به جن بابت لکيو ويو، ملي ٿو. جيئن مير محمد معصوم بکري "حسن ناز" جي عنوان سان 1002 هجري سنه کان

ته سورج سنئون اڀري، ڌرتي ڌاڄ نه ڏي
مٽي ڏنل ڳاهن ۾ ڪي سٽون غالباً پوءِ جون وڌايل آهن، ٿوريون ڳاهون ۽ هڪ بيت پوءِ جا اضافا معلوم ٿين ٿا. سمن جي دؤر جون معلوم ٿين ٿيون.

هيءُ ڪٿا، سنڌ جي ادب جو شاهوڪار آهي، جنهن ۾ وطن جي محبت سمايل آهي. ثقافت ۽ راڄ ڀاڳ جا اهڃاڻ ۽ دليل موجود آهن. ايتري قدر جو سومريون پاڻ جنگ جي ميدان ۾ آيون ۽ علاءُ الدين کي جڻ مجلئي مات ڪيائون.

هڪ روايت موجب سلمون جتي غرق ٿيون، اهو ابڙي واري پٽ، جنهن تي سنڌن لوڙهه لڳل آهي، ان جي پاسي ۾ آهي. اهو ماڳ ورسر ڪان ٻه ميل اوڀر ۽ رائپور ڪان ٻه ميل اتر طرف اولهه لاڙئون آهي. هڪ روايت موجب بادشاهه عورت جي بهادري ڏسي شرمندو ٿيو ۽ ٻاگهيءَ سان ناهه ڪيائين. ٻاگهي سلمن سان وڳهه ڪوٽ موٽي ويئي.

هن ڪوپائي ڪٿا جو اختتام هن بيت سان ڪجي ٿو:

اٿي پريون پدمڻيون ٽپي اٿيون ٽيئي،
ڀهرئون ڏونڪو ڀير تي اچي ساران هنيوئي.
(ص 12)

عالمن کي گهرجي ته هن جنگي داستان مان تاريخي ڪڙين رزميه شاعريءَ جي ارتقا کي تاريخ جو حصو بنائين. لوڪ ادب اسان جو ورثو آهي، جيڪو اسان جي رهنمائي ڪري ٿو.

## حوالا


1. The Free Encyclopedia. www.wikipedia.com

2. تاريخ طاهري، تصنيف: سيد طاهر محمد نسيانوي ٺٽوي، مترجم: نياز همايوني، سنڌي ادبي بورڊ، ڄام شورو، سال 1988ع، ص26.

3. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، سنڌ جو رزميه داستان (مشهور سنڌي قصا)، جلد پهريون، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد/ڄام شورو، سال 1976ع، ص 11.

4. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، سومرن جو دؤر، دودي چنيسر جي ڳالهه ۽ ٻئي روايتي ذخيري جي روشنيءَ ۾، سنڌي ادبي بورڊ ڄام شورو، سال 1980ع، ص 3

5. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، خليفي صاحب جو رسالو، تحقيق ۽ تصحيح، سنڌي ادبي بورڊ ڄام شورو، سال 2005ع، ص 40.

6. سنڌ جو شاهنامو، ص 9،5،9،10.

7. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، سومرن جو دؤر، دودي چنيسر جي ڳالهه ۽ ٻئي روايتي ذخيري جي روشنيءَ ۾، سنڌي ادبي بورڊ ڄام شورو، سال 2006ع، ص 184.

8. ساڳيو، ص14.

9. ساڳيو، ص 76.

10. ساڳيو، سال 1980ع، ص 132 ۽ 121.


## مددي ڪتاب


ڊاڪٽر فهميده حسين، سنڌي ڪلاسيڪي شاعرن جي لغت، شاهه عبداللطيف ڀٽائي چيئر، ڪراچي يونيورسٽي، سال 2004ع، ص 321.

2. ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو، سنڌي ادب جي مختصر تاريخ. روشني پبليڪيشن، سال 1994ع، ص 22-25

3. ڊاڪٽر تهمينه مفتي، سنڌي افساني جو سماجي ڪارج، (اڻ ڇپيل ٿيسز)، 1995ع.

4. شيخ اياز، ڪي جو ٻيجل ٻوليو، نيو فيلڊس پبليڪيشن، حيدرآباد، سال 1987ع، ص 22.

سندس نه ته ڳُجهي آهي. هڪ لحاظ کان خود نوشت/ آتم ڪٿا سوانح عمري جي صنف، ٻين جي لکيل سوانح عمرين جي مقابلي ۾ ناقص شيءِ هوندي آهي جو هن جي راهه ۾ به رڪاوٽون آهن.

ٻين جو خوف: ۽

پنهنجو پاڻ سان محبت.

هڪ سٺو سوانح نگار پنهنجي فن جي عزت رکڻ لاءِ اهڙيون ڳالهيون به بيان ڪري ٿو ڇڏي جيڪي آتم ڪٿا لکندڙن لاءِ ممڪن ڪونهي. سوانح نگار پنهنجي هيرو جي ڪردار جو جج ٿي سگهي ٿو ۽ سندس ڪمزورين جو شمار به ڪري سگهي ٿو، پر آتم ڪٿا لکڻ واري کي پنهنجي محبت ۽ ٻين جو ڊپ هر وقت رهي ٿو. ان لاءِ نه ته هو پنهنجن گناهن جي صحيح فهرست پيش ٿو ڪري سگهي، نه ئي پنهنجو صحيح جج ٿو بڻجي سگهي."

ليکڪ اڳتي هلي پنهنجي مقالي ۾ ابوالڪلام آزاد جو هيءُ رايو به پيش ڪيو آهي ته "آتم ڪٿا لکي ئي نٿي سگهجي."

آتم ڪهاڻيءَ بابت هو وڌيڪ لکي ٿو ته ڪجهه آتم ڪهاڻيون اهڙيون به هونديون آهن جن کي مصنف تالي ۾ بند صندوقن ۾ محفوظ ڪري ڇڏيندا آهن، ته جيئن اها ڪٿا سندن حياتيءَ کان پوءِ ڇپجي ۽ وارثن کي اهڙي وصيت ڪري ويندا آهن. اهڙيون آتم ڪهاڻيون يا ته شديد خود پسندانه ۽ شديد جذباتي رويي واريون هونديون آهن يا وري انهن ۾ ٻين جي خلاف لکيل هوندو آهي. منهنجو ذاتي رجحان اهو آهي ته آتم ڪٿا کي پنهنجي زندگيءَ ۾ شايع ڪرڻ جي مقابلي ۾ وفات بعد شايع ٿيڻ سان سچائيءَ جي اظهار جي گنجائش گهٽ ٿي ويندي آهي. انڪري سچائين جو اظهار بنا ڊپ ڊاءُ جي پنهنجي جيئري ئي ڪرڻ گهرجي ته جيئن ٻين کي به سوچ ۽ ويچار جو موقعو ملي سگهي. البت جيڪڏهن ڪي اهڙا راز آهن جن جو اظهار حياتيءَ ۾ ڪرڻ ۾ تامل هجي ته اهڙن رازن کي سيني اندر ئي دفن رهڻ گهرجي. مطلب ته آتم ڪهاڻي کي جلوه نمائي، ڏيکاءُ شهرت ۽ لِڪي حملو ڪرڻ جو ذريعو نه بڻائڻ گهرجي (11).

محترمه ريحانه خانم جو خيال آهي ته:

"زندگيءَ جي ڪهاڻي لکڻ هڪ مشڪل ڪم آهي ۽ جڏهن اها ڪهاڻي پنهنجي زندگيءَ جي هجي ته وڌيڪ مشڪل آهي. هتي پهريون سوال اهو آهي ته ڪو به شخص پنهنجي زندگيءَ جي ڪهاڻي ڇو ٿو ٻڌائڻ چاهي؟ ان جو جواب اهو ٿو ڏنو وڃي ته آءٌ ٻين کان اعليٰ آهيان'.

يعني سڀني کان وڏي مشڪل اها ئي آهي ته انسان جيڪو ڪجهه هوندو آهي. هو ان کان وڌيڪ پنهنجي لاءِ اندازو ڪندو آهي. انسان جو پنهنجي متعلق خود پسنديءَ جي ڳالهه نه ڪرڻ مشڪل آهي. اهو ئي سبب آهي جو ڊِنَن سنهنجي آتم ڪٿا لکندي چوي ٿو ته:

"انساني فطرت ۾ جيڪو غرور آهي ۽ پنهنجي زندگيءَ سان جيڪا محبت آهي، هن لاءِ اها ڳالهه مشڪل آهي ته هو پنهنجي آتم ڪٿا جو تجزيو ڪري ۽ پنهنجي غلطين ۽ خامين کي جمع ڪري"

اڳتي ان مقالي ۾ ليکڪا اهو رايو ڏنو آهي ته پنهنجي پاڻ کي برتر ثابت ڪرڻ لاءِ اڪثر آتم ڪٿا جو ليکڪ وڏاءُ يا مصنوعيت جو سهارو وٺندو آهي. جيڪڏهن ڪو شخص سچائيءَ کان ڪم وٺي سچ لکڻ چاهيندو به آهي ته پنهنجا عيب ۽ غلطيون ٻڌائيندي کيس هٻڪ ۽ حجاب محسوس ٿيندو آهي. اهو ئي سبب آهي ته ڪجهه لکندڙن جون آتم ڪٿائون سندن وفات بعد منظر عام تي آيون. جيئن اينڊريو ڪارنجي (Andrew Carengie) جي آتم ڪهاڻي.

هوءَ چوي ٿي ته هٻڪ ۽ شرم جو هڪ سبب انساني سڀاءَ جي شائستگي آهي ۽ ڪجهه معاملا زندگيءَ جا اهڙا هوندا آهن جن کي بيان ڪرڻ هو مناسب نه سمجهندو آهي. ڪڏهن وري آتم ڪهاڻي لکندڙ واقعن کي شعوري ڪوشش سان رنگين ۽ دلڪش بنائڻ جي ڪوشش به ڪندو آهي.

آتم ڪهاڻي لکندڙن ۾ هڪ ٻيو رجحان اهو به ڏسڻ ۾ ايندو آهي ته اهي پنهنجي ذات جي بيان دوران ڪنهن ذڪر کي شروع ڪندا آهن ته پوءِ هو اجائي ديگهه ۾ پئجي ويندا آهن ۽ اهي ڳالهيون به لکي ويندا آهن جن جي ضرورت نه هوندي آهي (12).

اردو جي مشهور Biographical ناول "علي پور

(ii) اخلاقي

(iii) يادگاري

اسين ڪنهن به دور جي تاريخ ان دور جي سوانح عمرين مان مرتب ڪري سگهون ٿا. ان سلسلي ۾ مشهور انگريز مفڪر ۽ سوانح نگار ٿامس ڪارلائل جو چوڻ آهي ته

”تاريخ وڏن ماڻهن جي سوانح جو نالو آهي.“

هن قول ۾ ٻن نظرين جو ميلاپ آهي: اول اهو ته وڏيون شخصيتون پنهنجي دور جي تاريخ ٺاهينديون آهن. ڪارلائل لاءِ اهو پڻ چوڻ درست هو ته هن هيرو پرستيءَ جي فلسفي کي رواج ڏنو آهي. ٻيو رخ اهو آهي ته ڪنهن وڏي شخصيت جو مطالعو هن جي تاريخي دور کان الڳ رهي نٿو ڪري سگهجي. ان لاءِ جڏهن ڪو شخص پنهنجي سوانح لکي ٿو ته هو پنهنجي دور جي حالتن تي به تبصرو ڪندو آهي (23).

**ريحانه خانم:**

آتم ڪٿا هڪ لحاظ کان سوانح عمري کان بهتر ۽ دلچسپ تر تصنيف هوندي آهي. آتم ڪهاڻي ۾ شخصيت جا اهڙا مظاهرا ملن ٿا جن کان مصنف کان وڌيڪ ڪو به باخبر نه هوندو آهي بلڪ زندگيءَ جا ڪيترائي اسرار اهڙا آهن جن کان ٻاهريون ڪو به ماڻهو باخبر نٿو ٿي سگهي. آپ بيتيءَ ۾ بنيادي شيءِ سچائي آهي. اها سچائي ئي آهي جيڪا هڪ فرد جي صورت کي واضح طور اسان جي سامهون آڻي ٿي ۽ اها تصوير هڪ هنڌ بيٺل ڪونهي، پر روان دوان ۽ جيئري جاڳندي تصوير هوندي آهي. هڪ فرد جي تصوير، هن ۾ پوري دنيا، دنيا ۾ گذريل ڏينهن رات ۾ پيش ايندڙ هر طرح جا ڪوائف ۽ انهن ۾ نفسياتي مونجهارا ۽ ڪشمڪش، سوچڻ جو انداز، محسوس ڪرڻ جا طريقا، جذباتي نظام جا مرڪات... هڪ سٺي آتم ڪٿا ۾ اهي سڀ نظر اچن ٿا(24).“

**ڊاڪٽر قاضي خادم:**

ڊاڪٽر قاضي خادم جو سنڌيءَ ۾ لکيل آتم ڪهاڻين بابت ڪتاب The glorious past نالي سان انگريزيءَ ۾ ڇپيل آهي، جنهن ۾ سنڌي، ۾ لکيل 41 آتم ڪهاڻين جو جائزو پيش ٿيل آهي ان ڪتاب جي شروع ۾ About the book مان چونڊ ٽڪرن جو ترجمو پيش ڪجي ٿو:

آتم ڪهاڻي لکندڙ شخص پنهنجي حياتيءَ جي سچي ڪهاڻي لکي ٿو، ان ڪري اها پڙهندڙن کي تمام گهڻي معلومات ڏئي ٿي. آتم ڪهاڻيءَ جي هڪ اهم خاصيت اها به آهي ته اها سماجي اڀياس لاءِ هڪ اهم ذريعو آهي. اهي ڪهاڻيون سماجي مسئلن تي لکيل مقالن کان وڌيڪ دلچسپ آهن.

اهي لکتون تاريخدانن، سماجي اڀياس ڪندڙن ۽ انساني تاريخ جو اڀياس ڪندڙن(Anthropologists) جي کوجنا ۽ جاچ لاءِ انساني روين، سندس ماضي ۽ حال بابت آسانيءَ ۽ اعتماد سان استعمال ڪري سگهجن ٿيون.

جيتوڻيڪ آتم ڪهاڻين کي افسانوي ادب جو حصو نٿو سمجهيو وڃي، ڇو ته اهي حقيقي بنيادن تي ٻڌل هونديون آهن، جنهن ۾ تصوراتي سوچ جو حصو بنهه گهٽ هوندو آهي پر ڪجهه آتم ڪهاڻيون اهڙي نموني لکيل آهن ۽ سچ جي اهڙي ريت اپٽار ڪن ٿيون جو اهي تخليقي ڪهاڻيون بنجي وڃن ٿيون، خاص طور تي جيڪڏهن لکندڙ شاعر، فلسفي يا افسانوي ادب لکندڙ آهي.

سياستدان، سياسي واقعن کي اهميت ڏئي ٿو، جيڪي سندس زندگي ۾ پيش آيا. هڪ شاعر پنهنجي زندگيءَ جي ذاتي، موضوعاتي ۽ انساني روين جي نشاندهي ڪري ٿو. هڪ تعليمي ماهر تعليمي معيارن ڏانهن گهڻو لاڙو رکي ٿو، جڏهن ته تاريخ جو طالب علم پنهنجي زندگي تاريخي تناظر ۽ فلسفي پنهنجي ذات کي ڦلهوري ٿو. اهڙا به ليکڪ هوندا آهن جن جي زندگيءَ ۾ واقعن جي Variety هوندي آهي ان ڪري هو پنهنجي سماجي ثقافتي رُخن (Socio- Cultural touch) وسيلي پنهنجي زندگيءَ کي مختلف طريقي سان لفظن ۾ ڇنڊين ٿا (25).

**سنڌيءَ ۾ آتم ڪٿا لکندڙ اديبن جا رايا:**

مرزا قليچ بيگ (سائو پن يا ڪارو پنو)

”ڪيترن دوستن گهڻن ڏينهن کان مون کي پئي چيو آهي ته پنهنجي حياتيءَ جو احوال پاڻ لکان. انهن کي آءٌ چوندو پئي اچان ته جيئري ماڻهوءَ جو

پڙهائيءَ کان پوءِ خيرباد ڪري ويون، ميٽرڪ کان پوءِ ڪاليج ۾ اسين فقط پنج ڇوڪريون هيون سين. پوءِ زندگيءَ جي هر قدم تي جدوجهد ڪرڻ به وڏو مسئلو هو پر نوڪريءَ دوران ترقيءَ جو مسئلو!! هيءُ مردن جي حڪومت، انهن جا فيصلا هميشه عورتن جي خلاف، انهيءَ ڪري ڪيترائي تلخ تجربا به ٿيا. مون سوچيو ته ڇو نه اهي سڀئي قلمبند ڪري پنهنجي ايندڙ نسل جي نياڻين جي سامهون رکجن، جئن هنن کي اها خبر پوي ته ڪنهن به مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ وڏي جاکوڙ ڪرڻي پوي(31).“

مٿين سڀني لکندڙن جي راين سان آتم ڪهاڻيءَ جي اهميت، مقصد ۽ فائدا معلوم ٿين ٿا. اهي سڀ ڪهاڻيون اسان جي تاريخ جون اهم ڪڙيون آهن جن کي جوڙي اسين اها تاريخ پڙهي سگهون ٿا، جيڪا درسي ڪتابن ۽ تاريخ جي مروج ڪتابن ۾ به ان ريت نه ملندي جيئن هنن ڪتابن ۾، جيئن پير علي محمد راشدي پنهنجي ڪتاب ”اهي ڏينهن، اهي شينهن“ جي عرض حال ۾ لکي ٿو:

”عيسوي ويهين صديءَ جو پهريون اڌ خامي گوڙ گهمسان ۽ ڦيرڦار جو زمانو ٿي گذريو آهي. ان زماني ۾ به عالمگير جنگيون لڳيون؛ بادشاهن ۾ ٽڪوڙا پيا؛ ڊڪٽيٽر اڀريا ۽ ٽنگيا؛ ايٽم بم ڦاٽا؛ هند ۽ سنڌ مان فيل مست فرنگيءَ موڪلائي ويو؛ هن کي سوراخ ۽ سنڌ کي پاڪستان جڙيو؛ ملڪان ملڪ ذهني ۽ تهذيبي ”مَهيءَ ولوڙو“ شروع ٿيو؛ مڙس سُنهاريون صاف ڪرائي ڇڏيون؛ ستروُنديون چادريون چيري ٻاهر نڪري آيون؛ اڳ چڙا ڪڏڙا نچندا هئا، پر ڦيري آئي ته دولهه دريا خان ۽ هوش محمد جا جاءِ نشين به رمبا ۽ سمبا ۾ جُنبي پيا. اهو زمانو ڪنهن پر منهنجين اکين اڳيان گذرندو رهيو آهي. آءٌ اکين ڏٺو شاهد آهيان ڪيترن واقعن ۽ ڦيرين ڦارين جو، اڄڪلهه پراڻيءَ تاريخ جي ڳولا ۽ ترتيب ۾ وڏي دلچسپي ورتي پئي وڃي. سنڌي ٻوليءَ ۽ ادب کي جيارڻ ۽ سينگارڻ لاءِ پڻ ڪوششون پيون ٿين، پرجن شين کي اهڙي ذوق ۽ شوق هوندي به وساريو پيو وڃي، سي اهي واقعا، جيڪي اسان جين پنهنجين اکين اڳيان ٿيندا رهيا آهن ۽ جن کي قلمبند ڪري ايندڙ نسلن تائين پهچائڻ وڏي تاريخي خدمت ٿئي ها. وقت گذرندو پيو وڃي، ڪاغذ ڦاڙيندا ۽ شاهد مرندا پيا وڃن. ڪجهه عرصي بعد ٻنهه خانو ئي خالي رهجي ويٺو آهي(32).“

### سنڌيءَ ۾ لکيل آتم ڪهاڻيون:

ڊاڪٽر قاضي خادم انگريزي ۾، سنڌيءَ ۾ لکيل ايڪيتاليهه (41) آتم ڪهاڻين بابت ڪتاب The Glorious Past نالي لکيو آهي. ڪتاب ۾ هن آتم ڪٿائن جي ترتيب ڇپجڻ جي ترتيب سان نه، پر ليکڪن جي تاريخ پيدائش مطابق رکي آهي ڇو ته اڪثر اهڙا ليکڪ به رهيا آهن جن کان وڏي عمر واري ليکڪن جون ڪهاڻيون سندن ڪتابن بعد ڇپيون هيون. هن ترتيب سان اها سهولت ٿي ٿئي ته اهي ڪتاب جيڪڏهن ان ئي ترتيب سان پڙهيا وڃن ته تاريخ جو هڪ تسلسل جڙندو نظر ايندو ۽ ڪڏهن ته هڪ ليکڪ جنهن دور ۾ ڳالهه ڇڏي ته ٻي وري اتان کان سرو ڪٿي اڳتي تاريخي واقعا بيان ڪيا. ان ريت انهن جي مطالعي سان اسان کي سنڌ جي سماجي، تعليمي، سياسي ۽ ثقافتي ارتقاء جي هڪ چٽي تصوير نظر ايندي. ان ترتيب مطابق سنڌي ۾ لکيل آتم ڪهاڻين جي فهرست ڏجي ٿي:

1. يادگيريون (سيٺ نائو مل(1878ع- 1804ع)
2. سائو پن يا ڪارو پنو (مرزا قليچ بيگ- (1929ع- 1853ع)
3. منازل مسافر (محمد صديق مسافر (1961ع- 1879ع)
4. مون وٽ نکو پيتي نکو ڪلف- پڳت ڪيمچند آسناڻي (1973ع- 1881ع)
5. شيخياڻيءَ جي ڪهاڻي (غلام فاطمه شيخ. (1981ع- 1887ع)
6. نرالي زندگي (نارائڻ داس ملڪاڻي (19- 1890ع)
7. تان ڪي ڏونگر ڏوريان (محمد صادق ميمڻ (1981ع- 1895ع)
8. منهنجي مختصر آتم ڪهاڻي (ڊاڪٽر عمربن محمد دائود پوٽو) (1956ع- 1896ع)
9. پنهنجي ڳالهه (عبدالله چنا) (1989ع- 1902ع)
10. پنهنجي ڪهاڻي، پنهنجي زباني (جي- ايم

ريحانہ نظير

# برصغير ۾ جديد سنڌي افسانې جي ابتدا

سنڌي ٻوليءَ جي آئيوڙنا 1953ع ۾ نهي راس ٿيڻ کان پوءِ ماڻهن کي جديد تعليم کان متعارف ڪرائڻ لاءِ پڙهيل لکيل سماجي خدمتگارن (جن ۾ گهڻي اڪثريت هندو براهڻي جي هئي) پنهنجي ذاتي خرچ مان ڪيترائي اسڪول، ڪاليج ذرم سنتائون قائم ڪيون تہ جيئن عام ماڻهوءَ کي تعليم حاصل ڪرڻ ۾ مشڪلاتون پيش نہ اچن. ان سلسلي ۾ ڪيترائي ڪتاب ڇپايا ويا جن ۾، درسي ڪتابن سان گڏ ماڻهن جي وندر لاءِ ادبي ڪتاب پڻ ڇپايا ويا. جن ۾ داستان، قصا ۽ شاعري وغيره جا ڪتاب شامل هئا. پر وقت جي تيزرفتاري ۽ صنعتي ترقي ۽ بدلجندڙ سماجي قدرن اندر عام ماڻهن وٽ ايترو وقت ڪونہ هو جو وڏا قصا يا داستان پڙهي سگهن. معاملي جي نزاڪت کي سمجهندي ان وقت جي باشعور ليکڪن ادب ۾ نين صنفن نلول، ڊراما ۽ آکاڻين جا ڪتاب ڇپرائي پڌرا ڪيا، جن پڙهندڙن ۾ چڱي مقبوليت حاصل ڪئي. بقول ڊاڪٽر انورفگار هڪڙو جي تہ ”انگريز سرڪار سنڌ کي انتظامي لحاظ کان ٽن ضلعن ۾ ورهايو: ڪراچي، حيدرآباد ۽ شڪارپور. جنهنڪري اهي ٽيئي شهر ضلعي هيڊڪوارٽر جي حيثيت ملڻ ڪري وڏيڪ ترقي ماڻي سگهيا. نئين تشڪيل ڏنل آئيوڙنا کان پوءِ اهي ٽيئي شهر جديد تعليم ۽ ادب ۾ اڳيرا ٿيڻ لڳا. ڪراچي ۽ حيدرآباد کان علاوه شڪارپور جي علمي ادبي ماحول ۾ جيئن پوءِ تيئن نيون رونقون رونما ٿيڻ لڳيون. جديد تعليمي ادارا قائم ٿيڻ سان گڏ اشاعتي ادارا بہ وجود ۾ اچڻ لڳا. جنهنڪري قلمڪارن جو قلمي پورهيو بہ شايع ٿيڻ لڳو. ان وقت جي تقاضا موجب ماڻهو روح جي راحت ۽ دل جي وندر لاءِ قصن ۽ داستانن جو مطالعو ڪندا هئا. جنهنڪري اديب، قصن ۽ داستانن جي لکڻ ۽ ڇپائڻ طرف توجهہ ڏيڻ لڳا. اڳتي هلي اهي قصا ۽ داستان نئي افسانوي ادب جو بڻياد بڻيا. انگريزن جي دور ۾ ادب جي مختلف صنفن کان سواءِ نثري صنف ڪهاڻي پڻ ترقي ڪئي. قصن ۽ داستانن جي دور ناول، ڪهاڻي ۽ افساني جي دور ۾ پاسو بدلايو.(1)

سنڌي اديبن، طبعزاد ڪهاڻين سان مختلف پرڏيهي ٻولين جي ادبي صنفن جا ترجما سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪري نہ صرف پڙهندڙ کي اعليٰ ادب کان متعارف ڪرايو، پر ان سان گڏ هنن نئين دنيا جي نون خيالن ۽ بدلجندڙ ماحول جي سياسي ۽ سماجي قدرن کان پڻ آگاهہ ڪيو. عام ماڻهن ۾ انهن ترجمن عجيب ڪشمڪش پيدا ڪئي. سندن سوچ آس پاس جي ماحول مان نڪري سرحدون پار ڪري ٻاهرين دنيا جي تهذيب ۽ تمدن جي نون رنگن ڍنگن کان متعارف ٿي. اهڙن ترجمن ۾ راسيلاس، ايسپ جون آکاڻيون، دلپسند قصا، چاردرويش، امير حمزا، طوطي نامہ، وغيره شامل آهن. ساڌو هيرانند 1880ع ۾ ”سرسوتي“ نالي هڪ تعليمي ۽ سماجي مخزن جاري ڪيو، جنهن ۾ بوچند ڪوڏومل جون ترجمو ڪيل آکاڻيون جن ۾ ”اماڙي جي ڳالهہ“ (جيڪا سنڊريلا تان ورتل) شايع ٿي. ائين گهڻي ڀاڱي شروعاتي دور جو ادب بنيادي طرح سکيا، وندر ۽ سماج سڌارڪ خيال جي ترجماني ڪندي نظر اچي ٿو، پر جتي جديد دور پاڻ سان گڏ ڪيترائي انقلابي تصور ڪٺي آيو بجلي ۽ مشيني ايجادن جتي وقت جي بچت ڪئي، اتي ڪيترا ماڻهو بيروزگار پڻ بڻجي ويا. صنعتي ترقي ڪارخانن جي قيام هٿرادو ڪم ڪندڙن پورهيتن کي محتاج بڻائي ڇڏيو. ان سان گڏ جديد

تعليم نہ هئڻ سبب سرڪاري ادارن ۾ بہ سنڌن شموليت نہ هئڻ جي برابر هئي. انهن حالتن سنگين مادي ۽ اقتصادي مسئلن کي جنم ڏنو، جنهن سان ماڻهن ۾ انگريزن جي خلاف نفرت جي جذبي جنم ورتو. بنگال جي ورهاڱي 1905ع عام ماڻهن ۾ قوميت ۽ آزادي جي جذبي لاءِ راهہ هموار ڪئي. اديبن بنگالي جاڳرتا کان متاثر ٿي ادب ۾ "سماج سڌارڪ" لاڙي کي ادب جو حصو بنايو. ديوان ڪوڙومل سڀ کان پهرين سماج جي سڌاري جي پيش نظر بنڪمر چٽرجي جون بنگتي ڪهاڻيون سنڌي ۾ ترجمو ڪري ڇپرايون جن ۾ "راڌا راڻي" "انڌيرا" ۽ "منديون" وغيره شامل آهن. هن کان علاوه ڪجهه ٻين تحريڪن پڻ افسانوي ادب ۾ شموليت ٻڌائي، جنهن ۾ راجا رام جي سماجي تحريڪ. جنهن جو مقصد ماڻهن ۾ خاص طور تي عورتن ۾ جديد تعليم سان گڏ هندو سماج جي فرسوده ريتن رسمن خلاف، ماڻهن ۾ ذهني سجاڳي ۽ جاڳرتا پيدا ڪرڻ هو. رشيد ملڪ ان تحريڪ جي پس منظر کي هن طرح بيان ڪيو آهي تہ "انگریزوں اور ان کے تقاضاؤں کے پیش نظر ہندوازم میں اصلاحات کر کے عیسائیت کا راستہ بڑی کامیابی سے روکا چیلنج خارجہ سے آیا جس کے پیچھے چرچ کے آہنی تنظیم اس کا تبلیغی مشن، عیسائیت اختیار کرنے والوں کے لئے سیاسی اور اقتصادی، تعلیمی اور دیگر مراعات بھی شامل تھیں۔ لیکن اس کا مقابلہ ہندو دھرم میں زمانے سے ہم آہنگ اصلاحات کر کے کیا گیا۔" (2)

ان کان علاوه سنڌ ۾ "سناتن ڌرم" جي لهر پيدا ٿي، جنهن ماهوار "سناتن ڌرم پرچارڪ پتر" نالي هڪ رسالو جاري ڪيو. جنهن ۾ ڪيترائي بنگتي ۽ سماجي ناول ۽ افسانا لکيا ويا، جن ۾ گهڻو تڻو سماجي اوڻاين جي اپٽار ٿيندي نظر ايندي. مثلاً عورتن جي تعليم، بيواهہ جي شادي، ڏيتي ليتي، ننڍپڻ جي شادي، زوريءَ شادي، وغيره تي ٻڌل هئي. نوان لاڙا ۽ نوان رجحان جديد ادب جو حصو بڻيا، جن ۾ عام رواجي ماڻهن جي زندگي جو چٽر چٽيو ويو، جنهن جو سڌي يا اڻ سڌي طرح عام ماڻهن جي جيوت سان واسطو هو. انڪري انهن (ڪهاڻين) عام ماڻهن ۾ جلدي مقبوليت ماڻي. بنيادي طور تي مختصر ڪهاڻي 19 صدي جي جديد ادبي صنف آهي، جيڪا اڳاڻي زماني جي داستانن، جنگجو سورمن جي قصن رومانوي ۽ تمثيلي آکاڻين جي هنج مان نڪتي آهي. جنهن جي مقبوليت جو وڏو سبب هڪ تہ ان جو مختصر هئڻ ۽ ٻيو تہ هن ۾ عام انساني زندگي جي وهنوار جو عڪس چٽيل هوندو آهي. بقول ع.ق شيخ جي تہ "افساني نگاري خود اڻويهين صدي جي پيداوار آهي. علم جي ترقي ڇاپاخانن ۽ آمدورفت جي آسانين ان کي يورپ مان اسان تائين پهچايو. افساني جي ارتقا وارا اسباب: قديم ڏند ڪٿائون، رزميہ داستان، مذهبي روايتہ، رومانوي ڪهاڻيون ۽ انهن سان گڏ اديب، شاعر، سمجهو ۽ سياڻا انسان تہ اسان وٽ بہ موجود هئا." (3)

هيٺ مختلف ٻولين جي ليکڪن جي ان بابت مختصر وضاحت پيش ڪجي ٿي.

Encyclopedia funk and venglas ۾ مختصر ڪهاڻيءَ بابت هيءُ وصف ڏنل آهي تہ:

Short story, condensed fictional narrative usually in prose.

Typically concerning a relatively small number of characters involved in a single with one thematic focus, short stories are aimed at exciting in the reader a single emotional response, (4)

واليوم 23-1993ع

جڏهن تہ وليم هينري هڊسن ان جي وضاحت هنن لفظن سان ڪئي آهي تہ:

Short story must contain one and only one informing idea and that idea must be worked out of its logical conclusion with absolute singleness of aim and directness of method. (5)

سنڌ جي مشهور اديب ۽ نقاد محمد ابراهيم جويو جو ان لاءِ هيءُ چوڻ آهي ته ”مختصر افسانو نثري ادب جو معراج آهي، ۽ نثر اتي پهچي شعر ۽ تغزل سان وڃي همدوش ٿئي ٿو. ڪامياب مختصر افسانو پنهنجي جاءِ، لفظن جي چونڊ، معنيٰ ۽ مطلب جي وسعت، جذبات جي لطافت ۽ گهرائي ۽ آخري تاثر جي لحاظ کان نثري شعر آهي.“ (14)

ڊاڪٽر عبادت بريلوي ان جي وضاحت هن طرح ڪئي آهي ته ”مختصر افسانو اهو نه آهي جيڪو رڳو مختصر نه هجي منجهس اختصار کان سواءِ ٻيو به گهڻو ڪجهه ٿئي ٿو. اختصار بنيادي خوبي ضرور آهي، پر ان سان گڏ جيستائين ان ۾ ٻيون ضروري خوبيون نه هونديون تيستائين ان کي ”مختصر افسانو“ چئي نٿو سگهجي. مختصر افسانو هڪ فن آهي جنهن کي پنهنجا جمالياتي ۽ فني اصول آهن. افسانو جيستائين انهن اصولن کي پورو نه ٿو ڪري تيستائين ان کي مختصر افسانو چوڻ غلط آهي.“ (15)

پروفيسر وقار عظيم جو ان بابت هيءُ خيال آهي ته ”اڄ جو افسانو فن جي حيثيت کان ته برابر اڳتي وڌندو رهي ٿو ۽ اڄ جيڪا ان جي تعريف ڪئي وڃي ٿي ان ۾ شايد سياڻي خامي نظر اچي ان جو سبب اهو آهي ته افساني جي هر پهلوءَ تي نفسيات جي نون نون نظرين جو اثر پوندو وڃي ٿو.“ (16)

ڊاڪٽر الهداد ٻوهيو به مختلف عالمن طرفان ڪيل افساني جي وصف سان اختلاف رکندي هيءُ لفظ چيا آهن ته ”افساني جي اپياس مان اها ڳالهه تمام مشڪل آهي ته اسان سنڌي افساني جي ڪن ادبي روايتن جي باري ۾ ڪو فيصلو ڪري سگهون. عمومي طور هن ڳالهه تي اڳ ۾ بحث ڪونه ٿيو آهي ۽ خصوصي طور تي ادبي روايت جي باري ۾ سوچ جو بنياد به اسان پاڻ رکي رهيا آهيون. ان ڪري اسان جي لاءِ هن جاءِ تي فقط ايترو ئي چوڻ ممڪن آهي ته افسانو به تصوراتي ادب جو ڪردار ادا ڪري ٿو ۽ تصوراتي ادب اهو آهي جيڪو.

(1) خيال اپاري ٿو.

(2) عورت ۽ مرد جي تعلقات تي روشني وجهي ٿو.

(3) ادبي آرٽ جي خيال کان هڪ ستريل آرٽ بڻجي ٿو.

(4) سماجي ۽ تهذيبي مسئلن کي سمجهڻ ۾ مدد ڪري ٿو.

(5) عمومي طور تي زندگي جي مختصر پر اونهي تنقيد ڪري ٿو.

اهڙي طرح افساني جو روايتون ڪل ٽي ٿي سگهن ٿيون.

(1) ادبي آرٽ (2) زندگي جي تنقيد (3) سماجي ۽ ڪلچري ورثون. (17)

ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو جو ان لاءِ هيءُ چوڻ آهي ته ”جنهن صنف کي افسانو يا ڪهاڻي سڏجي ٿو سو جديد زماني جي هڪ مقبول ترين نثري صنف آهي.“ (18)

محمد اسماعيل عرساڻي مطابق ”مختصر افسانو اسان جي پنهنجي زماني جي پيداوار آهي. ان جي بناوت تي نظر وجهبي ته اختصار ان جي سڀ کان زيادهه نمايان خصوصيت آهي.“ (19)

جڏهن ته شمس الدين عرساڻي جو هيءُ چوڻ آهي ته ”افسانو هڪ اهم تخليقي ۽ عظيم آرٽ آهي. جيتوڻيڪ ان ۾ ظاهري طرح فرضي ڳالهيون ٿين ٿيون، تاهم اهي ڪن صداقتن تي مبني آهن، جن جو اختراع هڪ روشن آئيني وانگي معلوم ٿئي ٿو ۽ جنهن مان زندگي جي گذريل واقعن ۽ زماني جي حادثات کي بخوبي ڏسي سگهجي ٿو.“ (20)

ڊاڪٽر قاضي خادم پنهنجي مضمون ”ادب ۽ روايتون“ ۾ افساني جي تشريح هنن لفظن ۾ ڪئي



ساجن بن هر شام اڏوري
رات ڪُنڌي ۾ باک انگوري
دوري دوري توڪان دوري
سارُون هيرُون سپنا جهولا
او ڪانويلا! ڪنهن جي ڳولا

(فياض ڏاهري)

# شاعري

دنيا جي هر ديس ۽ هر ٻوليءَ ۾، ادب جي ابتدا شاعريءَ سان ٿي آهي، ۽ شاعريءَ جو سلو وري سنگيت جي ٻج مان ئي انگوريو آهي. اسان جي سنڌي شاعري بہ ساڳيءَ طرح سان، تمام ڪنهن قديم جڳ ۾، ڳائڻ مان ئي سرجي آهي، جنهن جو بنيادي روپ، اوائلي آلاپ ٽوڙي تنوارون، يا جهيلون ۽ جهونگارون آهن. انهيءَ بنيادي روپ جو بنيادي نالو 'ڳاءُ' رکيو ويو، جنهن جي قدامت ڪٿڻ تہ تاريخ جي پهچ کان ئي پري آهي. مگر اهو ڳاءُ لفظ اڃا تائين بہ زباني عالم جو عام لفظ آهي. اُلهندي۔ ڏکڻ ڪوهستان ۾ خاص طرح سان اِهو لفظ "ڳاءُ" عام طرح سان ڪتب ايندو آهي.

گهريلو ڪم ڪار ڪندي ڪي زالون، پنهنجيءَ ذاتي ورونهہ خاطر، هلڪيءَ هونگ ۾ 'ڪي ڪجهہ' هونگاريندڀون رهنديون آهن. انهيءَ کي 'ڳاءُ' چون، اهو نالو هڪڙي پراڻي ڳاچ ۾ بہ ڪم آيو آهي:

تا مڱٽي جا سانباهہ، ابل ڙي،

تنهنجيءَ امڙ هينئڙي هُري ڳاءَ.

اهو ساڳيوئي بنيادي لفظ ڳاءُ آهي، جنهن کي ڳاچ، ڳاچ ۽ ڳاچ ڪوٺيو ويو. هاڻي اهو نالو نيٺ وڃي ڳيچ ٺهيو آهي، جيڪو شايد گيت لفظ جي ئي بيهڪ تي ٺهيل آهي، خود انهيءَ ڳيچ يا گيت جي بہ لفظي معنيٰ اهائي آهي تہ: اهو 'ڪي'، جيڪي ڳائجي.

[ڪتاب سنڌي ٻولي ۽ سنڌي شاعري [آڳاٽو دورُ] ص 169 تان ورتل ]

امداد حسيني



## زندگي

چاهه جي
شهه راهه تان
گهوٽ جان
زندگي گذري پئي
گذرڻ ڏيوس!

مرحلا
هر گهڙيءَ کان ٻي گهڙيءَ
هڪ چوڪ کان ٻئي چوڪ
هڪڙي موڙ کان ٻئي موڙ تائين
هر قدم تي
مرحلا
هي ڪُتل ڪاون جيان
زندگي تن جي مٿان
هير جان
اُڪري پئي
اُڪرڻ ڏيوس!

زندگي
مينهن ۾ ۽ اُسَ ۾
چيٽ جي چانڊاڻ ۾
پوک جان
اُسري پئي
اُسرڻ ڏيوس!

سِڄ سان
ڪنهن ڪويءَ جي شعر جان
زندگي اوپري ڪنان
اُپري پئي
اُپرڻ ڏيوس!

## اُهو ڏينهن!

اُهو ڏينهن
جنهن ڏينهن جي لاءِ
تون آءٌ
راتين جون راتيون
اکين ئي اکين ۾
ڪَٽي ٿا ڇڏيون
اُهو ڏينهن
ٿيندو بہ يا ڪونہ ٿيندو!؟

## ٽيڙُو

پتو نہ جنهن کي ناسَ،
اُوچي ڳاٽ اسٽيج تي-
ڪري پيو بڪواسَ!

ڪَتي هجي يا چيٽ،
آڱرين ۾ تو ڦري-
اَڻ ڏُکيل سگريٽ!

ٽيڙُو رڃڻ جو موهُ،
جڻ تہ سُوئا مينهن جو-
ڦاٽي تو پيو اوهُ!

عبدالقيوم صائب



## غزل

سهڻن سندا تہ ڪيئي وعده وعيد آهن،
فهم و ذڪا ڪان منهنجي سي سڀ بعيد آهن.
فرضي شناختن جا بوتا ٻٽيل ڏٺاسين،
حق ڪي جڏي ڪيا مون پٽر خريد آهن.
سک جو ڪو ساهہ ڪٽجي کهڙي ليکي يارو،
حالاتِ دور حاضر، ڏاڍا شديد آهن.
ماڪيءَ جو ساءُ وِنبو، ماڪي مٽين ملي پئي،
هٽراڊو ناهہ جا ڪي، رستا جديد آهن.
پيرِ مغان جون ڳالهيون، ويسهہ ڪان دور آهن،
ويسَهہ ۾ اڄ بہ ورتل، تاهم مريد آهن.
دورِ قديم ڪان ئي، ور ور تي خانقاهون،
ڪنهن جون اڪٽريون ڪيل هي، ڪنهن لئہ مفيد آهن؟
پنهنجن جي شه تي ڌاريا، اڳتي وڌيو اچن پيا،
ڏيئي رٿون نيون ڪي، ٿي پيا پريد آهن.
اهڙن جي ڳالهہ جي ڪا، وقعت رهي نہ آهي،
جي جعل ساز آهن ۽ زر خريد آهن.
تاريخ آهہ پڙهئي، هر ڳالهہ ناهہ ميڄٽي،
دستِ سوال جنهن ۾، هَل من مزيد آهن.
سيڪجهہ ٻڌي وڃي ٿو، ڪن حرفتي هٽن سان،
جو ڏوڙ ٿي ئي ويندا زنگيل ڪليد آهن.
ڦٽ ڪي پراڻا يارو، تازه ٿيو پون ٿا،
ميڻ لئي تني ڪي، ڪي ئي پليد آهن.
صائب غريب آهي، پنهنجي خيال ۾ اڄ،
هن لئہ صنم ڪده جون خبرون نويد آهن.

◘

## غزل

عزت و ناموس پنهنجيءَ جو ڪبو آهي خيال،
ائين نہ ٿئي جو زندگي پنهنجي ٿي ٻڻجي پئي وبال.

رونق گلزار و گل ۾ محو ٿي چو ٽا وڃو،
چا، گلن جي لئہ ڪبو سارو گلستان پائمال.

باده و ساغر ڇڏيو ۽ ساقي و مينا ڇڏيو،
هوش ڪان ٻاهر رهي، ٿي نہ پئي جيئڻ محال.

محفلون مچنديون رهن ۽ ٽاڪ ٽاٽاپڻ وسن،
پير ڌارين جو نہ پئي اُت، ٿي نہ پنهنجن جو زوال.

پر سجاٽي، پير ڪڻ، ويسهہ وسوڙيل ڪير ٿي،
ورنہ ويندي پيسجي، ٻڻجي ويسهہ جو سوال.

تڇ ڪري توکي ڇڏي، ڌاريو اڏي پنهنجو اڏو،
تنهنجي عظمت کي ڏئي، تاريخ جو ٿو قيل و قال.

اڄ غلامن جان هلايو ٿو وڃي توکي اگرچہ،
تنهنجو ماضي هو برابر شاندار و بي مثال.

وقت جو ڪجهہ قدر ڪر، جهل پنهنجي پٽ ۽ پنهنجي پر،
ڪم نہ ايندءِ ڪنهن بہ پر، ڌارين سندو مال و منال.

ست رچين جي ساءَ جو، ڪو وقت هو، گذري ويو،
هوشور ٿي، حال کي ڏس، چو ٿيو آهين بتال.

ڪنهن کي صائب ڪينڪي وڻندو رهيو محفل مٿي،
ڪوڪلو جنهن کي وٽي، هرگز نٿو جاه و جلال.

◘

ذوالفقار سيال



## گيت

مان توسان ڪيئن نہ ڳالهايان،
تو نيڻن سان آ ڳالھ ڪئي،
مون ڏانءُ چوڻ جو ڪونہ سکيو،
تو مرڪي هرڪا ڳالھ چئي.

تون جنهن پل مون ڏي ايندي آن،
ان ويل بهار بہ ايندو آ،
پن چڻ جي موسم ٿي پوندي،
جنهن ويل رُسي هو مونکان پئي.

ڪا آس رکي مون رستي ۾،
ڏس ڪيڙو اوسيئڙو آ ڪيو،
مان جنهن جي آس ۾ بيٺو هان،
هو منهنجي سامهون گذري وئي.

هو منهنجي من جي چين هئي،
ڪنهن سپني جي ساپيان وانگر،
مون پيار ڪيو، ان جي بدلي،
وئي ڪيڏا مون کي ڏک ڏئي.

## غزل

زندگي پيار آ، پيار ويساهہ آ،
روشني، سمنڊ بہ، تنهنجو ئي چاهہ آ.
واءُ، ڪوسو لڳي توکي ٿو مان لڳان،
منهنجو تو ۾ پرين جڻ پيل ساهہ آ.
تنهنجي نظرن جي هر ڪنهن ادا جو قسم،
پيار جو تو ۾ پريل ڪو درياءُ آ.
تنهنجي خوشبو هوا ۾، ڪٿان ساهہ جيان،
ياد ڪوئي اڪيلي وئي گھاءُ آ.
پيار ڪي ڪهڙي ماپي ۾ توري ونان،
جيءُ سان جيءُ جو هيءُ جڙيل چاهہ آ.

## غزل

وقت جوان آ، پوڙهو ناهي،
پيار جو رستو سوڙهو ناهي.
روئي روئي ٿڪجي پيو هان،
هاڻ اکين ۾ ڳوڙهو ناهي.
ڪنهن جي بند زبان ڪيان مان؟
ديس آ، اوڙو پاڙو ناهي.
پيار اُباٽو ٿي پيو آهي،
جيون ۾ جي جوڙو ناهي.
تنهنجون اوچيون هن ديوارون،
منهنجي در تي لوڙهو ناهي.
زلف هي جذبن جو پورهيو آ،
پنهنجو هٿ هٿوڙو ناهي.

ساڳيون هيون
پريتم پسڻ واريون
حسرتون ساڳيون هيون:
ڪيف ساڳو هو چڙهيل
ڪيفيتون ساڳيون هيون:
نہ وسريا هئا رسڻ پرچڻ پنهنجا
نہ وسريا هئا ملڻ ڪلڻ پنهنجا
خط گلاب ڊائريون
ڏيڻ بهاني
وري وري هئا ملڻ بہ
ياد اسان کي
هئي نہ وسري ڪڏهن
اسان ڪان ڪا
پسند پنهنجي:
هن Gift ڪئي
هئي خوشبو اها
جيڪا مون هئي
چاهي،
مون بہ هن لئہ خريدي
هئي خوشبو اها ئي جا
هن هئي چاهي
ڳالهيون بہ گهٽيون ئي ڪيوسين
ساروڻيون بہ ڪيئي ساريونسين
سور بہ گهٽيئي سلياسين
ڳجهہ بہ گهٽيئي ڳرهياسين
پر، پريم ڪٿائون
ڪٿڻ جون هيون ڪٿي؟
محبتون مڃڻ جون هيون ڪٿي؟
محسوس اسان هو
ڪيو تہ:
پاڻ پسڻ لئہ
پريم ونڊڻ لئہ
اجا گهُرجن ڪي صديون
اجا گهُرجن ڪي رُتون
مدتن جي بيوسي تي
فاصلن جي بيوسي تي
سڏڪي پيا هئاسين، اسين
ڦٿڪي پيا هئاسين، اسين
تڙپي پيا هئاسين، اسين
لڙڪ اگهي پنهنجا وري
مرڪي پيا هئاسين، اسين
ائين ڪلندي روئندي
روئندي ڪلندي
وري وڇڙڻ لئہ، اٿياهئاسين
اسين!
لڙڪ جي آلاڻ جهڙي
ان سمي
هن جي آندل خوشبو ڪولڻ لڳس
جڻ املهہ گهڙين کي پاڻ ۾
سموهڻ لڳس
تہ روڪيندي چيائين:
تون خوشبو نہ کول
منهنجا پيار!
ائين تہ نہ رول!
خوشبو وکري ويندي
قيامت ڪڙڪي ويندي
درد ۽ چڪتاڻ واري ان سمي
هن لئہ آندل خوشبو، مون ڪان اوچتو وئي هئي کُلي
۽ هير سُرهاڻ چوڌَس وئي هئي گهُلي
بيخودي مان جهليندي چيائين مون کي
تون منهنجو سچو پيار آهين
پر اجا اهائي ٻار آهين
تون دنيا کي سڃاڻين نٿي
۽ دنيا کي ڄاڻين نٿي
خوشبو وکرڻ سان دنيا ويندي سمجهي
تہ تون آهين منهنجي پريمڪا
۽ مان آهيان تنهنجو پريمي
مون کي منهنجي پَل جو احساس ٿيو
۽ من بہ ڪجهہ اداس ٿيو

پر اوچتو هڪ وڏو ٺهڪ
پڙاڏو بڻجي فضائن ۾ ويو وکري
حيران ٿيندي پڇيائين ڪِلڻ جو سبب
مون گهڻو ئي ٽاريو
گهڻو ئي لنوايو
پر نيٺ راز کلي ويو ته:
"تون سراپا عشق، مان سراپا درد"
تون ڇا ڄاڻين
هينئڙ تائين
ڪيڏو چاهه چمڪيو آهي خلائن ۾
ڪيڏو پيار ڦهليو آهي هوائن ۾
پيار کي تون ڪڏهن به لڪائي نه
سگهندين
عشق جي مُشڪ کي بند بوتل ۾
سمائي نه سگهندين
پاڻ جڏهن جڏهن ۽ جتي جتي
ملنداسين
اها نگري نينهن نگر ٿي پوندي
اها ٺڪري پريم گگر ٿي پوندي
پريم پنهنجي سان
صحرا به گلزار ٿي پوندي
خزان به بهار ٿي پوندي
۽ پيار اسان جو
خوشبو بڻجي
پولارن ۾
وکري ويندو!
پيار اسان جو
خوشبو بڻجي
پولارن ۾ وکري ويندو!

◙

## وسيم گبول

# غزل

انسانيت- پوڄاري آهيان،
سچ ته وڏو ڏوهاري آهيان.
جنهن ۾ ساڃهه سونهن پلي ٿي،
سوچ وڏي ساپاري آهيان.
آءٌ دنيا جو ان داتا،
مان پورهيت مان هاري آهيان.
پيار- نگر ۾ خوشبو بڻجي،
ڦهليل مان چوڌاري آهيان.
جيڪو درد کان خالي آهي،
آءٌ انهيءَ کان عاري آهيان.

# وائي

اڳيان پويان سونهن جي،
ڦيرا روز ڏين،
اکڙيون ڳاڙهيون لال ٿيون.
راتيون ڏينهان روح مان،
هڪڙو طرف تڪن،
اکڙيون ڳاڙهيون لال ٿيون.
پنهنجيءَ ۾ مستان هي،
ڪنهن کي ڪونه ڪنگهن،
اکڙيون ڳاڙهيون لال ٿيون.
ڪڏي پونديون ڪاٿ ۾،
ڪنهن کان ڪونه ڊڄن،
اکڙيون ڳاڙهيون لال ٿيون.
پنهنجي يار "وسيم" جو،
اوسيئڙو ٿيون ڪن.
اکڙيون ڳاڙهيون لال ٿيون.

◙

## سليم سهتو



### نثري نظم

اي نوجوانو!
منهنجي ويجهو اچو،
ڌيان سان ٻڌو،
جيڪو ڪجهه،
مان توهان کي ٻڌائڻ
گهران ٿو،
ڏاڍو دلچسپ آهي قصو،
اسان پنهنجي جمڻ واري ڏينهن کان
وٺي گذاريون ٿا.
زندگي،
هڪ مهمان وانگر،
اچون ٿا،
هن جڳ ۾،
پنهنجي واري سان،
۽ گذاريون ٿا،
زندگي،
هڪ مهمان وانگر،
۽ پوءِ،
هڪ ڏينهن
اسان جو
وقت پورو ٿي وڃي ٿو،
۽
اسان هن جڳ مان لڏي ٿا وڃون،
هن جڳ ۾،
رڳو اسان جا عمل،
سٺا يا خراب
رهجي وڃن ٿا باقي،
هجي رحمت،
اهڙن انسانن تي،
جيڪي،
هن فاني دنيا سان،
جهڙا معصوم،
پيدا ٿيا هئا،
اهڙائي،
واپس موٽي ويا.

### ڪاش!!

ڪاش تون منهنجي هجين،
مان تنهنجو هجان.
تون سمنڊ هجين،
مان ڇولي هجان.
تون شمع هجين،
مان پروانو هجان.
تون شعر هجين،
مان شاعري هجان.
تون پرهه هجين،
مان پرڀات هجان.
تون ساز هجين،
مان گيت هجان.
ڪاش تون منهنجي هجين،
مان تنهنجو هجان.

### غزل

قربان ٿيان، پنهنجي يار تان،
سندس مٺڙي، گفتار تان.
اکين ۾ ڪجل، ڳلن تي لالاڻ،
صدقي ٿيان، سندس سينگار تان.
دور حاضر جو مجنون سڏين ٿا،
سڀ ڪجهه لٽايان، سهڻي يار تان.
ماڻهو ٿين فدا، دولت تان،
مان ٿيان قربان، اقرار پيار . تان.
شاعر مرن، شهرت ڪاڻ "سهتا"،
مان ٿيا فنا، وصال يار تان.

◙

الطاف حسين باگراڻي

## غزل

الاهي آس جي ٻيڙي، جي تاريندين تہ ڇا ٿيندو،
وفا جا وهڻ وطن ڏي، جي واريندين تہ ڇا ٿيندو.
نظر ڪا سرت واري ڏر، اسان جي خاص عيبن تي
ڏڪايون ڏيهہ تان ڏاتر، جي ٽاريندين تہ ڇا ٿيندو.
گولي، بم ڌماڪن سان، پرجي آسمان ٿيو ڪارو،
ٻرن پيا خوف جا ڏيئا، جي ٺاريندين تہ ڇا ٿيندو.
ٻڪن جي پيچ پني برسلتہ بدحالي جي بوند آ برسي،
مهانگائيءَ جي موت جا پاڇا جي ٽاريندين تہ ڇا ٿيندو.
مفاد جا منهن ڪُلي ويا، ڪنئي ملائڪن ملڪ جي تسبيح،
هي ڪريل پيي خلق تنهنجي آ، جي سڌاريندين تہ ڇا ٿيندو.
جيئڻ تان روح ويو ڪڇي، ڏسي عمل ۽ ايمان جو تڪرار،
سڪي ويو پيار جو پاڻي، جي واريندين تہ ڇا ٿيندو.
لهي اچ هيٺ خدايا تون، ڏسي حال ڏيهہ جو سارو،
سادا سودا سڀ سانگي، جي سنڀاريندين تہ ڇا ٿيندو.
احساس جا پرَ زخمي ٿيا، ۽ سوچون ٿياس تي ٽنگيل،
دٻيل جذبا جوانن جا، جي اڀاريندين تہ ڇا ٿيندو.
ٻولڻ لاءِ اکر ٻہ تون، هلي ڪونہ آئين منهنجي گهر،
پڇاڻا مٽي قبر تي تون، اُڇنگاريندين تہ ڇا ٿيندو.
سمهن سڪنا غريب ٻچڙا، اوگهاڙي لڳ اوڊي اوڇڻ،
جنين جو ڪوئي نہ سهارو آ، جي سنڀاريندين تہ ڇا ٿيندو.
مهانگائي جو گهمي راڪاس، ماڻهن ماس ڪائي ٿو پيو،
جيئڻ مشڪل ٿيو ماڻهوءَ جو، جي جياريندين تہ ڇا ٿيندو.
ڪري احسان ”الطاف“ تي، تون ڪر بخش بديون باري،
روضو پاڪ پيغمبر جو، ڏيکاريندين تہ ڇا ٿيندو.

## غزل

جلائي هن جان منهنجي ڪي، ٺاريندين تہ خوش ٿينديس.
منهنجي هن پاڪ محبت ڪي، جياريندين تہ خوش ٿينديس.
جيئن تون ٿو سمجهين، ائين هرگز ڪونهي ڪو،
وفا ڪي تون نڀائڻ لاءِ، او ساريندين تہ خوش ٿينديس.
دنيا جي بي رحم ماڻهن ۾، ذرو پي رحم رهيو ناهي،
پٿر دليون دلبر تون، پگهاريندين تہ خوش ٿينديس.
ستايل ڪي ستائڻ مان، وري پي ڪجهہ نہ ملندو تو،
هاءِ هن درد جي ماريل ڪي، سنڀاريندين تہ خوش ٿينديس.
چئني پاسان بگهڙن جا، ڪائڻ لاءِ آهن هت ڦيرا،
خدا جي واسطي مون ڪي، جي والاريندين تہ خوش ٿينديس.
شڪوا جي شڪايت آهہ، آءُ ويهي ڪريون ڳالهيون،
”الطاف“ چئي اڱڻ پنهنجي، ويهاريندين تہ خوش ٿينديس.

## وائي

نينهن جا ڪِ نشتر،
پيار جا ڪِ پٿر،
پري نہ هڻ.

الفت جي اسپتال ۾،
نظرن جا ڪِ نيرَ،
پري نہ هڻ.

چاهہ واري چانهہ ۾،
ڪلفت جا ڪِ ڪنڪر،
پري نہ هڻ.

ڪچاين جي ڪوٽ ۾،
بي وفاين جا پٿر،
پري نہ هڻ.

برهہ جي بارود سين،
ميزائيل جا ڪِ منظر،
پري نہ هڻ.

الطاف چئي گهٽيءَ ۾،
خوف جا ڪِ خنجر،
پري نہ هڻ.
پري نہ هڻ.

احمد گل جوڻيجو



## نظم

### ڪير جيئي...!؟

ذرتي منهنجي، ماءُ جيئي
سنڌڙيءَ ۾ آ، ساهه جيئي

لال قلندر سيوهڻ وارو،
ڀٽ جو سهڻو، شاهه جيئي!

ٿال سڌانبن، موجون ماڻي،
ذرتيءَ ني، درياهه جيئي!

سچل سنڌ جي، سونهن درازا،
دولهه جي، درگاهه جيئي!

چوڏهينءَ جو چنڊ، چانڊوڪيءَ سان،
منهنجو تي مَنَ، ماهه جيئي!

احمد گل' هن، ذرتيءَ تي هر،
هيڻن جو، همراهه جيئي!

## غزل

سهڻي سنڌ، سلامت هوندي،
قائم تائين، قيامت هوندي

سنڌ امڙ جي، دشمن سان ٿي،
منهنجي يار، عداوت هوندي

جيجل سان جو، پيار ڪري ٿو،
ان سان منهنجي، الفت هوندي

ننڊ ۾ توڙي، جاڳ ۾ هر دم،
ورد وطن جو، عادت هوندي

سنڌ جو پيارو، نانءُ وٺڻ ئي،
منهنجي عين، عبادت هوندي

شاهه ڀٽائي، پرجهل منهنجو،
سچل سڪ، صداقت هوندي

'احمد گل' سنڌ، شاد رهي شل،
پرور توکي، پارت هوندي

عبدالرزاق ڪلهوڙو



## نثري نظم

تنهن سمي
ڪجهه دوريءَ کان
ماٺ ميٺ ۾ اچاتري مسڪراهٽ سان
ڇهري ڪي هوا ۾
وائڪوڪندي
نقاب پوش ٿي وئينءَ
هجر ۽ فراق جون منزلون
طئي ڪندي
اڪين ڪجهه وساريو ناهي،
پاڪ ۽ پوتر نگاهن ۾
اڄ به سميٽيل آهين
دل چوي ٿي
هوا هجان
جهڙالي شام هجي
شهر شهر وجان، توکي ڳوليان
آس ٿي تو وٽ اچان ۽ پو
زخمي سڏڪو وڪيري
غائب ٿي وجان، توکان
تو وانگر
تو وانگر......

## نثري نظم

اڄ ويران رڻ تي
ڪنهن جي خوشبو
برسي ٿي
اي فضا....
هونديون حياتيون سکن ۾
ڪي ڪوڙڪن جان
ڦاٿل،
آءٌ ته لڙڪن سان آهيان
ٻٺايل،
پيار ۽ خوشي پريل
گيتن ڪي
سلجهائي رک
سجهنديون آب و تاب
سان آهن سختيون
هر پل
جنهن ڏينهن هوندو
ڪفن منهن تي،
عظمت جو اعلان ڪنديون
اڄ ويران رڻ تي آ
ڪنهن جي خوشبو
برسي........

## ابرار ابڙو

### غزل

هوءَ نيڻ کڻي مون ڏي، ٻِکري ته اکيون مُرکن،
کنهن باغ جي گُل وانگي، نسِري ته اکيون مُرکن.

آڪاش اُجارو آ، سنسان سِتارا هِن،
ڪو چنڊ نئين رُتِ جو، ٻِکري ته اکيون مُرکن.

سِجُ تنهنجي محبت جو، شل منهنجي مٿان اُڀري،
اونداهُ زماني جو، وِکري ته اکيون مُرکن.

ڪنهن چو نه سهيڙيو آ، ڪنهن چو نه سُڄاتو آ؟
هي غمُ حياتيءَ جو، وِسري ته اکيون مُرکن.

### غزل

آڪاش جون هوائون، آڪاش جا ستارا،
ساهن پريون صدائون، آڪاش جا ستارا.

هر وقت نيڻ چمڪيا، هر وقت روشني ٿي،
ڪنهن پار جون پڇائون، آڪاش جا ستارا.

انمول زندگي ۽ احساس اُجرا اُجرا،
هر ويل جڻ وفائون، آڪاش جا ستارا.

پوئين پهر جي رُتِ ۾، جاڳي اُٿي جواني،
گهنگهور ٿيون گهٽائون، آڪاش جا ستارا.

سينو حيات تاڻيو، ڪنهن ماڳ رات ماڻيو،
جڻ يار جون ادائون، آڪاش جا ستارا.

مُرڪي ٿو چنڊ اُڀَ تي، موهي ٿي مُند رڻ جي،
صحرا جي سانت، آءٌ، آڪاش جا ستارا.

## مِسروز ابڙو

### غزل

چنڊ، تارا، ڪهڪشائون زندگي،
پيار، محبت، ۽ وفائون زندگي.

تون جي ناهين ڇا ڪَبيون، دلڪش رُتون،
شام جا منظر، هوائون زندگي.

ايتري خاموش تون، ڇو ٿي رهين؟
زندگيءَ کي ڏي، صدائون زندگي!

آءٌ جانيءَ ۾، سدا گُم ٿي رهان،
ٿي وڃي ساري، گهٽائون زندگي.

آءٌ اندر ۾، سجائيندي رهيس،
عشق تنهنجي جون، ڪٿائون زندگي.

# نياز خالدي

## غزل

درد آهي، تہ دوا بہ آهي،
مرض آهي، تہ شفا بہ آهي.
انسان پنهنجي، وس آهي ڪٿي،
خوش آهي، تہ خفا بہ آهي.
آهي هر ڳالهہ جو، اصول هِتي،
ملزم آهي، تہ سزا بہ آهي.
گلن سان گڏ، ڪنڊا ٿا رهن،
ضد آهي، تہ رضا بہ آهي.
ماکي سان مکڻ، کير سان مصري،
ساز آهي، تہ صدا بہ آهي.
سيرو ڪِينَ وٺي، لوڻ کان سوا،
حسن آهي، تہ ادا بہ آهي.
الله ساهہ جي، رڳ کان ويجهو،
گڏ آهي، تہ جدا بہ آهي.
ماءُ، پيءُ، گهرواري ۽ اولاد،
پيڻ آهي، تہ پاءُ بہ آهي.
مايوس نہ ٿي، 'نياز' مرڻ تائين،
شيطان آهي، تہ خدا بہ آهي.

## غزل

نفرت کي محبت ۾، تبديل ڪريو،
محرومي کي همت ۾، تبديل ڪريو.
نہ ٿيو مايوس، ڪڏهن رب کان،
ڏک کي طاقت ۾، تبديل ڪريو.
هر بيماري کي، ملي ويندي مات،
حوصلي کي صحت ۾، تبديل ڪريو.
نہ رهو نصيب جي، آسري ۾،
محنت کي بخت ۾، تبديل ڪريو.
خوش حال رهڻ ٿا، چاهيو اگر،
سستي کي محنت ۾، تبديل ڪريو.
بچڻ ٿا گهرو، اگر زوال کان،
تڪبر کي نوڙت ۾، تبديل ڪريو.
رب کي راضي، ڪرڻ لاءِ دوستو،
فرض کي عادت ۾، تبديل ڪريو.
دنيا ۽ آخرت جو، آهي فائدو،
معمول کي سنت ۾، تبديل ڪريو.
عمل جو پورو، اجرُ تڏهن ملندو،
خيرخواهي کي، حقيقت ۾ تبديل ڪريو.
اکين جا تارا ٿي، ويندا ليڪن،
خوش خلقي کي، عزت ۾ تبديل ڪريو.
نياز مشڪلاتون سڀ، دور ٿي وينديون،
غم کي دولت ۾، تبديل ڪريو.

## غزل

دنيا ۾ غريب هجڻ، ڏوهہ بڻجي ويو،
اديب ۽ شاعر ٿيڻ، ڏوهہ بڻجي ويو.
گلا ۽ خوشامد، سيني کي ٿي وٺي،
سچ چوڻ، سچ ٻڌڻ، ڏوهہ بڻجي ويو.
نہ چئو ڪنهن کي، ڪجهہ بہ ڪري،
ڪنهن کي نصيحت ڪرڻ، ڏوهہ بڻجي ويو.
ڏاڍيان گهڻو ڳالهائڻ ڪاميابي جي ضمانت،
گهٽ ڳالهائڻ، ٿورو ٻڌڻ، ڏوهہ بڻجي ويو.
چڱائيءَ ۾ چڱن جا، هٿ ٿا سڙن،
ڪنهن جو ڀرم رکڻ، ڏوهہ بڻجي ويو.
ڪوڙ، تڪبر، گلا، حسد، ويو آهي وڌي،
ڪاوڙ کائڻ، سادو رهڻ، ڏوهہ بڻجي ويو.
نياز گهڻا چور دروازي، مان اڳتي ويا،
محنت، اخلاق سان وڌڻ، ڏوهہ بڻجي ويو.

## شيخ فرازي

### غزل

لڙڪ هر ڀوٽي ۾ ها،
گل پَنَڻ جي پيڙ جا.
اڄ وڃائن وار ٽا،
ڏار ٽيڻ جي پيڙ جا.
هوءَ ملي ۽ واسطا ويا،
ڪجھ نہ ٽيڻ پيڙ جا.
هن جي گهرَ جا ٽانوَ نوحا،
ڇلھ وِسڻ جي پيڙ جا.
رات ٺهندان ٽي فرازي،
ڪجھ نہ ٽيڻ جي پيڙ جا.

### غزل

خود ثنائي خود فنائي زندگي،
خود فنائي خود بقائي زندگي.
ڪنهن ڏسي جلوي برائي زندگي،
ڪنهن ڏسي جلوي حيائي زندگي.
تو اڳيان عاجز رهياسي هر جڳھ،
پاڻ وٽ اُهي وفائي زندگي.
مان وڃان ٿو ديس جي خدمت ڪندو،
ساڻ آ مون سان دعائي زندگي.
دل فرازي شيخ ٿي چوندي وتي،
خود گهٽائي خود وڌائي زندگي.

### غزل

تُنهنجو حال ٻڌائي مون کي،
ڪير اچي مهڪائي مون کي.
تنهنجي چاهت، چاهت وارا،
گيت پئي لکرائي مون کي.
تنهنجي آهيان هر حالت ۾،
رات پئي سمجهائي مون کي.
ويس خوشي، جو غم جي گهرَ ۾،
شام وئي پارائي مون کي.
تنهنجي آهيان شيخ فرازي،
هن چيو ڳل لائي مون کي.

### غزل

شاعري منهنجي پئي مون کان کسي،
زندگي منهنجي پئي مون کان کسي.
سونهن پنهنجا گيت مون کان ٿي کسي،
تازگي منهنجي پئي مون کان کسي.
منهن مَٽڻ جي ڪوشش ۾ هوءَ رهي،
روشني منهنجي پئي مون کان کسي.
جا ڪئي مون ويجهڙو ٿي چاھ سان،
بندگي منهنجي پئي مون کان کسي.
خوش رهڻ جو مَسَ وڃي رستو لڌو،
عاجزي منهنجي پئي مون کان کسي.

### غزل

محبت جو آ موھ ميان،
منهنجو ڪونهي ڏوھ ميان.
ڌڪ هڻو ڀل دانهن نہ ٿيندي،
آءٌ آهيان لوھ ميان.
اوندھ جو هي دردُ اٿئہ،
پيسي وارو موھ ميان.
منهنجو نالو پيار محبت،
مون سان ڇا لئہ دوھ ميان.
شيخ فرازي پيار سان سمجهايو،
نفرت ايڏي ڪوھ ميان.

دنيا جا بهترين عالم ۽ اديب، مفڪر ۽ مقرر، سياسي رهنما ۽ سپهه سالار گهڻي قدر سڀ انهن قصن ۽ ڪهاڻين جا مرهون منت آهن. ننڍي هوندي جڏهن هو پنهنجيءَ مٺڙي ماءُ جي آغوش ۾ آرامي هوندا هئا، تڏهن ڪنهن نه ڪنهن نيلم پريءَ جي پرن تي سوار ٿي، هو ڪنهن نه ڪنهن خوابي دنيا جو ضرور سير ڪندا هئا. اهي خواب، جي هنن ڪهاڻين جي بدولت هنن کي حاصل ٿيا هئا، سي وڏي هوندي، سندن زندگيءَ جا حقيقي رهبر ثابت ٿيا، ۽ انهن نقش تي ويل خيالن جي حاصلات لاءِ پوءِ هٿ وڌائي هنن آسمان جي تارن کي به هيٺ آڻڻ جون ڪوششون ڪيون.

هر ديس جي رهواسين جي زندگيءَ ۾ ڪن مخصوص وسوسن ۽ پرمن کي پڻ دخل حاصل آهي. اڪثر حالتن ۾ اهي پرم ۽ وسوسا آکاڻين جي صورت اختيار ڪري، هڪ مقدس امانت ٿي پيا آهن، ۽ هر نسل انهن کي ديانتداريءَ سان پنهنجي سيني سان سانيندو پئي آيو آهي. اها امانت اهڙي ته پائدار ۽ غير فاني آهي، جو وقت جي رفتار، سائنس جا ڪرشما، معاشي ۽ سماجي بدحالي ۽ افراتفري ۽ ٻيون هيٺ مٿانهيون، جن جي چڪر ۾ هوند ڪا به چيز ڏاڍ اوچو ڪري نه سگهي، هنن جي پائداريءَ کي تر جيترو به لوڏي نه سگهيون آهن. سچ ته اهو آهي ته انسان جي پنهنجي زندگي خود هڪ بي انت ڪهاڻي آهي، - هڪ پرم آهي. هڪ وسوسو آهي، جنهن کي اڃا پورو سمجهيو ئي ڪونه ويو آهي. انسان جڏهن پنهنجي زندگيءَ جي هن عجيب غريب الميه ڪهاڻيءَ جي صحيفي ۾ ڪن بابن جي ڪمي محسوس ڪري ٿو، تڏهن اهڙي ڪمي هو انهن عجيب غريب آکاڻين ۽ قصن ڪهاڻين جي بدولت ئي پوري ڪري ٿو. انسان جي زندگيءَ، ۽ هنن خوابن خيالن ۽ ڪهاڻين قصن جو هڪٻئي سان ساهه بدن جو ساٿ آهي، ۽ وقت جي ڪا به لهر هنن کي هڪ ٻئي کان الڳ ڪري نه ٿي سگهي.

[ڪتاب ''آمريڪي لوڪ ڪهاڻيون'' جي عرض حال ص 5-4 تان ورتل

سانول

# وڻجارو

اچ به ڪراچيءَ ۾ هڻ تاڙ هئي. ڪالهه وانگر.
اچ به وجدان آفيس نه وڃي سگهيو هو. ڪالهه وانگر.
اچ به هُو رابيل سان ملي نه سگهيو هو. ڪالهه وانگر.
۽ وجدان ڪي ڪهاڻي لکڻي هئي. رائيٽنگ ٽيبل تي ويٺي گهڻي دير ٿي وئي هئس، پر لکي هڪ لفظ به نه سگهيو هو. ڪالهه وانگر.
منجهيل سُڻ جو سِرو هٿ نه پئي آئس. من ۾ آهُس ته سَڻ ڏئي سُڻ کي خنجر سان ڪپي، راڻي جيان، سرخي جي ڳچيءَ تي جو ڳاڻو ڪري ڇڏي. پر هُن وٽ خنجر نه هو- نه ئي هُو راڻو هو ۽ سمهُ- سرڪش گهوڙي جيان سِراڙي ۾ هو. ان جي واڳ مُنين مان نڪتي نڪتي پئي وئي. رت جي سپڙهه ڪراين ڪان ٽيندي ٽونئين ڏانهن وڌي رهي هئس.
هن چرڪي پين پني تي ڇڏي ۽ پنهنجي هٿن کي ڏٺائين. اُتي رت جو ٽيپو به نه هو!
هُو ٽيبل تان اٿي دريءَ ۾ اچي بيٺو. سنڌ- ساگر سندس سامهون هو، وشال ۽ اننت، سچ پڌي رهيو هو ۽ سنڌ ساگر کي پنهنجا سونهري ڪرڻا پيٽ ڪري رهيو هو، سنڌ- ساگر سدائين ڪيس پاڻ ڏانهن ڇڪيندو پاسندو هو. جڻ اُن سان ڪو آدجڳاد ڪان سڱ هئس. هو اڪثر فليٽ مان نڪري سنڌ- ساگر تي هليو ويندو هو، ڪڏهن ڪڏهن رابيل به ساڻس هوندي هئي ۽ هو ٻيئي اگهاڙي پيرين، ڪناري ڪناري، هلندا ويندا هئا. ۽ وجدان کي اُها شام ياد اچي وئي جڏهن رابيل ۽ هو، رابيل جي هاسٽل واري لان جي چبوتري تي ويٺل هئا. بلب جي جهڪي روشنيءَ ۾، ٻانهن ڏگهير جي وٽيءَ تي.
”ڪهاڻي جو ڇا ٿيو؟“ رابيل پڇيو
”ڪهاڻي تيار آهي.“ وجدان وراڻيو.
”سچي!“ رابيل خوش ٿي ٻارن جيان تاڙيون وڄائڻ لڳي. ”ڪٿي آهي؟“
”هتي!“ وجدان لوڙي تي هٿ رکيو.
”اوهه!“ رابيل جڻ وسامجي وئي. وري پڙڪو ڪائي ٻري پئي. ”اها پني تي ڪڏهن لهندي؟“
”تون اهو ته ٻڌائي ته ڇا ڪهاڻي ۾ سچ ۽ نه- سچ به هوندو آهي؟ يا ڪهاڻي بس ڪهاڻي هوندي آهي!“
وجدان جي ان ڳالهه تي رابيل جو ٽهڪ ٻريو، روپيون ٽليون وڄڻ لڳيون.
’ڇا تون اهو ٽهڪ مون کي رڪارڊ ڪري ڏئي سگهين ٿي؟‘ وجدان پڇڻ چاهيو.
”ڇا توهين اها ڪهاڻي، جيڪا اڃا توهان جي دماغ ۾ آهي، اُها مون کي انڪري ته نٿا ٻڌايو ته متان آءُ به اها ڪهاڻي پنهنجي نالي سان ڪٿي ڇپائي ڇڏيان!“
”نه، توکي خبر آهي ته جيئن لکڻ جو ڪارڻ ٿئي ٿو. تيئن نه لکڻ جو به ڪارڻ ٿئي ٿو. هريش واسواڻيءَ به لکڻ ڇڏي ڏنو آهي. ائين مون ٻڌو آهي، پر گووردن پارتيءَ جي لکڻ ڇڏي ڏيڻ جو ڪارڻ مون کي معلوم آهي، اهو ڪارڻ هن نه، پر ٻئي ڪنهن ٻڌايو هو ته پوپٽيءَ جي ڪنهن ڳالهه کي هن ايڏو ته دل

جنهن ۾ آيا انبُ!
آئون ڪايان ڪلي ڪلي!
توکي ڏيان ڏنبُ!
چيٽو آءٌ چڙهيندي سان!"
وري ٻيو سهرو ڳائڻ لڳيون:
"لئي لئي خشان خشان!
ٻڌ لئي خشان خشان!
شادي ٿئي ميلي ۾،
پٽ رڌان چيلي ۾!
زيبل کي چڪو ڪپي! مارل کي ڪڪو ڪپي! لئي خشان خشان!"

تڏهن ڪلاچي ماءُ پڇيو، "اهو ڳيچ ملير وارين جوڙيو"، نه ماءُ، اسان ڪين جوڙيو آ، ڪيچ ويو هيوسين، اتي لسٻيلي جي مڱڻهارين پئي اهي ڳيچ ڳاتا..."

ڪلاچيءَ ماءُ خوشيءَ وارو زمانو ساريندي، هاڻ ڏڪئي وقت کي سارڻ لڳي، مورڙي پوٽين لاءِ: جن جي رڌڻي ۾ روز سجا دوٿر، سُرمئي، پاپليٽ رڌبا ۽ ترپا ويندا هئا جيڪي سائي سُوئا ۾ چاڙهيل گانگٽن جو پلاءُ، ڪڙُ ۾ پڪل مڇيون ڪينديون هيون سي اڄ لوجرن لاءِ پيون سڪن!!

هُن سوچيو پئي، انهن پورهيت ڏوسين لاءِ، جيڪي پرهه مهل مڇيون سوئڻ ۽ گانگٽن ۽ سانن چلڻ وارن ڪارخانن ۾ وينديون آهن جن جي چلهه هاڻ ۾ ويلا وساٿل رهي ٿي.

مائي ڪلاچيءَ جي اکين آڏو، دور ايندا ۽ ويندا رهيا. پنجاهه، سٺ، ستر، اسي، نوي ۽ هزاري، هزاري واڌو ڏهاڪي وارا. ڏهاڪا منظر منظر ٿي اکين آڏو تري آيا.

26 سالن تائين ملڪيتن جون ڪوڙيون دعوائون...
سرڪاري نوڪرين جا جاوا...
هر آمر جي حمايت...
سنڌي جمهوريت گهرن پيا...
موهن نگر جو مهان راج ٻٽ تباس تي لٽڪيو پيو آهي...
جمهوريت گهرجي...
روڊ رستا رت هاڻا آهن...
آمر ڏند پيڪوڙي سوچي پيو...
اوهه! هي گنگا جمني!
سمورا گنگا جمني آمر جي ڪيسي ۾ پيا ٽپا ڏين ۽ پيا اٽڪيون پٽڪيون ڪن...!

ڪلاچي ماءُ سوچي رهي هئي، جن کي جيءَ ۾ جايون ڏنيون سي قري قاڏا ٿي بيٺا آهن...!!
هجي ماني ته ٽڪر ڳيو پٺي ڏيان!
هيءَ ته مَنُ آهي!
هانوءَ ۾ هٽ ٿا وجهن!
ڪلاچي ماءُ هوريان ٻڙڪيو!
"جاڻي سجاڻي ويهان ڪيئن ماٺ ڪري."

مائي ڪلاچي گلان کي ساريندي، ويچاريندي رهي...

"رات منهنجي ڌيءَ گلان منهنجي ڊيل، منهنجي هرڻ اکيءَ کي سندس ٻارن چيو ته: "امان! آکاڻي ٻڌاءِ."
"کهڙي آکاڻي ٻڌايان..."
"امان شينهن ۽ لومڙيءَ واري"
وڏي پٽ چيو:
"نه نه امان اڄ گدڙ واري آکاڻي ٻڌائي."
ننڍڙي پٽ ضد ڪندي چيو.

گلان پنهنجي پٽن کي آکاڻي ٻڌائڻ لڳي، وچ وچ ۾ جي امان! جي امان! ضرور چئجو ۽ سمهي نه رهجو!

هڪ ملڪ ۾ گدڙ جا راج پيدا ٿي ويا. اهي گدڙ ٻئي هنڌان آيا هئا..." "پٽ ٻڌين پيو" ها امان!

هاڻ اهي گدڙ وڏي وڏو راج ٿي ويا هئا.

ڏرڙن جهڙين سوڙهين گهٽين مان نڪري اوچتو اوناڙون ڪندا، پورهيتن، مزدورن، ضعيفن، عورتن تي حملا ڪندا ۽ وري انهن گهٽين ۾ گم ٿي ويندا هئا. امان گدڙ ائين ڪندا هئا" ٽنهي پٽن گڏجي چيو!

جي ڏکين مسئلن جي... ۽ تو انهن مسئلن جا سمورا حل پيش ڪيا هئا.

کهاڻيون رنگ وکيرينديون ويون... ۽ اسان جو جنم ٿيندو ويو... اي اسان جي عظيم تخليق ڪار... اي اسان جي امڙ، تو اسان کي هٿ کان جهلي وقت جي سرزمين تي قدم ڄمائڻ جو گُر ڏنو، تو اسان جي اکين ۾ ڪيترا نه اميد جا ڏيئا روشن ڪري ڇڏيا هئا... اسان جي ننڊن ۾ ڪيڏا نه خوبصورت خواب رکي ڇڏيا.

اسان کي آزاديءَ جو احساس ڏنو ۽ احساس ڏنو زندگيءَ جو، اسان کي تڏهن ئي پنهنجي صلاحيتن جو احساس ٿيو هو...

تو اسان کي اسان جي سڃاڻپ ڏني، اسان جي هٿن ۾ عزم، دلين ۾ حوصلا، ذهن کي پختگي، سوچن کي روشني ۽ پيرن کي هلڻ جو هنر ڏنو:

ان کان پوءِ تون اسان جي سڃاڻپ هئينءَ اسين تنهنجي... زندگي ڪاغذن تي جاڳي پئي هئي...

اي اسان جي تخليقڪار جيڪڏهن توکي ياد هجي ته...

پوءِ هڪ ڏينهن اهڙو آيو اسان جي امان... جي تون اسان کي ڇڏڻ جو ارادو ڪيو، منزل ته ڏور... پر راهون ڪيڏيون نه ڏکيون هيون جڏهن تو اسان کي ڇڏيو هو.

اسان توکي ڳوليندي رستا ماپيندي ائندي، ڪرندي، ٿاٻا کائيندي ۽ پير ڊوڙائيندا رهياسين.

امڙ اسين ته توکي ڳوليندا رهياسين پر تون نه ملينءَ... ۽ نه ئي مليو تنهنجو ڪو ڏس پتو. ائين ته پنهنجي دنيا ۾ غائب ٿي وئي هئينءَ جي وري به نه ڏٺئي.

رستي ۾ ڪيترن دغا بازن جي ور چڙهياسين... وڏيرن ظالمن جو نشانو ٿياسين، هٿ لڳاسين منافق ماڻهن جي، جن اسان جون دليون ته ڇا پر شڪليون به ڦيرائي ڇڏيون، ڇا هئاسين... ۽ ڇا ٿي ويا هئاسين.

پوءِ ائين ٿيو جو تو پڪڙي هڪ قيد جي حوالي ڪيو، ڪڏهن ميز جي خانن ۾ ڪڏهن فرش تي بي حال ٿي ڏک ۾ روئيندا رهياسين. ڪڏهن ڪتابن سان گڏجي اڪيلائي ونڊيندا رهياسين... سالن کان پوءِ ائين ٿيو... جو تون ملينءَ. باغ بهار ٿي پياسين... توسان ملي ڏاڍو رناسين.

تو دلاسو ڏنو ته جڻ سمورا غمَ درد لهي ويا اسان جا.

پر معافي نامو اسان کي ڏئي تون وري پنهنجي دنيا ۾ مگن ٿي وئينءَ... شام ڪيئن گذري... رات ٿي توڏانهن موٽيا آهيون...

مون هنن کي پاڻ سان لڳائي وري ڪين تسلي ڏيڻ چاهي...

اسان جي ماءُ اسان کي تنهنجي سخت ضرورت آهي، هاڻي اسان کي نظر انداز نه ڪجانءِ.

ڪردارن جا ڳوڙها اگهي پرچايم ۽ چيومانِ ته هاڻ ڪڏهن به نظر انداز نه ڪندس، هاڻي توهان آرام ڪريو ۽ مون کي به سمهڻ ڏيو. سڀاڻي ڪنهن ڪاغذ قلم جي ذريعي ملنداسين. پنهنجو خيال ڪجو، هُو مون کي پنهنجو خيال ڪرڻ جي تلقين ڪري راضي ٿيا!

صبح، معمول جي افراتفري ۾ گذريو... شام ٿي وئي ڪجهه ذهن ۾ ڦرندو رهيو پر ياد نه آيم... ڪو خيال پاڻ ڏانهن ڇڪيندو رهيو، پر ڪمن سوچڻ نه ڏنو، رات ٿي وئي. سمهڻ جو وقت ٿيو، ٿڪ انگ انگ ۾ رچي ويو هو ڪالهه رات جو اوجاڳو به هو. سمهڻ چاهيم ته ساڳيا ڪردار جاڳي پيا منهنجي آسي پاسي اچي جمع ٿيا.

۽ ورجائڻ لڳا ساڳيو ئي داستان... ڪجهه دير لاءِ اکيون آليون ٿيون، پنهنجي ۽ هنن جي بيوسيءَ تي روئڻ به آيو... پر ٿڪ سڀني شين تي غالب اچي ويو ۽ ڪجهه صبح اٿڻ جو خيال، ذميدارين جو ويچار به هو. ڳالهيون پاڻ ۾ منجهڻ لڳيون هيون...

ڪردار منهنجو هٿ پڪڙي ڳالهائيندا رهيا خبر ناهي ڪيستائين...

۽ مون کي سدائين جيان ڪردارن سان ڳالهيون ڪندي ڪندي ننڊ اچي وئي!

نمبر تان پوري رات بہ مختلف وقتن تي شاعري ۽ مختلف ڪوٽيشنس وغيره وارا ميسيجز ايندا رهندا هئا... اهو سلسلو مهينن تائين هلندو رهيو .. هاڻي مان بہ سندس ڪيل پنجاهہ ميسيجز جي موٽ ۾ پنج ميسيج موڪلڻ لڳو هوس.. اهو سوچيو تہ صرف ميسيج ڪرڻ ۾ ڀلا ڇا ٿو ٿئي!!

ان وقت آسمان ۾ گجگوڙ سان گڏ ڪنوڻ بہ تجلا ڏئي رهي هئي، جڏهن مان پنهنجي دوست اعجاز جي اوطاق تي وينو هوس. ڪجهہ گهڙين بعد مينهن بہ تيز وسڻ شروع ٿيو. مان نرم آرامده سنگل صوفا تي وينل هوس. اعجاز بينڪ ۾ آفيسر آهي. اسان ننڍي لاءِ جا سنگتي آهيون.. مان اعجاز سان ڪچهريءَ دوران موبائيل تي ايندڙ ميسيجز بہ پڙهندو رهيس... اعجاز پڇيو:

”يار تون ڪجهہ وقت کان موبائيل ۾ ڪجهہ گهڻو ئي مصروف نہ ٿي ويو آن؟!! ڪير ٿو ڪرئي ايڏا ميسيج ڀائو؟؟“

مان منهن پڪو ڪندي چيو: ”بس مختلف ماڻهو ڪن ٿا .. يار ٽائيم ئي نہ ٿو ملي سڄو ڏينهن موبائيل جا ميسيج پڙهجن يا ٻيا ڪم ڪار ڪجن.. بس هاڻي هتي وقت مليو آهي سو ڏسان پيو وينو.“

”پر مون کي ائين نہ ٿو لڳي“، اعجاز چيو!

”تہ پوءِ توکي ڇا ٿو لڳي ڀلا؟؟“

”مون کي لڳي ٿو ڪنهن ڇوڪريءَ جو چڪر آهي.“

هاهاها !! مون هلڪو ٽهڪ ڏيندي چيو: ”ڇوڪري ۽ مان !! ڇڏ يار .. مان اهڙو آهيان جو توکان ڪجهہ لڪايان؟“

ٻاهر مينهن تيز وسڻ سبب ڇتين جا نيسارا وهڻ لڳا هئا..

مان وس ڪندي بہ پنهنجي ڪُوڙ کي لڪائڻ لاءِ .. چپن تي آيل مرڪ لڪائي نہ سگهيس.. اهو شايد انڪري بہ تہ مان اعجاز کان اڄ تائين ڪابہ ڳالهہ لڪائي نہ هئي..

اعجاز جي پڇيل سوال واري انداز مونکي وڏيڪ ڪُوڙ ڳالهائڻ کان جڻ روڪي ورتو..

چيائين: ”الاءِ ڀائو اسان بہ گهاٽ گهاٽ جو پاڻي پيتو آهي .. سڄو ڏينهن ٿا ماڻهن سان ملئون. ۽ توکي تہ مان هونئن بہ چڱيءَ ريت ٿو سڃاڻان، سو مونسان چالاڪي ڪيئن ڪري سگهندين!!“

مان هاڻي سنجيده ٿيندي اعجاز سان سموري ڳالهہ شيئر ڪرڻ لڳس ۽ ڪيس اهو بہ ٻڌايو تہ لڳ ڀڳ سال ٿيڻ تي آهي، هن ڇوڪريءَ جنهن جو نالو انعم آهي، مون سان ميسيجز ذريعي رابطي ۾ آهي. هن مون سان پنهنجي بلڪل ذاتي نوعيت جون ڳالهيون بہ شيئر ڪيون آهن. ها! مون بہ ڪيس پنهنجي متعلق ڪافي ڪجهہ ٻڌايو آهي. ڪافي ڳالهيون ٿيون آهن. هاڻي تہ يار منهنجي بہ عادت بڻجي وئي آهي هوءَ، جيستائين ساڻس ميسيج تي رابطو نہ ٿو ٿئي اباڻڪو ٿو ٿي پوان..

منهنجي مُنهن ۾ گهوريندي اعجاز پنهنجو سڄو هٿ پنهنجي چپن تي رکي منهنجون ڳالهيون ٻڌي رهيو هو... ملازم ٽيبل تي ٻاڦ نڪرندڙ گرم گرم ڪافي اچي رکي.... مون سمورو سربستو احوال اعجاز کي ٻڌايو..

پهريون سوال ڪيائين: ”تو نمبر ڇو نہ تبديل ڪيو؟“

چيومانس: ”پهرئين سوچيو هو، پر پوءِ دل چيو پڙهيل لکيل ڇوڪري آهي، واندڪائيءَ ۾ ساڻس ڳالهيون ڪندس وقت سٺو گذرندو..

”پوءِ هاڻي ڳالهہ ڪٿي پهتي آهي؟؟“ مون ڏانهن شڪ وارين نظرن سان نهاريندي پڇيائين!!

چيومانس: ”ادا مان هن وقت تائين ساڻس مليو بہ نہ آهيان .. ڳالهايو بہ صرف هڪ ڀيرو ئي اٿم .. سا بہ اها پڪ ڪرڻ لاءِ تہ ڇوڪري آهي يا ڪو سنگت دوست يار.. بس ٻيو ڪجهہ بہ نہ!!“

”تہ پوءِ هاڻي اهو قصو آخر ڪٿي پورو ٿيندو؟“

”بس ائين ئي جيستائين ان جي شادي نہ ٿيندي هلندو رهندو، پوءِ هوءَ نمبر مٽائي ڇڏيندي .. يار ائين منهنجو فري ٽائيم بہ ڏاڍو سٺو ٿو گذري.. ڀلا صفا ڳالهہ حد کان وڌي وئي تہ پوءِ نمبر مٽائي ڇڏبو ڪٿي...“ مون پنهنجي چهري تي اطمينان آڻيندي چيو.

پر تو تہ ٻڌايو تہ: هوءَ تون سان شادي ٿي ڪرڻ گهري...“ منهنجي ڳالهہ کي اڌ ۾ ڪٽيندي اعجاز ڪراس ڪوسچن ڪيو..

محسن سلطان
سنڌيڪار: ربنواز ڪُنير

# اڪيلائيءَ جي بستري تي پٿاريل سيج

هو ڪرسيءَ تي ويٺو سگريٽ جا وڏا وڏا ڪش هڻي رهيو هو. سامهون پلنگ تي هن جي ڪنوار ڪنڌ جُهڪايو ان انتظار ۾ ويٺي هئي تہ ڪڏهن ٿو سندس گهونڊ هن جو گهونگهٽ مٿي ڪري. رات اوندهہ ڪان گهبرائجي ڏينهن ۾ تبديل ٿيڻ جي ڪوشش ڪري رهي هئي، پر هن جو گهونڊ اکيون بند ڪريو، گهريءَ سوچ ۾ ٻڏل، سگريٽ جا وڏا وڏا ڪَشَ هڻي رهيو هو. هن اکيون کوليون تہ ننڊ مان فراريت جي ڪوشش ۾ اکيون لال ٿي رهيون هيون.

آخرڪار ڪنوار پاڻ کي سميٽيندي هن جي ويجهو آئي. آهستي سان هن جي ڪلهي تي هٿ رکي چيائين:

”ٿڪجي پيو آن، آرام ڪر.“

هو چرڪجي اُٿيو. مسڪراهٽ هن جي چپن تان ٿيندي چهري تي نمايان ٿي، چوڻ لڳو:

”خبر اٿئي! هڪ دفعو آءٌ هن ڪان ڪاوڙيو هئس، هن پنهنجا نازڪ هٿ منهنجن ڪلهن تي رکيا، ان لمحي مون کي احساس ٿيو، زندگيءَ ۾ ڪجهہ حاصل ڪرڻ لاءِ ڪجهہ وڃائڻ يا ڪاوڙجڻ ضروري آهي.“

”هاڻي ڪيئن لڳو؟“

ڪنوار زبردستي پنهنجن چپن تي مسڪراهٽ آڻيندي چيو.

”توسان تہ مان ڪاوڙيو ئي ناهيان. رُسڻ ۽ پرچڻ جو حق صرف هن کي حاصل آهي. خبر اٿئي هوءِ جڏهن ڪاوڙبي آهي تہ سمورو جهان سُڏڪا ڀريندي نظر ايندو آهي. بهار ۾ وڻن مان ساوا پن ڇڻڻ لڳندا آهن، چنڊ ڪارو لباس پائي لڪي ويندو آهي.“

”هوءَ ڇو ڪاوڙبي آهي؟“ ڪنوار پڇيس.

هن مسڪرائي سگريٽ دکائيندي چيو:

”هوءَ جڏهن پرچي پوندي آهي تہ ڪائنات کي نوان رنگ ملندا آهن. ان لاءِ هن جو ائين رسڻ ضروري آهي، جيئن خزان ڪان پوءِ بهار.“

هوءَ هن جو ويجهو آئي. مٿي جا وکريل وار سنوارڻ جي لاءِ، هن جيئن ئي وارن کي ڇُهيو تہ هو هڪدم چرڪي اُٿيو. هن جي هٿ کي سَٽَ ڏيندي چوڻ لڳو:

”خبر اٿئي پورا ٻارنهن سال منهنجي زندگي هنن وارن جيئن وکريل رهي. هن صرف هڪ دفعو منهنجي مٿي جا وار پنهنجي آڱرين جي ڦڻيءَ سان سنواريا. منهنجو سڄو وکريل وجود سميٽجي هن جي آڱرين ۾ وارن جيئن سنورجي ويو. هاڻي تنهنجي سنوارڻ لاءِ ڪجهہ بہ ناهي بچيو.“

”تون ڪيئن وڪرئين؟“

ڇوڪريءَ پنهنجي آواز جي سختيءَ کي لڪائيندي چيو.

هو ڪجهہ وقت هن کي اداس نظرن سان ڏسندو رهيو. پوءِ ڪجهہ سوچيندي چوڻ لڳو:

”مان ٻهريون پيرو ان وقت وکريس جڏهن هير جي قبر مان خوشبوءِ نڪري اسان جي ڳوٺ ۾ ڦهلجي وئي. مان ان خوشبوءِ ڪان بچڻ لاءِ سگريٽ ڇڪيندو رهيس. پوءِ سگريٽ ۾ بہ اها خوشبوءِ اچڻ لڳي. هاڻي منهنجو سمورو وجود اها ئي خوشبوءِ آهي.“

هن سگريٽ جو ڊگهو ڪش هڻندي چيو.

”۽ هيو پيرو ان وقت وڪريس، جڏهن چناب جي ڪناري انهن دِلن کي ڏنو، جي انتظار ڪندي ڪندي اس ۾ پچي لال ٿي ويا هئا.“

”مان ته اهي دلا نه ڏنا.“

ڪنوار پنهنجي چوڙين سان ڪيڏندي چيو.

”تون ته مون کي ٻه نه ٿي ڏسي سگهين.“ هن مسڪرائيندي جواب ڏنو.

ڏينهن جي روشني آهستي آهستي ڪمري ۾ ڦهلجڻ لڳي. ڪنوار پنهنجي مٿي جو ٽڪو پاڻ لاهيندي پڇيو:

”تو ايترن ماڻهن ۾ اڪيلو ڇو آهين؟“

هن اداسيءَ مان سگريٽ جي دونهين کي گهوريندي چيو:

”منهنجي اڪيلائيءَ کي صرف هڪ پيرو موت آيو. جڏهن منهنجي 23 سالگرهه تي ان ڇوڪريءَ ڪارڊ موڪليو. مون دم ٽوڙيندڙ اڪيلائيءَ تي ان ڇوڪريءَ جو ڪارڊ رکيو. خبرناهي ڪيئن منهنجي ڪمري ۾ ڦهليل ويرانيءَ ۽ اُداسيءَ ڪارڊ سوري منهنجي اڪيلائيءَ کي نوان ساهه بخشيا. هاڻي هو سيئي ملي منهنجي ڪمري ۾ جشن ملهائي رهيا آهن.“ هن ڪمري جو چوڦير جائزو وٺندي چيو.

ڪنوار هن کي ڪاوڙ مان ڏٺو. پوءِ پنهنجن وارن سان ڪيڏڻ لڳي.

هو دير تائين غور سان هن کي وارن سان ڪيڏندي ڏسندو رهيو. سگريٽ جو بچيل ٽوٽو ايش ٽري ۾ اڇلائيندي چوڻ لڳو:

”جڏهن مان دنيا جي رنج و غم جي مٽيءَ ۾ پيوٽ هن وٽ ايندو هوس ته هوءَ مون کي اهڙي ئي پاڇي ۾ لڪائي ڇڏيندي هئي، هن جا وار هڪ گهاٽي وڻ جيان آهن، ۽ مان ان مسافر جيان، جيڪو ڏک جي رڻ پٽ ۾ لڳاتار ڇانوري جي تلاش ۾ هلندو رهيو هجي.“

”ته توهان اجا تائين سراب جي پٺيان ڊوڙي رهيا آهيو.“

ڪنوار پنهنجي چپن تان طنزيه جملو اڇلائيندي چيو.

هن چپن سان سگريٽ لڳايو. ڪيسي ۾ هٿ وڌو. ماچيس نه مليس. ڪجهه گهڙين لاءِ هن جون اکيون وسامي ويون. پوءِ هو ڪنوار سان مخاطب ٿيو:

”جيڪي شيون وڃائجي وڃن، سي سراب ناهن ٿينديون. ها پر اهو سچ آهي ڪجهه شين جو نعم البدل موجود هوندو آهي ۽ ڪجهه انمول ٿينديون آهن.“ هن هيو ماچيس ڪڍندي چيو.

ڪنوار جي اکين ۾ هاڻي ڳوڙها صاف نظر اچي رهيا هئا. اس منگهه مان ٽپو ڏيئي ڪمري ۾ هلي آئي ۽ هنن ٻنهي جي وچ ۾ ويهي هورڙيان هورڙيان ديوارن سان سُس پُس ڪرڻ لڳي.

دروازي تي هلڪو ڪڙڪڻ جو آواز ٿيو. جيڪو رڳو هو ٻڌي سگهيو. هن ڪنوار کي ڪلهن کان لوڏيندي چيو:

”ڪڙڪڻ جو آواز ٻڌي رهي آهين؟ ٿي سگهي ٿو هُوءَ هجي.“

۽ پوءِ تيزيءَ سان دروازي ڏانهن رخ ڪيائين.

هوڏانهن سيج تي وڪريل گلن مٿان لڙڪن جي شبنم ڪِرڻ لڳي.

حسين مسرت شاهه

# انصاف

ياد اٿم اها شام، ڪربلا جي شام کان گهٽ نہ هئي. بيوسي، لاچاري ۽ پنهنجي گهر ۾ ويڳاڻپ جو احساس اڄ بہ لڳ ڪانداري ڇڏيندو اٿم. ڪربلا جي رڻ ۾ لٿل شام جيان شام جو رنگ بہ لال لهوءَ جيان هو. ان شام اسين قتل تہ نہ ٿياسين، پر ان شام اسين گهر جا اڌ ڀاتي ڄڻ زندهہ زمين ۾ دفن ٿي وياسين. ڳوٺ ۾ اسين ڄڻ تہ اڪيلا هئاسين، نہ ڪوئي ٻڌڻ وارو نہ ڪوئي سڏ ورنائڻ وارو ۽ نہ ڪو دانهن ڪوڪ ٻُڌڻ وارو.

هُو اوچتو ئي اسان جي گهر ۾ داخل ٿيا هئا. مسلسل گوليون هلائيندا، بندوقون هوا ۾ لهرائيندا، لتن سان اڌ ڀڳل دروازي کي ٽوڙيندا اندر داخل ٿيا هئا. اسان جو ننڍڙو ڪچو گهر هنن جي گوڙ ۽ ڌمڪين سان ڄڻ ڏڪي رهيو هو. بابا ۽ چاچا ڪم سانگي شهر ويل هئا، آءٌ ننڍي ڀاءُ سان کيڏي رهي هيس.

امان ۽ ڀاڄائي ڪٽ تي رليون وڇائي رهيون هيون، ننڍا ٻار اڱڻ ۾ اديءَ راڻي جي اڳيان ويهي ماني پچڻ جو انتظار ڪري رهيا هئا. ادي راڻي ماني بہ پچائي پئي ۽ ٻارڙن سان ڳالهيون بہ ڪري رهي هئي، پر هينئن اوچتو اسين سڀ خوف وچان ڄڻ تہ پنڊپهڻ ٿجي ويا هئاسين، آءٌ ننڍي ڀاءُ کي هنج ۾ کڻي ڇاتيءَ سان لڳائي، امان جي رئي جي پلاند کي جهلي بيٺي هيس. هُو شايد ڏاڙيل هئا، مون اهو خيال ڪيو.

پر غريب جي گهر ۾ کهڙو سون لڪل هوندو، جو هُو ڏينهن ڏٺي جو ڄڃ ڪري آيا آهن."غريب جي گهر ۾ عزت کان سواءِ هوندو بہ ڇا آهي؟" امان هميشہ چوندي رهندي هئي.

هُو هڪ ڪوني ۾ هڪ ڇپر واري گهر جي هر ڪنڊ کي شڪاري ڪتي جيان جانچي رهيا هئا، هنن جي نظر جيئن ئي چُلهہ جي ويجهو ويٺل اديءَ راڻي تي پئي تہ هڪ ڄڻي هن کي ڇڪيو.

ياد اٿم تہ ان وقت امان ڏڪي ويئي هئي هُن مون کي پنهنجي پويان لڪائيندي هنن کي هٿ ٻڌي ايلاز ڪيا. منهنجي ڌيءَ کي ڇڏيو! "ان کي ڇو ٿا کڻو هيءَ ٻار آهي!"

مون خوف وچان انهن کي ڇتائي ڏٺو ڏاڙيل تہ نہ هئا هيءَ تہ اسان جي پاڙي جا ڇوڪر هئا، ڪرمو، رمو، بخشل وارا، جيڪي روز شام جو موٽر سائيڪل تي چڙهي ڳوٺن جي ڪچن رستن تي دز مٽي اڏائيندا وتندا هئا. هنن جو تہ ڪم ئي هو ماڻهن کي هيسائڻ، ڌمڪائڻ.

هُو اديءَ کي ڇڪڻ لڳا. ادي پٽ تي ڪِري پئي هئي، امان هنن جي پويان لڳي، هنن فائر ڪرڻ شروع ڪيا، اديءَ کي ڪُنل ٻڪريءَ جيان ڪنيي کڻي گاڏي ۾ اُڇلايائون، سڄي ڳوٺ ۾ موت جهڙي ماٺ هئي. هر دروازو بند هو، هنن لوفرن جي دهشت هر گهر تي طاري هئي، هُو جنهن مهل چاهيندا هئا، جنهن گهر مان چاهيندا هئا، ڇوڪريون ڪنيي کڻي ويندا هئا. سو ان ڏينهن وارو اسان جي بدنصيب گهر جو هو.

بابا ۽ چاچا شهر مان آيا تہ گهر ۾ ماتم لڳو پيو هو، امان ۽ ڀاڄائي روئي رهيون هيون، گهر ۾ ڄڻ ڪو تازو قضيو ٿيل هجي. اسين سڀ ٻار بہ هراسجي ويا هئاسين.

بابا، ۽ چاچا اوڏي مهل ئي ٿاڻي تي ڀڳا، ۽ سڄي رات هُو گهر نہ موٽيا.

فجر ويل واپس آيا اها رات اسان بہ اڌ جاڳ، اڌ ننڊ ۾ گذاري.

"بابا ادي راڻي کي وٺي نہ آيا آهيو؟" بابا گهر آيو تہ ڀرين اکيان وڏي مون پڇيو، بابا جي اکين ۾ لڙڪ هئا، منهن تي نراسائيءَ جا پاڇا.

"پٽ! راڪاسن جو ڏيهہ آهي هتي سڀ ٻگهڙ ٿا رهن، هُو سڀ هڪٻئي سان مليل آهن." بابا روئندي وراڻيو. بابا پنهنجو پٽڪو لاهي ڪٽ تي ڦٽو ڪيو ۽ ڪٽ جي پائي کي جهلي پٽ تي ئي ويهي رهيو ۽ چاچا بہ اتي ئي ويٺو.

"ڀاڄائي،تون ۽ زيبي وڏيري جي گهر وڃو ۽

گلاب خان سولنگي

# اَندر جِنين اُڄ

عيد جون موڪلون جيئن ختم ٿيون مان گهران موڪلائي، ٿيلهو ڪُلهي تي کڻي بس اسٽاپ تي اچي بيٺس. انهن ڏينهن ۾ منهنجي ڊيوٽي پنوعاقل ڇانوڻيءَ ۾ هئي. نيٺ گهڻي انتظار کان پوءِ سکر جي بس ملي وئي، بس ۾ ڪافي رش هئي. مون کي آخري سِيٽ ملي. ڪرايو گهرڻ وقت، بس جو ڪنڊيڪٽر ڪافي مسافرن سان الجهي پيو، تنهن تي هڪ ڪُراڙيءَ عورت ڏاڍيان ڳالهيندي چيس، "ابا ڪجهه ڏينهن ڪرايو گهٽ هيو، اڄ وري يڪدم ايترو وڌي ويو ڇا؟"

"امان مان ڇا ڪيان! حڪومت، پيٽرول ۽ ڊيزل جا اگهه وڌائي ڇڏيا آهن، انڪري ڪرايو وڌيڪ پيو وٺان." ڪنڊيڪٽر بيزاريءَ ۽ بيوسيءَ جي ڪيفيت ۾ ڪُراڙيءَ عورت کي جواب ڏنو.

ابا، حڪومت بسن ۾ سفر نه ڪندي آ ڇا؟ ڪراڙيءَ عورت آهستي ۽ ڏاهپ واري انداز ۾ ڪنڊيڪٽر کان سوال پڇيو، پر ڪنڊيڪٽر ان جو ڪو به جواب ڏئي نه سگهيو ۽ ٻين مسافرن کان ڪرايو وٺڻ لڳو.

"سائين ڪرايو" ڪنڊيڪٽر جي آواز تي مان خيالن جي دنيا مان واپس آيس ۽ ٻين وانگر مون به وڌيل ڪرايو ڏنو. دراصل مان سوچي رهيو هئس ته ڪراڙي عورت جي سوال جو جواب ڪنهن کي ڏيڻ کپي....؟ بس رڙهندي رڙهندي سکر پهچايو. سکر مان پنوعاقل ڇانوڻيءَ واري گاڏي ۾ ويٺس ۽ شام جو ٽيپهريءَ ڌاري ڇانوڻي ۾ پهتس. جڏهن ڪمري ۾ داخل ٿيس ته حيران ٿي ويس، ڇاڪاڻ ته سپاهي مظهر هن دفعي به موڪل تي ڳوٺ ڪونه ويو هو، ڪمري ۾ منهنجي واپسيءَ جو شدت سان انتظار ڪري رهيو هو ۽ جيئن ئي مون تي نظر پيس ته ڀاڪرين پئجي ويو. "يار پراڻي عيد مبارڪ هجيوَ." هن جو آواز ڀرجي آيو ۽ مون ان کي آٿت ڏيندي پهريون ئي اهو سوال ڪيو "تون هن دفعي به ڳوٺ نه وئين؟ آخر ڪهڙي ڳالهه آهي، جو تون سڀني کان لڪائين پيو؟" منهنجي سوالن تي ويتر پريشان ٿي ويو ۽ نه چاهيندي به کِلي چيائين ته "ڇڏ يار انهن ڳالهين کي تون ٿورو آرام ڪر باقي ڳالهيون رات ڪنداسون." مان به ٿڪيل هئس، انڪري کٽ تي ليٽي پيس ۽ آرام ڪري، سانجهيءَ جي نماز ادا ڪري ميس تي ماني کائڻ ويس. فوج ۾ هر ڳالهه ٽائيم ٽيبل مطابق ٿيندي آهي، اتي ٽريننگ جو ٽائيم، آفيس جو ٽائيم، مانيءَ جو ٽائيم، آرام جو ٽائيم، راندين جو ٽائيم ۽ رات جو ڪمرن ۾ جنهن کي فوجي زبان ۾ بئرڪون چوندا آهن، سمهڻ جو به ٽائيم مقرر هوندو آهي ۽ هر آفيسر ۽ جوان کي ٽائيم جي پابندي ضرور ڪرڻي پوندي آهي. هونءَ اسان جي آفيس ۾ پاڪستان جي هر علائقي جا ماڻهو ملازم هئا، پر اسان صرف پنج سنڌي هئاسون، جن جو تعلق سنڌ جي مختلف علائقن سان هئو. اسان سڀ هڪ ئي ڪمري ۾ رهندا هئاسون، انهن مان چار سپاهيءَ جي عهدي تي هئا ۽ منهنجو عهدو انهن کان ٿورو وڏو هئو ۽ تعليم به ڪجهه وڌيڪ هئي، اسان سڀئي گڏجي هڪٻئي جو گهڻو خيال ڪندا هئاسين.

سپاهي مظهر اسان سڀني کان مختلف هئو. هُو نه گهڻو ڳالهائيندو هئو ۽ نه ئي وري کلندو هئو. هر وقت پريشان رهندو هئو ۽ ڪنهن سان پنهنجي دل جو احوال نه ونڊيندو هئو. گذريل عيد کان مظهر کي ڏهه مهينا ٿي ويا هئا، پر تڏهن به هُو پنهنجي ڳوٺ موڪل تي نه ويو هو ۽ جڏهن مان عيد تي ڳوٺ پئي ويس ته مظهر مون کي بس ۾ ويهاري وعدو ڪيو هو ته هن دفعي هُو ضرور ڳوٺ ويندو، پر جڏهن مان موڪل گذاري واپس آيس ۽ مظهر کي موجود ڏٺو ته حيران ٿيو هئس. توڙي جو مظهر اسان سان گڏ رهندو هو، پر اسان دوستن کي صرف ايتري خبر هئي ته مظهر جو تعلق ٿرپارڪر ضلعي جي ڪنهن ڳوٺ سان آهي ۽ هر مهيني جي پهرين تاريخ تي هُو ڪجهه رقم پنهنجي

مون کي ڌڪا ڏيئي پنهنجي گهران ڪڍي ڇڏيو. پڻ غربت هڪ وڏو عيب آهي ۽ اميرن کي غريب جي سڻائي ۽ شرافت نظر ڪونہ اينڊي، صرف نظر ايندي آهي تہ اها غربت."

پهريون دفعو مون بابا ۽ امان کي روئندي ڏٺو، ۽ اهو صرف منهنجي ڪري ٿيو هو، پر، بابا اهو صدمو برداشت ڪري ڪين سگهيو ۽ بيمار پئجي ويو ۽ ڪجهہ ڏينهن کان پوءِ بابا وفات ڪري ويو.... ۽ ڊاڪٽر بہ اهوئي ٻڌايو تہ بابا کي ڪو گهرو صدمو رسيو هئو. مان بہ ڪافي عرصو صدمي واري ڪيفيت ۾ رهيس ۽ صرف سورٺ جي ماءُ، بابا جو ٿيڻ آئي هئي. هڪ پيري رستي ويندي سورٺ کي آخري دفعو مون ڏٺو هو. هن جي نظرن ۾ لکين سوال هئا، پر مون وٽ انهن جو ڪوبہ جواب نہ هئو. هاڻي گهر جون ذميواريون منهنجي ڪلهن تي هيون ۽ آخر اهو ڏينهن بہ اچي ويو جو سورٺ جي شادي ان جي مرضيءَ خلاف، زاهد سان ڪئي وئي. زاهد جو حيدرآباد ۾ ڪو ڪاروبار هئو. ماڻهو چوندا هئا تہ زاهد ماڻهن جي پلاٽن تي ناجائز قبضا ڪرائيندو آهي ۽ ان جو واسطو ڪرمنل ماڻهن سان آهي. ها هن ۾ صرف اهائي خوبي هئي تہ هُو ناجائز ڌنڌا ڪري دولتمند هئو ۽ سورٺ جي پيءُ کي هن ۾ اها خوبي نظر آئي هئي ۽ مان..................

منهنجي پيءُ سان گڏ سورٺ جي محبت بہ منهنجي دل ۾ دفن ٿي وئي هئي. ۽ هاڻي ڳوٺ ۾ منهنجي لاءِ ڪجهہ ڪين رهيو هو، صرف هڪ ننڍو ڀاءُ ۽ بيمار ماءُ جي، انهن جي سارسنڀال هاڻي منهنجي ذمي هئي. مون کي اڃا نوڪري بہ نہ هئي، پر هڪ ڏينهن اسان جي ڳوٺ ۾ فوج ۾ ڀرتيءَ ٿيڻ لاءِ ٽيم آئي ۽ ڳوٺ جي ڪافي بي روزگار نوجوانن سان گڏ مان بہ فوج ۾ ڀرتي ٿي ويس ۽ ٽريننگ مڪمل ٿيڻ کان پوءِ منهنجي پوسٽنگ پنوعاقل ڇانوڻيءَ ۾ ٿي ۽ اڄ تنهنجي سامهون آهيان.

مظهر جي ڪهاڻي ٻڌي ائين محسوس ٿيو تہ وقت رُڪجي ويو هجي ۽ هُن جو درد مون کي پنهنجو درد محسوس ٿيڻ لڳو ۽ ان سان گڏ مون کي بہ اکين ۾ پاڻي اچي ويو، پر مظهر جو هٿ پنهنجي هٿ ۾ وٺندي وعدو ورتو تہ "هاڻ تو کي پنهنجي ننڍي ڀاءُ ۽ بيمار ماءُ جي لاءِ جيئڻو پوندو. اهو فرض ضرور نڀائڻو پوندو ۽ تون موڪل ڪري ڳوٺ ضرور ويندين." مظهر بہ اکين سان اقرار ڪيو.

صبح جو مون پنهنجي آفيسر کان سفارش ڪرائي، مظهر جي موڪل ڪرائي ۽ موڪل لاءِ تياري ڪرائي سڀ دوست گڏجي هن کي بس تي چڙهڻ آياسين.

اڄ ڪافي عرصي کان پوءِ مظهر ڳوٺ موڪل تي وڃي رهيو هو ۽ جڏهن وري ڪجهہ ڏينهن کان پوءِ موڪل پوري ڪري واپس آيو تہ ڪافي خوش نظر آيو ۽ هو پنهنجي ماءُ ۽ ڀاءُ سان ملي آيو هئو ۽ پنهنجو ڳوٺ بہ گهمي آيو هو. هن جي طبعيت ۾ اهڙي تبديليءَ تي مان الاهي خوش هئس.

مون سورٺ بابت ان کان ڪوبہ سوال نہ ڪيو. ڪجهہ عرصي کان پوءِ مظهر جي پوسٽنگ ڪوئيٽا ۾ ٿي ۽ هو اسان يارن کان موڪلائي ڪوئيٽا روانو ٿي ويو. ويندي مهل مون هن کي ڪجهہ نصيحتون بہ ڪيون هيون، تہ هُو پنهنجي اڌوري تعليم مڪمل ڪندو. هُن بہ مون سان واعدو ڪيو تہ هو ائين ضرور ڪندو. وقت ڪنهن جو انتظار نہ ڪندو آهي. ڪجهہ سالن کان پوءِ مظهر جو مون ڏانهن هڪ خط آيو، جنهن ۾ هن اسان سان گڏ گذاريل اهي پل ياد ڏياريا جيڪي اسان گڏ گهاريا هئا ۽ هُن اهو بہ لکيو هو تہ هاڻي هن ماسٽرس پاس ڪئي آهي ۽ هن جو پروموشن پڻ ٿي ويو آهي.

مون کي انهيءَ وقت. انتهائي خوشي ٿي ۽ ڏک بہ، خوشي انهيءَ ڳالهہ جي ٿي تہ مظهر پنهنجو مشن جاري رکيو ۽ ڪاميابي ڏانهن وڌي رهيو هئو. ۽ ڏک انهيءَ ڳالهہ جو ٿي رهيو هئو تہ اڄ بہ اسان جي سماج ۾ ذات پات، رنگ نسل، اميري غريبيءَ ۾ امتياز ڪيو ٿو وڃي! ۽ اڄ بہ سورٺ جهڙيون هزارين ڇوڪريون سماج جي ٺيڪيدارن جي هٿ ٺوڪين رسمن ۽ رواجن جي ور چڙهي وڃن ٿيون، ۽ پنهنجي اڻپورين خواهشن سان گڏ هميشہ لاءِ دفن ڪيون وڃن ٿيون......



چترڪار: نعمت خلجي

يتائي ٻـ سندو ڏنو اوج ۾ هو،
سمندر جيان ان کي وهندي ڏٺو هو،
”متل مئه“ جو مهراڻ تنهن کي چيو هو،
تڏهن سُر سهڻي ٻـ تخليق ٿيو هو،
اهو شاهه درياءُ سُڪندو ڏسان ٿو،
تڏهن مان لُڃان ٿو، تڏهن مان لڃان ٿو.

(سوز هالائي)

دنيا جو هر هڪ قومي سماج هڪ زنده ايڪو [Organic Unit] هوندو آهي، جنهن جو جياپو پنهنجي ڌرتي ۽ پنهنجي ٻوليءَ کان سواءِ ممڪن نه هوندو آهي. ان ڪري ڪنهن قومي سماج لاءِ ان جي ڌرتي [وطن] کان پوءِ ان جي ٻولي ئي سندس خاص اڪيلي قومي سڃاڻپ، هن جو حقيقي روح ۽ گڏيل قومي سوچ هوندي آهي.

اها ٻولي ئي آهي جا ڪنهن سماج منجهه ايڪو ۽ ٻڌي پيدا ڪرڻ وارو واحد، مستقل ثقافتي جز، مک عنصر، اوزار ۽ وسيلو هوندي آهي. جيڪا سماج جي هر سطح تي وسندڙ سمورن ماڻهن جو پاڻ ۾ رابطي، ڳانڍاپي، گڏيل جياپي جو هيڪلو ڌيلو ۽ وسيلو پڻ هوندي آهي.

دنيا جي هر هڪ قومي سماج کي يڪ جان ۽ هڪ مُٺ بڻائيندڙ انهيءَ ٻوليءَ وسيلي، اهو سماج نه رڳو پنهنجي ثقافت جو ڀرپور اظهار ڪندو آهي، پر اها ٻولي ئي آهي، جنهن جي ذريعي ڪنهن قومي سماج جي، سموري ثقافتي تاريخ، سرويچ‍ي، سورهيائيءَ ۽ اڏول پٽي وارا جنگي داستان، روايتون، ريتون، رسمون، رواج، رهڻي ڪهڻي هنر، سنگيت، ڪلا ۽ جياپي جو ٻيو سمورو ثمر اچي گڏ ٿيندو آهي. اهو [سمورو ثمر] ئي هوندو آهي، جيڪو گهگهه اونده رات ۾ سهائي ۽ سوجهرو پيدا ڪري پنهنجي وجود جي سڃاڻپ ۽ ساڃاهه ڏيڻ سان گڏ پاڻ وسارڻ، لساني ۽ ثقافتي طرح سان پاڻ وڃائڻ ۽ گم ٿيڻ کان بچائيندي، ترقي ۽ بقا کي هٿي ڏيندو آهي.

ٻولي ۽ ثقافت واري انهيءَ گڏيل قومي ثمر ۽ اباڻي موڙيءَ کي قوم جي هر لائق پيڙهي وڃائڻ بدران سانڍيندي، سنڀاليندي ۽ ان جي چنڊ ڇاڻ ڪري، ان کي وڌائيندي، ويجهائيندي سموري سونهن ۽ سوڀيا ساڻ پنهنجي ايندڙ پيڙهيءَ تائين رسائيندي آهي. اها پيڙهي وري ساڳيءَ ريت ان کي وڌيڪ اُجاري ۽ سنواري ٻي ايندڙ پيڙهيءَ تائين پهچائيندي آهي، دنيا جا تمام زنده سماج ۽ زنده قومون ان ئي ريت جيئنديون ۽ پنهنجي وجود کي امرتا ڏينديون رهنديون آهن. ڌرتيءَ جي سمورن انساني سماجن جي اوسر ۽ ترقيءَ جو اهو سلسلو ان ريت تاريخ جي شعور واري اک پٽجڻ کان به اڳ جاري هو، جاري آهي ۽ جاري رهندو.

[ڪتاب ”سنڌ جو لوڪ ثقافتي ورثو“ جي مهاڳ تان ورتل]

بخشل باغي

# ديوانِ گُل

## (خليفي گُل محمد "گُل" هالائي جي غزل تي هڪ نظر)

سنڌ کي ڀٽائيءَ جي لازوال شاعريءَ، نئين زندگي ڏيئي، فڪر ۽ فهم، اعليٰ شعور ۽ اُتم آرٽ سان سلهاڙي ڇڏيو. اُها شاعرائي لاٽ صدين جو سفر طيءِ ڪندي، دلين ۽ دماغن کي روشن ڪندي، پنهنجو منطقي معراج ماڻيندي پئي آئي آهي. ڀٽائي پنهنجي شاعرائي اسلوب، ٻولي ۽ ٻين شاعريءَ جي اهم مُحرڪن کي پنهنجي وشال ۽ اُتم اظهار، مُشاهدي ۽ مطالعي جي رنگ ذريعي اهڙو تہ پنهنجي نالي سان منسوب ڪري ڇڏيو، جو پاڻ کان اڳ توڙي پوءِ وارو شاعرن جي شاعرائي اظهار واري اسلوبي سُجاڻ سندس نالي سان جُڙي سون تي سهاڳو بڻجي پئي آهي. مطلب تہ سنڌي شاعريءَ جي ڪلاسيڪل دور تي ڀٽائي پنهنجي مُنفرد شاعرائي مُهر ثبت ڪري، اُن تي ڇانئجي ويو آهي. ڀٽائي کان اياز تائين واري عرصي دوران ڪيترائي شاعر آيا ۽ ويا، جن مان گهڻن شاعرن جو نہ مواد بہ نٿو لڀي، ۽ جي ڪن جو مواد ملي بہ ٿو تہ اُهو بہ ڪجهہ شعرن جي صورت ۾، توڙي جو دنيا جي قديم ادبي تاريخ جي ڀيٽ ۾ سنڌي ادب پنهنجي تاريخ جي اعتبار کان انتهائي ننڍڙي ڄمار لڳ ڀڳ پنج سؤ سالن جي عرصي دوران، ڪوڙ سارن، لاهن ۽ چاڙهن مان گذريو آهي، پر تنهن هوندي بہ پندرهين صدي عيسويءَ کان تحرير صورت ۾ مليل پندرهينءَ صديءَ جي اهم ۽ وڏي شاعر قاضي قاضن جي ستن بيتن کان سنڌي شاعريءَ ۽ ادب جي هڪ مڪمل تاريخ جنم وٺي اڄ تائين سفر ڪري آئي آهي، توڙي جو 1975 ع ڌاري هندستان جي هرياڻہ صوبي جي ڪنهن مَٺ مان هند ۽ سنڌ جي محقق ۽ اديب هيري ٺڪر، قاضي قاضن ۽ ٻين ڪوڙ سارن شاعرن جو ڪلام هٿ ڪيو هو، ۽ لڳ ڀڳ هڪ سؤ ٻارهن يا سورهن بيت قاضي قاضن جي ڪلام جو حصو ڄاڻايا ويا ۽ اُنهن تي تحقيق هلندڙ آهي. ۽ هاڻ اسان جڏهن اڄ جي جديد ٽيڪنالوجي جي حيرت انگيز دور ۾ جيڪو شاعرائي ترقيءَ ۽ اُڏام جو سفر ڪري رهيا آهيون تہ اُن سفر جون جڙون بہ هر حوالي سان پنهنجي ڪلاسيڪي سرمايي واري دور جي ادبي ريتن رسمن ۾ ئي گهريون کُتل مل [illegible]ن. روايتي دور جي شاعريءَ کان وٺي جديد دور جي شاعرائي مثبت تبديليءَ تائين ڪيترن ئي شاعرن پنهنجي اندر جي اظهار کي ڪنهن نہ ڪنهن طرح پائيدار ۽ اثرانداز بڻائڻ لاءِ شاعريءَ جا مشڪل کان مشڪل ڪشالا پئي ڪٽيا آهن. ۽ سنڌي ادب کي مختلف صنفن جي زيورن سان پئي سينگاريو آهي، پر اها ٻي ڳالهہ آهي تہ، اُهو سينگار اڪثر ڪري سنڌي شاعريءَ جي سُونهن ۾ وقتي جنڊاءُ پئي ڪري سگهيو آهي. ۽ گهڻي قدر اُهو وقت جي ورقن ۾ دزجي سڄي رهجي ويو آهي، پر پوءِ بہ آڱرين تي ڳڻڻ جيترن شاعرن جو ڪلام پنهنجي روايتي رنگ ۾ بہ اڄوڪي جديد سنڌي شعري سرمايي ۾ پنهنجي اهميت ۽ افاديت ضرور رکي ٿو، اُنهن شاعرن ۾ خليفي گُل محمد "گُل" هالائيءَ جو نالو بہ پنهنجي الڳ خوشبوءِ سان حواسن کي معطر ڪري ڇڏي ٿو.

"خليفو گُل محمد- هالن پُراڻن جي "سانوڻي آخوندن" جي خاندان مان هو. پاڻ 1226ھ/1811ع ۾ پيدا ٿيو. سندس گهراڻي جا وڏڙا، پنهنجي وقت جا وڏا عالم ۽ درويش ٿي گذريا آهن. خليفي صاحب جي ابتدائي، ننڍپڻ جي زندگيءَ جو ڪوبہ احوال ڪونہ ٿو ملي. ليڪن سندس شاعريءَ کي ڏسي، اهو چئي سگهجي ٿو تہ، سندس تعليم ۽ تربيت عُمدي نموني ۾ ٿي هوندي. پاڻ عربي، پارسي ۽ سنڌي ٻولين جي ڄاڻ رکندو هو، علم تصوف جي رازن ۽ رمزن کان بہ گهڻو واقف هو، ۽ اُن طرف سندس دلي لاڙو هو. پاڻ ان وقت جي وڏي پير طريقت، ۽ بزرگ ۽ پير صاحب

پاڳاري سيد علي گوهر شاهه (اول) جو مُريد هو. سيد علي گوهر شاهه، پنهنجي دؤر جو هڪ وڏو شاعر هو. ۽ پنهنجي ڪلام ۾ "اصغر" تخلص استعمال ڪندو هو.

ميان گُل محمد کي پنهنجي مرشد ڪان خلافت جو خرقو عطا ٿيل هو. انڪري پاڻ "خليفي گُل محمد" جي نالي سان مشهور ٿيو.

خليفي گُل محمد سنڌي زبان ۾ جديد عروضي شاعريءَ جو باقاعده بنياد رکيو، ۽ پنهنجو ڪلام سنڌي زبان ۾ "ديوانِ گُل" جي نالي سان مرتب ڪيائين. خليفو صاحب حجاز مُقدس جي پاڪ سرزمين جي زيارتن جي شوق سان حج لاءِ سنبريو. اُنهيءَ ارادي سان سن 1272هه/1855ع ۾ بمبئيءَ ويو، جتي هن پنهنجي شاعريءَ جو مجموعو "ديوانِ گُل" ليٿو ۾ شايع ڪرائي، سنڌ طرف روانو ڪيو. اُن ڪان پوءِ پاڻ حجاز مُقدس جي طرف روانو ٿي ويو. جتي هِن 47 سالن جي عمر ۾ 1273هه/1856ع ۾ وفات ڪئي ۽ مڪي مُعظم ۾ مدفون ٿيو. سندس اولاد مان خليفو ميان احمد پنهنجي وقت جو وڏو عالم ٿي گذريو آهي. سنڌي زبان ۽ ادب ۾ خليفي گُل محمد جي شاعريءَ کي اهو شرف حاصل آهي، جو سندس شعر علم ۽ عروض تي مُبني آهن ۽ سندس مجموعو سنڌي ٻوليءَ جو پهريون "ديوان" آهي. هيءُ سمورو ديوان الف — ب وار ترتيب ڏنل آهي، سندس شعر علمي ۽ ادبي لحاظ ڪان بهترين آهن، خليفي گُل محمد فارسي زبان ۾ پڻ شاعريءَ جي مشق ڪئي آهي." (وڪريل وَٿون) (1)

"سنڌيءَ ۾ غزل ڪهڙي شاعر آندو، تنهن تحقيق جي ضرورت آهي. ڇاڪاڻ ته وقت جي وَهڪ سان ڪلام به وَهي هليو ويو آهي، محمد خان غنيءَ 1936ع ۾ ڇپيل پنهنجي ڪتاب "سنڌ جي جديد شاعري" ۾ ارڙهين صديءَ جي شروعاتي سالن ۾ حيات (1717ع) نُورمحمد ٻڪڙائي (خسته) کي سنڌ جو پهريون غزل گو شاعر سڏيو آهي. مرزا تقي، حافظ عالي (وفات 1778ع) جن جو ڪوبه غزل مُيسر ڪونهي ۽ ميان ڇَتن اُن دؤر جي غزل جا شاعر ليکيا ويا آهن.

يعني اُئين چئي سگهجي ٿو ته ڪلهوڙن جي دؤر ۾ (1700-1784ع) غزل لکڻ جي شروعات ٿي چڪي هئي. سچل سرمست (1739-1827ع) به غزل لکيو آهي. سچل، عربي ۽ پارسي جو عالم هو. اُن ڪري عربي، پارسي غزل جي رمزن ڪان پوريءَ طرح واقف هو، علم عروض تي هن جو عُبُور هو ۽ اُئين چوڻ غلط نه ٿيندو ته سنڌيءَ ۾ پرپور نموني غزل سچل ئي آندو. پلي پوءِ ڪٿي ڪٿي غزل تي "ڪافيءَ" جو سَرو ڏنو ويو آهي. هن جا چڱا غزل مُيسر آهن. جن ۾ ڪٿي نج سنڌي ٻوليءَ جو هُڳاءُ اچي ٿو ته ڪٿي وري پارسيءَ جو اثر نمايان آهي، پر سنڌيءَ ۾ پهريون غزلن جو ديوان (175 غزل) خليفي گُل محمد گُل جو آيو. گُل سنڌي غزل کي پُختو بنياد ڏنو. هُن جي ٻولي به سچل جي ٻوليءَ جيان ڪٿي نج سنڌي ته ڪٿي پارسي زده آهي، پر غزل جي مواد ۾ هُو ايراني اثر ڪان آجو آهي. هُن سنڌي غزل کي سنڌي تهذيب جو جامو پهرايو. "گُل" ڪان پوءِ غزل ڪڏهن پُٺيان ڪونه نهاريو. لڳاتار اڄ تائين غزل حد مقبول صنف رهي آهي. اياز قادري پنهنجي ڪتاب "سنڌي غزل جي اوسر" (ڀاڱو پهريون) ۾ صحيح نموني غزل جو اُهو وقت گُل جو دور" ڪري مڃيو آهي. حالانڪ ٻين ڪيترن شاعرن، غزل لکيو آهي. جيئن سيد غلام علي شاهه، مير صوبدار خان "مير" (1802-1846ع)، مير نصير خان جعفري (1804-1845ع)، مير شهداد خان "حيدري"، مير حُسين علي خان "حُسين" وغيره." (ورهاڱي ڪان پوءِ غزل) (2)

سنڌي شاعريءَ ۾ غزل کي هڪ خاص اهميت حاصل آهي ۽ هاڻ غزل سنڌي شاعريءَ لاءِ لازم ۽ ملزوم ۽ اهم ترين صنف بڻجي چڪو آهي. بلڪ هڪ شاعر لاءِ غزل ۾ پنهنجو اظهار ڪرڻ ۽ اُن جي ٻين مِڙني ضرورتن کي پرپور انداز سان پيش ڪرڻ جڻ ته شاعر لاءِ هڪ امتحان بڻجي پيو آهي. ۽ وري جي ڪو شاعر غزل کي دسترس رکندي، اُن جي فارسي زده مزاج کي تبديل ڪري پنهنجي ديس جو ون ۽ واس سمائي ڇڏي ته اُهو ڪارنامو، ۽ تجربو اُن شاعر جي تخليقي صلاحيتن جو ڪرشمو بڻجي پئي

جي پختگي ۽ نج ٻوليءَ جو اُجرو استعمال غزل کي سنڌ جي سرزمين ۾ پختو پيوست ڪيو هو. اڄ جي جديد سنڌي غزل جا پيرا کڻبا ته اُهي وڃي گُل جي غزل جي دنيا ۾ داخل ٿيندا. جيڪي اُتان کان اڄ تائين وڏي حيثيت ۽ اهميت سان نروار ٿي پهچن ٿا. اِهوئي ڪارڻ آهي جو هت سنڌ ۾ اهڙي غزل[1] جي اهم ۽ بنيادي شاعر جو ڪوبه يادگار پروگرام نه ٿو ڪيو وڃي، پر هتان کان پنهنجي ڌرتي تان زوري ڌڪجي ڌار ڪيل، پنهنجي ديس مان جلاوطن ٿي پرديس ۾ دربدريءَ جي زندگيءَ گذاري، پنهنجي شناخت ۽ ٻولي کي بچائڻ لاءِ زندگي جي جنگ لڙندي، لڙندي نيٺ اُن ۾ ڪامياب ٿي ويل انهن هند جي سنڌين کي جَس هجي، جيڪي هندستان جهڙي گهڻ قوميائي ۽ ٻوليائي ملڪ ۾ اقليت ۾ هوندي به هُو پنهنجي خوابن جي هڪ ننڍڙي سنڌ اَڏي جيئڻ پيا. جن سنڌ سان عشق واري جذبات کي ڏينهون، ڏينهن جوان ۽ سگهارو پئي بڻايو آهي. اڄ انهن سنڌ جي اهڙي اهم شاعر خليفي گُل محمد ”گُل“ هالائي جي ٻه سؤ سالہ جنم ڏينهن جي نسبت سان هي هيڏو سارو پروگرام هندستان جي گاديءَ واري هنڌ ۽ شهر دهليءَ ۾ ملڪ جي وڏي ادبي اداري ساهتيه اڪيڊمي پاران ترتيب ڏئي، سنڌ جي ڪجهه اهم شاعرن کي اُن ۾ شامل ڪري، گُل جي غزل جي مختلف پهلوئن تي مقالا لکرائي، ڪيس وڏي پيٽا پيش ڪئي آهي. جيڪا اهڙي خوبصورت ۽ صحتمند روايت آهي، جنهن سان سنڌيت جو ڳاٽ اوچو ٿي وڃي ٿو ۽ اُن تي فخر پڻ ٿيڻ لڳي ٿو.

## مددي ڪتاب


- وڪريل وٿون، سيد عبدالحسين شاهہ موسوي
- ورهاڱي کان پوءِ سنڌي غزل جو هئنڊ بوڪ، واس ديو موهي
- ڏيئا ڏيئا لاٽ اسان، مهاڳ، شيخ اياز
- ”ديوان گُل“، خليفو گُل محمد ”گُل“ هالائي
- سنڌي غزل جي اوسر، اياز قادري


بورڊ جا نوان ڪتاب








**اياز پيتو**

# ڪراميل (Cromwell)

## ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو جو ترجمو ڪيل نظم

[هيءُ نظم [Poem] اصل ۾ مئٿيو آرلنڊ [Mathew Arnold] جو لکيل آهي. جنهن کي سنڌي لدبيات جي ماهر ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو "اخبار تعليم" سن 1957ع ۾ ترجمو ڪري هن نظم [Poem] کي ڇپرايو. هن اخبار جو ايڊيٽر ديوان تاراچند شوقيرام هو: مترجم]

ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو صاحب جي خاص سڃاڻپ سنڌي ادب جي تاريخ هئي، پر ان کان علاوه ادب جي ٻين صنفن تي به پاڻ ملهايو. ترجمي جي حوالي سان هيءُ ڀهرين ڪاوش آهي. ان کان پوءِ هن مَهانَ ماٿهوءَ 1974ع ۾ هڪ ناول "اڪيلي" ترجمو ڪيو.

ڊاڪٽر صاحب جي هن نظم کي، "ڪنمال" ۽ "زنبيل" ڪتابن ۾ ڪونہ آندو ويو آهي. جڏهن مون کي "اخبار تعليم" ۾ هي املهہ خزانو نظر آيو، تہ مون سوچيو تہ ڊاڪٽر صاحب جي هن ڪاوش کي ڇو نہ ڇپرائجي. اڃا بہ ڊاڪٽر صاحب جي مواد جي ڳولها ڪرڻ جي ضرورت آهي.

واضح رهي تہ هيءُ نظم ڊاڪٽر صاحب عبدالجبار شام جي نالي سان ڇپرايو آهي.

مئٿيو آرلنڊ (Mathew Arnold) اڻويهين صديءَ جو وڏو نقاد ڄاتو وڃي ٿو. جيڪو 1822ع ۾ "رگبي" ۾ پيدا ٿيو. ۽ 1888ع ۾ پرلوڪ پڌاريو. سندس والد جو نالو ٿامس آرلنڊ هو.

مئٿيو آرلنڊ (Mathew Arnold) پهرياڻين شاعر هو، ان کان پوءِ تنقيد (Criticism) ڏي لاڙو ڪيائين. هن جو ڪراميل ( Cromwell) نظم (Poem) ادبي حلقي ۾ تمام گهڻو مشهور ٿيو. اهوئي سبب آهي جو هن نظم (Poem) کي 1891ع ۾ نيوڊيگيٽ (Newdigate) پرائز (Prize) مليو.

"سندس هن نظم (Poem) تي هڪ اديب لکيو آهي، تہ مرمين هڪ تصوراتي جاندار آهي (يعني اڌ ماڻهو ۽ اڌ مڇي) اتر يورپ ۾ اهڙا قصا آهن، جن ۾ انسان ۽ مڇيءَ جي شاديءَ جو ذڪر آيو آهي. اهو شاعر ڏيکاري ٿو تہ ان مخلوق جو اولاد جيڪو ٿئي ٿو. تنهن جي شڪل جو مٿيون حصو انسان جو ۽ هيٺيون مڇيءَ جو آهي. هتي هُو ڏيکاري ٿو، تہ اهڙي هڪ مخلوق هڪ انسان ڇوڪريءَ سان شادي ڪئي ۽ اِها ونس پاڻيءَ ۾ رهڻ لڳي. ڪين ڪي ٻار بہ ڄاوا، پر ڇوڪريءَ جڏهن شهر مان ديول جا گهنڊ ٻڌا، تڏهن هوءَ مڙس ۽ ٻارن کي ڇڏي هلي وئي." هاڻي اڄو تہ اهي دل ڏاريندڙ ورلاپ ٻڌون جيڪي سندس مڙس ڪري ٿو.

(1)

پيارا ٻارو! هلو تہ هُلون- هيٺ لهي هلون
منهنجا ڀائر سمنڊ جي ڪناري تان سڏ پيا ڪن.
سمنڊ جي ڪناري ڏانهن تيز هوائون پيون لڳن
ويرون لهنديون وڃن ۽ لوڻ ميدان تي پيو ڏسجي
وير جي ديوتا جا اڇا گهوڙا ٽپن بيٺا.
هوا ۾ لڏن ۽ ناز پيا ڪن.
پيارا ٻارو! اسان کي هلڻ کپي
هتان هن رستي تان، هن رستي.

(2)

مونٽڻ کان اڳ ۾ هن کي (ماءُ کي) هڪ
سڏ ڪريو.
اڃان بہ هڪ سڏ ڪريوس!
ائين جيئن هوءَ آواز سڃاڻي
"مارگريٽ- مارگريٽ"
ٻچن جو يسڏ مِٺو لڳندس.
وري سڏ ڪريوس.
هڪ ماءُ جي ڪن کي
ٻارن جو آواز درد وارو آهي.

رهيو. تان جو سندس پهريون شعر سنڌي ٻاراڻي رسالي "گل ڦل" (جام شورو سنڌ) ۾ ڇپيو ته کيس بيحد خوشي محسوس ٿي.

**شاعريءَ جو اپياس:**

جڏهن اسان عبدالله "شجاع" سنڌيءَ جي شاعريءَ جو گهرو اپياس ڪيون ٿا، تڏهن اهوئي معلوم ٿئي ٿو ته سندس شاعري بيشڪ اندر جو آواز ۽ اڌمو آهي. هن جي شاعريءَ ۾ ديني، اخلاقي، قومي ۽ رومانوي جذبن جا عنصر موجود آهن، سندس شاعريءَ مان هن جي شخصيت جو سماجي روپ نِڪري، نروار ٿي بيهي ٿو. هو ذاتي طور تي زندگيءَ ۾ خوددار انسان رهيو آهي. انڪري سندس شعرن ۾ خودداريءَ، خوداعتماديءَ، اجتماعيت ۽ انفراديت جا جذبا شامل آهن، جيڪي سراسر نزاڪت ۽ رنگيني پيدا ڪري رهيا آهن.

دراصل شجاع جي زندگي، سچ لکڻ جي سهاري تي قائم پڻ آهي. ڇو جو هُو شاعريءَ کي حياتيءَ کان ڌار نه ٿو ڪري، بلڪ هُو زندگيءَ جو بي پايان، بحر قدر پڻ ڪري ٿو ۽ ان جي اهميت ۽ افاديت کان باخبر پڻ رهي ٿو. پر البت هن جديد فڪر ۽ ترقي پسند سوچ واري شاعريءَ کي سهڻي ميلاپ ۽ انداز سان پيش ڪيو آهي.

تنهنڪري ائين چئي سگهجي ٿو ته شجاع جديد نظرئي ۽ ترقي پسندانه تصور جو قائل آهي، پر هُو زندگيءَ جي اصل راز، مقصد ۽ ڪارج جو خواهشمند پڻ آهي. اُهي احساس ۽ جذبا سندس ڪلام ۾ نمايان آهن.

گويا شجاع جي دل الله پاڪ جي ذڪر ۽ تعليمات ڏي مائل آهي، مگر هُو اسلام جي پيغمبر رحمت اللعالمين نبي ڪريم ﷺ جي عملي زندگي، رهڻي ڪرڻي ۽ سيرت پاڪ جو پيروڪار پڻ آهي. سندس رڳ رڳ ۾ الله تعاليٰ ۽ ان جي رسول اڪرم ﷺ جي بيحد محبت ۽ عشق سمايل آهي. انڪري وڌيڪ هيئن چئجي ته شجاع اسلام جي تهذيب جو پاسدار، سماجي سڌارڪ ۽ گهڻگهرو شاعر آهي، هن پنهنجي قلم کي خاموش نه رکيو آهي ۽ حق ۽ سچ کي عوام اڳيان ظاهر ڪري رهيو آهي. حقيقت پسنديءَ جي حيثيت ۾، شجاع شعري صداقت ذريعي ڪائنات جي تسخير، حقيقتن ۽ انڪشافن کي بيان ڪري ٿو. هو زندگيءَ جو ترجمان آهي. زندگي ماديت جي عبارت آهي. سندس شاعريءَ ۾ زندگيءَ جي سچائي ۽ صداقت، غم ۽ محبت جو سوز سمايل آهي. اهڙيءَ طرح شجاع زندگيءَ جي سفر ۾، سونهن کي شاعراڻي نظر سان ڏٺو آهي ۽ ان سونهن کي ڏسڻ لاءِ شاعريءَ جو سهارو ورتو آهي. لهٰذا، شجاع ڪائنات ۽ زندگيءَ ۾ نصرت ۽ پوشيده شين کي مسخر ڪرڻ جو متلاشي آهي. هُو الله تعاليٰ جي ثنا، حمد ۽ نعمتن جو بخوبي ذڪر ڪري ٿو. سندس ڪجهه سٽون هن ريت آهن:

خدا پنهنجي سڃاڻپ لئه، ڪيون هِن خلقتون پيدا،
وئي حيران ٿِي ڏاهپ ڏسي، هِي حيرتون پيدا.
ڇوي ٿو مالڪ و موليٰ، ڪيو دنيا فتح ساري،
ته حاصل جيئن پوشيده، ٿين سڀ نعمتون پيدا.
پکي، پوپٽ، گُلن اندر سندس ادنيٰ صنائي آ،
قمر، سج، سمنڊ جي اندر ڏٺيون هِن حڪمتون پيدا.

شجاع اسلامي اصول، الاهي قانون جو پابند ۽ مُوحِد آهي، مگر هو ديني علم، عمل ۽ ڪردار جو متمني پڻ آهي. سندس ڪلام پڙهڻ سان اهو پتو پوي ٿو ته هو خدا پاڪ ۽ اُن جي رسول ﷺ جي حڪمن جي پيروي ڪرڻ کي دنيا ۽ آخرت جي ڀلائي ۽ ڪاميابي سمجهي ٿو.

اهڙيءَ طرح نبي ڪريم ﷺ جي شخصيت، آمد ۽ رحمت جا ڳڻ بيان ڪندي، چيو اٿس ته:

نبي آيو .ڀلي آيو، اڪين جو ٺارُ ٿي آيو،
سڄي جڳ جي نصيحت لئه، اُتم ڪردار ٿي آيو.
سڄي مخلوق لئه سهڻو ٿيو، رحمت جو مثال آهي،
سچائيءَ جي علامت، صاحبِ ادوار ٿي آيو.

ٻئي هنڌ نبي ڪريم ﷺ جي تعريف ۽ واکاڻ هن ريت ڪئي اٿس:

نبيءَ جي نانءَ تان صدقي، نبي خيرالبشر آهي،
سڄڻ سنسار لئه آيو ٿي، رحمت جو ڪڪر آهي.
پتو جن کي نه هو ڪوئي، ته دنيا هيءَ آهي ڇا؟
اچڻ محبوب سان روشن، وئي ٿي رهگذر آهي.

شجاع جي شاعري، بصيرت جي نگاهن ۾، انسانيت کي صحيح مقام ۽ مرتبي جو رستو ڏيکاري ٿي، پر اها انسان ذات ۽ قوم کي احساس ڪمتريءَ ۽

مايوسيءَ جي ڌنڌ مان ٻاهر ڪڍڻ جي پڻ ڪوشش ڪري ٿي، جيئن ته:

دل جي دروازن کي کوليو ”فڪر“ سان،
ڪائناتي علم پلئڻ جي ڪجي.
زندگيءَ جي مختصر لمحن اندر،
ٿي امر ماڻهو ڏيکارڻ جي ڪجي.

ياد رهي ته شجاع جي شاعري مرده لفظن جو مجموعو نه آهي، مگر اها حيات جي بنيادي حقائق ۽ اخلاقي مقاصد جي حامل پڻ آهي. سندس شاعريءَ ۾ انساني همدرديءَ، رهبريءَ، چڱائيءَ جو احساس ۽ تاثر نمايان آهي. عقل جون قوتون، همه گير اصول ۽ زماني جي حالات جا منظر وغيره سندس شعر جا موضوع آهن. هن جي شاعريءَ جو انحصار فقط قافئي، رديف، محاوري، تشبيهه، استعاري ۽ ڪِنائي وغيره تي نه آهي، بلڪ سندس داخلي جذبي، خارجي مشاهدي ۽ تفڪر جي تحريڪ تي منحصر پڻ آهي. اهوئي سبب آهي، جو شجاع جي شاعري نفيس خيالن ۽ لطيف سوچن جي ترجمان آهي، دراصل شجاع انساني مزاج ۽ فطرت جو گهرو ۽ ڳوڙهو مطالعو ڪيو آهي. ان سان گڏوگڏ، محيط ماحول ۽ معاشري جو به تجزيو ڪيو آهي، انڪري هو چوي ٿو ته:

ڪائناتي رهنما، سروَر سچوءَ
پو پلا ٻيو ڇو؟ وڃي رهبر ڪجي.
ماڻهپي جو قول آ، ماڻهن اڳيان،
”بيڪسن جي وقت تي، واهُر ڪجي.“
خـدمـتِ انسـانيـت آ، آبِ - حيات
هي عمل دنيا اندر، برتر ڪجي.

اهڙيءَ طرح هن پنهنجي شاعريءَ ۾ انسان جي سُورن، تڪليفن، اهنجن ۽ ايذائن جي ڳالهه ڪئي آهي. هو سماج جي مظلوم ماڻهن جي حقن جي پاسداري ۽ حمايت ڪري ٿو. هن وٽ انسانيت جو احساس سڀ کان اُتم ۽ اهم محرڪ آهي: انسانذات جي اهميت ۽ حيثيت سندس مکيه موضوع آهي. تنهنڪري شجاع جي شاعري دل تي اثر انداز چڱيءَ ريت ٿئي ٿي. هو سماج جي دردن، خطرن ۽ ڏکن کان نه ٿو ڊڄي، بلڪ هو انهن سان منهن ڏيئي مقابلو پڻ ڪري ٿو. اهوئي ڪارڻ آهي، جو شجاع هڪ جرئتمند، بيباڪ، باعمل ۽ مُصلح انسان آهي، بلڪ هن جو عزم پختو ۽ ارادو بلند پڻ آهي. سندس ڪلام بهترين ڪردار ۽ تصور جو نمونو آهي. جنهن مان پڙهندڙن کي ظاهري طور تي اخلاقيات ۽ روحانيت جي رمزن جو سبق ملي ٿو. شجاع جو اهوئي مقصد ۽ مراد آهي ته: ”زندگيءَ ۾ هر انسانُ، انسان جي ڪم اچي، ساڻس نرميءَ ۽ خوش اخلاقيءَ سان پيش اچجي.“ ان ڪري چيو اٿس:

زماني جي ظلمت ۾، پو نُور ايندو،
اگر باعمل سڀ، حُڪم تي رهو.
ڪري مٽ ويهن نه، مظلوم سارا،
نه شاڪر ڪڏهن، ڪنهن ستم تي رهو.

مطلب ته شجاع جي شاعري هڪ رنگين گلدستو آهي، جنهن ۾ مختلف گُلن جي خوشبوءِ ۽ جدا جدا رنگ موجود آهن. جيڪي طرحين طرحين هبڪار ۽ سونهن جو ڏيک ڏيئي رهيا آهن.

جيئن ته قرآن مجيد، الله تعاليٰ جو آخري ۽ سچو ڪتاب آهي. اهو انسانيت جي رهنمائيءَ ۽ هدايت جو سرچشمو پڻ آهي، جيڪو قيامت تائين قائم رهندو. تحقيق خدا تعاليٰ جي نهيل ڪائنات ۾ نشانيون ڦهليون پيون آهن. انهن نشانين تي غور و فڪر ڪرڻ کان پوءِ زندگيءَ جو حقيقي مقصد مقرر ٿي سگهي ٿو. جيڪڏهن انسان زندگيءَ جي حقيقي مقصد لاءِ عمل نه ڪندو ته پوءِ هُن جو اُٺندڙ هر قدم غلط راهه تي هلندو، جنهن جو نتيجو پنهنجي جان تي ظلم ڪرڻ ئي آهي، پر ساڳئي وقت، قرآن شريف غور و فڪر لاءِ ڪيترو حڪم ڪيو آهي، تنهن جي اهميت کان ڪوبه انڪار ڪونه ڪري سگهندو. جيڪا دنيا ۾ اتحاد جون برڪتون کڻي اچي ٿي، تنهن لاءِ هو چوي ٿو ته:

قرآني ڪيون آءُ، ادراڪ حاصل،
زمانو مڃيندو پو، آزي سدائين.
شجاع! پيرَ اڳتي، وڌايون ٿي ڏاڍو،
ڪيون ڇا ڪري، ياد ماضي سدائين؟

پوري وثوق سان اهو چئي سگهجي ٿو ته انساني معاشري ۾ جڏهن اخلاقي قدرن، سماجي تربيتن جو بگاڙ ۽ خاتمو ٿي ويندو آهي، تڏهن اتي ڪيترين ئي خرابيون ۽ بدعنوانيون اُڀرن ٿينديون آهن. جهڙوڪ:

شاعري بہ شايع ٿي آهي.

موجوده ماحول جي حالتن توڙي معاشري ۾ پيش ايندڙ روين، تبديلين، مسئلن ۽ واقعن بابت شجاع جو ڪافي مواد موجود آهي، هن جي شاعريءَ ۾ هر قسم جو موضوع ملي ٿو. الله تعاليٰ هن شاعر کي وڏي ڄمار عطا فرمائي، تہ جيئن پنهنجي شاعريءَ وسيلي، هو "سنڌي علم و ادب" جي خزاني ۾ اضافو ڪندو رهي. بقول شاهہ لطيف جي:

ماڻهو سڀ نہ سهڻا، پکي سڀ نہ هنج،
ڪنهن ڪنهن ماڻهوءَ منجهہ، اچي بوءِ بهار جي.

بورڊ جا نوان ڪتاب





## مددي ڪتاب ۽ رسالا


(1) ٻگهيو، محمد قاسم، ڊاڪٽر: "سنڌي ٻولي: لسانيات کان سماجي لسانيات تائين" سنڌيڪا اڪيڊمي، ڪراچي 1998ع.

(2) ميمڻ، عبدالمجيد سنڌي، ڊاڪٽر "سنڌي ادب جو تنقيدي اڀياس"، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو، 1996ع.

(3) عباسي، شمس مسز: "مولانا حڪيم فتح محمد سيوهاڻيءَ جي شخصيت، علمي، ادبي ۽ سياسي خدمتون"، سنڌي ادبي بورڊ، ڄام شورو سنڌ 1988ع.

(4) سومرو، خ.ق: "سلامتيءَ جو سڏ"، قومي هجري ڪميٽي، اسلام آباد، 1982ع.

(5) ماهوار "نئين زندگي"، حيدرآباد جون-جولاءِ 1998ع.

(6) ماهوار "نئين زندگي"، حيدرآباد، مئي-جون 2000ع.

(7) ماهوار "نئين زندگي"، حيدرآباد، جون 2001ع

(8) ماهوار "نئين زندگي"، حيدرآباد، جولاءِ-آگسٽ 2001ع

(9) ماهوار "نئين زندگي"، حيدرآباد، جون-جولاءِ 2005ع.

(10) ماهوار "نئين زندگي"، حيدرآباد، سيپٽمبر 2006ع.

(11) ماهوار "نئين زندگي"، حيدرآباد جنوري- فيبروري 2006ع.

(12) ماهوار "گل ڦل" ڄام شورو، فيبروري 1991ع.

(13) ماهوار "هالار" ڊائجسٽ، حيدرآباد، مئي 2000ع.

(14) ماهوار "هالار" ڊائجسٽ، حيدرآباد، فيبروري 2005ع.

(15) پندرنهن روزه "عبرت مئگزين" حيدرآباد، 16- مئي 2004ع.

**سعيد سومرو**

# مٽيءَ مان اُٿڻ جو سڏ

شام کان بارش ۾ ڀنل اڪيليءَ ڇوڪريءَ جو هٿ، تنهنجي روح جيترو سرد اڃا ناهي ٿيو، وچ ڪيس پڪڙي وٺ.

منهنجي ماءُ جون اکيون، منهنجو انتظار ڪندي پٿرائجي ويون، مان اهڙي پرديس جي پيسي ڪي ئي ڪڏ ۾ هٿان!

سرنهن جي کيت ۾، اڪيلو ڀنل سورج مُکي تنهنجي مرڪندڙ سلام جي انتظار ۾ پريشان آهي. تون اڄ رستو بدلائي ڪيئن هلي وئي آهين؟!

تون صبح سوير اٿي، باغيچي ۾ آرس ڀڃي، پوءِ ڀلي سمهي پوندي ڪر، ڇو جو ڪجهه ڀڪي تنهنجي دعا جهڙي مرڪ ڏسڻ بنا، پنهنجو آکيرو نہ ڇڏيندا آهن!

ستارن جي دعا ۾ مٽيءَ جا ذرا شامل ڪرڻ واري روح کي مان اڪيلو ئي مجتائي سلام پيش ڪرڻ چاهيو هو، هيءَ هيڏي ڀيڙ ڪٿان آئي!؟

تنهنجو ڳوڙهو ڳوڙهو، منهنجي گيت جيان هجي هان تہ مون کي امرتا جي ڪلپنا ئي نہ هجي هان!

تنهنجي لڙڪن جي ٻوڏ ۾ منهنجا ڪيترا نوان نظم لُڙهي ويا. ٻوڏ کي بندَ ٻڌُ تہ ٻُهير ڳالهين جي ڳوٺ واپس وَرون!

پوسٽ مارٽم ۾ ڪٽجي ويل لاش جا وارث، پنهنجا ڳوڙها ڪٽي رکي آيا آهن!

مرحيات مرڪن جا مامرا نبيرڻ وارا، ڪنهن بيواهہ دل جي پاراتي کان وَئون وڃن، تہ جيڪر ڳيرو ڳيا ڳيا نہ ٿين!

اوتارن جي عشق ۾ انساني چڱائيءَ جو باب بند ڪندڙ فرد کي 'جلاد' سان ڀيٽيندي، منهنجو قلم نٿو ڏڪي.

مان اهڙو صوفي ناهيان، جيڪو منصور بن حلاج جي وڍيل ٻانهن ڏسي مسڪرائي سگهان.

اڌ وهيءَ ۾ ڇٽيل گلن جو غمُ ڏسڻ لاءِ، پوپٽ جهڙي دل گهرجي.

آءٌ پنهنجي مصلوب محبتن جي اڌ ڪٽا ٻڌائڻ کان پوءِ، تنهنجا ڀنل نيڻ ڏسي، ماٺ آهيان. اکيون اُگهہ تہ درد جا ٻيا دور دهرايون.

اڌو اڌ ٿيل چاهتن جا خواب ميڙيندي، نيڻن جا هٿ زخمي زخمي ٿيڻ جي شڪايت ڪرڻ رَوا ناهي!

اسان پنهنجي روح جون اکيون پاڻ ئي کڏي ڇڏيون آهن - هاڻ هُو ڪنهن بہ نئين حيرت جي صورت سجاڻي نٿو سگهي!

اسان تہ ڪائنات کي نئون رقص سيکارڻ چاهيو پئي، پر هوءَ اپاڳي پراڻيون بيساکيون ڀڃڻ لاءِ تيار ئي نہ هئي!

منهنجي معصوم دل جي پيرن ۾ ڪروڌ جا ايترا ڀڳل شيشا رکي، ڪيس مرڪڻ لاءِ چوندڙ ڇوڪري! منهنجي دل 'سنڌ' ناهي، جو هر حال ۾ 'راضي' هجي!

تنهنجو حُسن ئي اسان جي ايمان سلامتيءَ جي عمر آهي.

جن يارڙن بنا، حياتيءَ جو تصور بہ بيڪار هجي، اُهي بہ جڏهن اگهاڙي تلوار ٿي وڃن تہ ڇا ڪجي!؟

اهي ڪوئي، جيڪو سڏ ڏئي تہ جيڪر اسان مٽيءَ مان سجاڳ ٿيون.

توڪي پري محفل ۾ نہ ڳالهائڻ گهربو هيو. ڇو جو جيستائين چُپ هئين، وڏو داناءُ پيئي لڳين!

ڪراڙا هٿ، جوان هٿن مان وڏيون اميدون رکندا آهن. پر جوان هٿ، ڪراڙن هٿن مان ڪي اميدون نہ رکندا آهن!

جن کي منهنجي وجود مان ڪرب ٿي اچي، مان انهن جي مسڪرائي آجيان ڪرڻ جو فن ڪنهن کان سکي اچان!؟

پنهنجا پنهنجا ننڍڙا خواب ڪٽي، اسين بي شڪستہ وقت هٿان شهيد ٿيڻ نڪتا آهيون، ڪوئي آهي، جيڪو اسان کي 'غازي' بڻائي!

پراڻيءَ بس جي سيٽ تي لکيل اُن تازي شعر جي خوشبوءِ ڪي مان ڪيتري دير تائين محسوس ڪندس؟

تنهنجيءَ وڏيريءَ دل کي اسان جي هارياڻيءَ جهڙي ساهہ تي ترسُ اچي بہ تہ ڇو اچي!

سانوڻي جي چانڊني ڪيتري بہ وڻندڙ ڇو نہ هجي، اُها تنهنجي اجريءَ مرڪ جي مَٽِ نٿي ٿي سگهي.

اسان کي اُن سفر تي نہ اماڻ، جتان واپس اچي وڃون.

ڀاڻ ٻئي هڪ ٻي جي تقدير جو ڪيتو لوڙيون يا هڪ ٻيرو ملندڙ حياتيءَ جي بهار جا مزا ماڻيون!؟
اسان جي هڪ مرڪ جو پوسٽ مارٽم ڪنديءَ تہ ايترن المين جا آثار ملندئي جو اکيون ڇنڀڻ وسري ويندئي!

مان قيامت اچڻ جي دعا، ان لاءِ نہ گهري تہ ڪو هيءَ ڌرتي هاڻ رهڻ لائق جاءِ ناهي، پر ان لاءِ گهري تہ مون کي خدا جي ديدار ڪرڻ جو شوق، هت سڪون سان رهڻ نٿو ڏئي!

اسان، جنهن شهر کي 'محبوبِ شهر' سمجهي ڏسڻ گهريو سي، اُتي قاتلن جي پيڙ ڏسي ، واٽڙا نہ ٿيون تہ ڇا ٿيون!؟

پنهنجي پنهنجي حصي جا حوصلا سنڀالي رکو، متان ڪنهن شڪستہ شڪاريءَ لاءِ ڏڍ ٿين!

ننڍڙا ننڍڙا حادثا ڏيکاري، اسان جي ساهہ کي ڪنهن وڏي حادثي لاءِ تياري پئي ڪرائين ڇا!؟.

جلاد جي ماءُ بہ ڇا پنهنجي جلاد پٽ لاءِ ، ڊگهي عمر جا وظيفا پڙهندي آهي!؟

ننڍڙي پهاڙي، وڏي پهاڙ جي پاسي ۾ ائين بيٺل هئي، جڻ ٻيءُ پرسان، ننڍڙا وار کولي بيٺل ڌيئڙي هجي.

جنهن بہ شخص کي ڳوڙهن جي ذائقي جي ڄاڻ آهي، تنهن اڳيان شاعري پڙهڻ مون لاءِ بيشڪ 'حق' آهي.

فضول عمر جي اجاڙ لمحي لمحي کي، مون تنهنجيءَ سڌيءَ سينڌ وانگر سنوارڻ چاهيو پئي تہ تو پنهنجا هٿ ٻئي جي هٿن ۾ ڏئي ڇڏيا.

هيترن حادثن جي هجوم ۾ بہ مان زنده آهيان. مون کي تہ ڪو ايوارڊ ملڻ گهرجي!

تنهنجي دل ۾ مون لاءِ محبت جو ڪو 'بيلنس' باقي ناهي، مان آهيان جو 'مس ڪال' تي پيو 'مس ڪال' ڪيانءِ!

هٿيارن جو هاڻ هجي ها تہ نابين ٻار جو سينو چيرڻ کان اڳي ڦٽي مرن ها!

تڙ تڪڙ ۾ sms ڪري، 'نہ اچڻ' جو ٻڌائي، تو تہ منهنجي من کي انتظار ۽ اڻ تڻ جي مزي کان ئي محروم ڪري ڇڏيو!

تنهنجي نصيب جو ڪاتب ، منهنجي مقدر جي ڪاتب جو مخالف نہ هجي ها تہ هوند 'تون ۽ مان'بدران اڄ 'اسان' هجون ها.

اسان موت کي جيتڻ جي جستجوءَ ۾ ، پنهنجي مرضيءَ سان حياتي هارائي آهي. تون ڪير ٿيندو آهين جو اسان کي 'ڇريي' جو خطاب ڏئين!

ڪڏڙو، پنهنجي پيءُ ماءُ کي پاراتو ڏيندي، ڇا خدا کي وساري ڇڏيندو آهي!؟

اڙي زمانا! وڃ وڃي، ٻيو ڪو ڳول! اسان تنهنجي امامت ڪرڻ نٿا چاهيون!

سڀ سرحدون تو تائين آهين، مان توکان آزاد ٿيان بہ تہ ڪيئن ٿيان!

مون پنهنجو پاڻ کي هاڻ انا ۾ قيد ڪري ڇڏيو آهي، جنهن مان مون کي ڪير بہ آزاد نٿو ڪري سگهي. سواءِ منهنجي.

ڪتاب جي ٽائيٽل وانگر وٽندڙ ڇوڪريءَ جو اندر ، ايترو موهيندڙ ڇو نہ هيو!؟

مان، خدا سان گڏ رهڻ نٿو چاهيان. ڪوئي آهي، جيڪو اسان کي ڌار ڪري.
اسان جي رولاڪ پيرن لاءِ، هڪ جاءِ ترسڻ جي دعا ٿي گهرين يا سزا ٿي طلبين!؟

عمر جي شراب جو قطرو قطرو ڪاٽي زيان ڪري آئين جهونا! جو هاڻ سنڀالڻ چاهيندي بہ نٿو سنڀالي سگهين!

منهنجي جسم ۾ هاڻ، روح ناهي .تون چاهين تہ تون بہ دور وڃي سگهين ٿي!

مون پنهنجي اندر جو آئينو پورا پورا ڪري ڇڏيو آهي. تون پنهنجو چهرو ٻي ڪنهن وٽ وڃي ڏس.

اُن بت کي سجدي لاءِ نہ چئہ مون کي، جنهن کي مون پاڻ ٺاهيو آهي.

مان هُن جي قبر تي گل رکڻ نہ ويندس. هو جيستائين مون سان آهي، زنده آهي.

جنهن اڌ ٽڙيل گلن لاءِ بہ فنا آندي، ان وحشي هوا کي سزا ڪير ڏيندو؟

ٿڪن جا ننڍڙا ننڍڙا بند ٻڌي، تو منهنجي ڳوڙهن جي ٻوڏ روڪي ڇڏي.

تون، منهنجي لفظن ۾ الجهي نہ پوندي ڪر. توکي هر معنا سمجهائڻ لاءِ، منهنجا ناسي نيڻ ڪافي آهن.

تنهنجي حُسن ڊڪٽيٽر ٿي، منهنجي من تي مارشلا هڻي ويو آهي. مان چاهيندي بہ پنهنجي مرضيءَ جي جمهوريت آڻي نٿو سگهان.

مان پنهنجي ان بيواهہ پيڻ ڏانهن ڪيئن وڃان؟ جيڪا مون کي مٺي چانهہ بدران لڙڪن جي ذائقي واري چانهہ پيش ڪندي آهي.

توکان سواءِ گهر، جهنم جي وچ ۾ ٺهيل ڦاهي گهاٽ جهڙو ٿو لڳي.

* ثناخوانيءَ جي زماني ۾ اسان جهڙن تنقيدي تلوارون کڻي ٻيٺلن کي تو پارا گهٽا ٿي نفرت سان ڏسندي، منهن ڦيري ويندا آهن.

سمنڊ ترسي تہ جيڪر لهر لهر تي تنهنجو نانءُ لکان.

منهنجا ڳوڙها مون وانگر پوڙها ٿي ويا آهن.

اسان جهڙن جي جذبن تي ٿي ڪنهنجو ڌيان ناهي تہ اي وقت جا قلندر! تون تہ ٻي ڌيانيءَ جي زماني سان شڪايت نہ ڪر.

بورڊ جا نوان ڪتاب




بورڊ جا نوان ڪتاب








حافظ احمد الدين انڍڙ

# نيشنل بوڪ ڏي فيئر

ڪتاب جي قومي ڏينهن جي حوالي سان نيشنل بوڪ فائونڊيشن طرفان، اسلام آباد ۾ پاڪ چائنا فرينڊشپ سينٽر ۾، 22- اپريل 2012ع کان 26- اپريل 2012ع تائين (پنج ڏينهن) ڪتابي ميلو لڳايو ويو.

وزيراعظم پاڪستان جناب سيد يوسف رضا گيلاني صاحب جن 22- اپريل 2012ع تي شام جو 5:00 وڳي هن ڪتابي ميلي جو افتتاح ڪيو.

هن ڪتابي ميلي ۾ پوري پاڪستان مان ڪتابن جي 84 پبلشرن ۽ بوڪ سيلرن شرڪت ڪئي.

سنڌ مان سنڌي ڪتابن جي پبلشر ادارن مان صرف سنڌي ادبي بورڊ شرڪت ڪئي.

جناب مخدوم جميل الزمان صاحب چيئرمن، سنڌي ادبي بورڊ جي هدايت تي، سائين نظر محمد ڳاهو صاحب جن جي اڳواڻيءَ ۾ سنڌي ادبي بورڊ جو سيڪريٽري الهڏتو وگهيو صاحب، اڪائونٽ آفيسر غلام حيدر ڪڇي، پبلڪ رليشن آفيسر حافظ احمد الدين انڍڙ، بڪ اسٽال جو سيل مين سڪندر ملاح ۽ نائب قاصد جمشيد سومرو ان ڪتابي ميلي ۾ شريڪ ٿيا.

سنڌي ادبي بورڊ جي بوڪ اسٽال تي اسلام آباد جي سنڌي ماڻهن، ڪتابي ميلي ۾، سنڌي ادبي بورڊ جي اسٽال کي ڏسي تمام گهڻي خوشيءَ جو اظهار ڪيو. انهيءَ موقعي تي عبدالمجيد نظاماڻي بورڊ کان ڪتابن جو مڪمل سيٽ خريد ڪيو ۽ پنهنجي ذاتي لائبريريءَ لاءِ پڻ ڪتاب خريد ڪيائين. هتي محترم عاصم جهانگير صاحب موٽروي آفيسر صاحب کي به ٽئو وساري سگهجي، جنهن اسان کان روزانو ڪتاب خريد ڪيا. بلڪ وي.پي ذريعي اجا تائين ڪتاب گهرائيندو رهي ٿو. اِهي اَهي ماڻهو آهن، جيڪي زبان ۽ نسل کان مٿي علمي سوچ رکندڙ آهن، ڇاڪاڻ جو سندس مادري زبان پنجابي آهي، پر هميشه اهي ماڻهو سنڌي ادب ۽ سنڌ جي تاريخ کي پڙهڻ جو وڏو ذوق رکن ٿا. اسلام آباد جي سنڌي ماڻهن اميد ظاهر ڪئي ته ادبي بورڊ آئنده به اهڙن ڪتابي ميلن ۾ شريڪ ٿئي اسلام آباد ۾ اسان کي سنڌي ڪتابن جي خريداريءَ جو موقعو فراهم ڪندو رهندو.

سنڌي ادبي بورڊ جي بوڪ اسٽال تان ملڪ جي جن ناليوارن سياستدانن، اديبن، شاعرن ۽ فنڪارن ڪتابن جي خريداري ڪئي، انهن ۾ جناب حسين هارون صاحب، جناب مظهرالاسلام صاحب، جناب مستنصر حسين تارڙ صاحب ۽ جناب قوي احمد صاحب شامل هئا.

اسلام آباد ۾ سنڌي ادبي بورڊ جي عملي جي رهائش ۽ ٻين بندوبستن جو انتظام محترم خادم حسين پٽي صاحب ڊائريڪٽر پاڪستان انجنيئرنگ ڪائونسل اسلام آباد ڪيو، جنهن ڪري اسان جي رهائش جا مشڪل مرحلا آسان ٿي ويا. خادم حسين پٽي صاحب اسان لاءِ اسلام آباد ۾ بڙ جي گهاٽي ۽ ٿڌي ڇانوَ وانگر هو، اسان جي پهچڻ کان اڳ اسان لاءِ رهائش جو بهترين بندوبست پاڪ چائنا سينٽر جي بلڪل پرسان آب پاره جي سٽي رائل هوٽل ۾ ڪيل هو، جتان سڌ پنڌ تي پاڪ چائنا سينٽر هو. صبح- شام اچڻ وڃڻ پنڌ ٿيندو هو، رستي ۾ اسلام آباد جو خوبصورت

## نيشنل بوڪ فائونڊيشن اسلام آباد پاران منعقد ڪيل ڪتابي ميلي ۾
## سنڌي ادبي بورڊ پاران لڳايل بوڪ اسٽال جو هڪ ڏيک



وزيراعليٰ سنڌ جو پوليٽيڪل سيڪريٽري ۽ سنڌي ادبي بورڊ جي مالياتي ڪاميٽيءَ جو چيئرمن جناب نظر محمد ڳاهو نيشنل بوڪ ڊي فيئر ۾ ڪتابن جي هڪ اسٽال تي ڪتاب ڏسي رهيو آهي.




اسلام آباد جا عالم ۽ اديب سنڌي ادبي بورڊ جي بوڪ اسٽال تان ڪتابن جي خريداري ڪندي.



سنڌي ادبي بورڊ پاران لڳايل بوڪ اسٽال تي جناب حسين هارون، بورڊ جا شايع ٿيل ڪتاب ڏسي رهيو آهي، ٻئي پاسي بورڊ جو سيڪريٽري جناب الهڏنو وگهيو بورڊ جي ڪتابن جي ڇپائي ۽ معيار بابت ڪيس معلومات ڏيندي.

جاسمين پارڪ جيڪو گلابن جي مختلف قسمن جي ڪري مشهور آهي. جنهن جي گُلن جي خوشبو پاڪ چائنا سينٽر تائين مهڪندي رهندي هئي. پاڪ چائنا سينٽر جي مين گيٽ اڳيان شهيد ذوالفقار علي ڀٽي صاحب جو ٺهرايل چنڊ ستارا (چاند تاره) چوڪ آهي. جنهن کي ڏسندي ئي شهيد ڀٽو ياد اچيو وڃي. پاڪ چائنا سينٽر جي پوئين پاسي اسلام آباد جي خوبصورت وادي شڪرپڙيان هئي. خادم حسين ڀٽي صاحب ڏينهن ۾ ٻه دفعا ايندو هو ٻنپهرن جو ۽ رات جو، هر دفعي ڪانه ڪا شيءِ کائڻ لاءِ ضرور کڻي ايندو هو. دير سوير ڪنهن به شيءِ جي ضرورت پوندي هئي ته صرف فون ڪريو ڀٽي صاحب ڪجهه ئي دير ۾ ان شي سميت حاضر هوندو هو.

سنڌي ادبي بورڊ جي ان سڄي عملي جو مير ڪاروان وزيراعليٰ سنڌ جو پوليٽيڪل سيڪريٽري ۽ بورڊ جي مالي ڪاميٽيءَ جو چيئرمن سائين نظر محمد ڳاهو صاحب هو، سائين ڳاهي صاحب جي رهائش اسان کان الڳ اسلام آباد جي ”سنڌ هائوس“ ۾ هئي، سائينءَ کي سنڌ هائوس طرفان گاڏي به مليل هئي، ۽ شام جو ڳاهو صاحب ۽ ڀٽي صاحب گاڏيون کڻي ايندا هئا ۽ اسان کي اسلام آباد جو سير ڪرائيندا هئا. آخري ڏينهن تي سائين ڳاهو صاحب ۽ ڀٽي صاحب راول ڊيم/جهيل گهمائڻ وٺي هليا ۽ ان کان پوءِ شاهه فيصل مسجد، زيرو پوائنٽ، پارليامينٽ هائوس، ايوان صدر ۽ سپريم ڪورٽ، شڪر پڙيان، لوڪ ورثہ ڏيکاري ٻنپهرن جو ڪوهه مري وٺي هليا، ڪوهه مريءَ ۾ ڳاهي صاحب سنڌ هائوس ۾ مانجهاندي جو انتظام ڪيو هو، ڪوهه مريءَ جي سنڌ هائوس ۾ ٻن ملازمن جا نالا حيرت انگيز طور عاشق، معشوق هئا، عاشق 50 سالن جو پٺاڻ بورچي هو ۽ معشوق 22 سالن جو اٽينڊنٽ گهوٽڪيءَ جو سنڌي نوجوان هو، بهرحال ٻنهي عاشق معشوقن جي مهرباني، اسان جي سٺي خدمت ڪيائون. مانجهاندي کانپوءِ چانهه پي، سائين ڳاهو صاحب ڪوهه مريءَ جي مال بازار، زيرو پوائنٽ گهمايو.

ڪتابي ميلي جي آخري ڏينهن جناب وزيراعليٰ سنڌ سائين سيد قائم علي شاهه پنهنجي ڪابينہ سان گڏ اسلام آباد آيل هو، ان موقعي جو فائدو وٺندي بورڊ جي سيڪريٽريءَ جناب الهڏتو وگهيو صاحب، سائين نظر محمد ڳاهو صاحب کي تجويز پيش ڪئي ته سائين سيد قائم علي شاهه، وزيراعليٰ سنڌ سان ملاقات ڪجي ۽ بورڊ جي ڪارگذاري پيش ڪري، بورڊ لاءِ مالي مدد حاصل ڪجي. ان سلسلي ۾ سائين نظر محمد ڳاهو صاحب ۽ جناب سيڪريٽري صاحب رات جو 8:00 وڳي سنڌ هائوس ۾ وزيراعليٰ سنڌ سائين سيد قائم علي شاهه سان ملاقات ڪئي ان ملاقات ۾ سنڌ ڪابينہ جا وزير به موجود هئا. جناب وزيراعليٰ سنڌ، بورڊ جي ڪم ڪار کان مطمئن ٿيندي بورڊ جي چيئرمن جناب مخدوم جميل الزمان جن جي تعريف ڪندي چيو ته مخدوم صاحب بورڊ جي بهتريءَ لاءِ تمام سٺو ڪم ڪري رهيو آهي، سائين، بورڊ جي هر طرح مالي مدد ڪرڻ جو يقين ڏياريو ۽ چيو ته بورڊ ان سلسلي ۾ جيڪا به اسڪيم ٺاهي ڏيندو اها منظور ڪئي ويندي.

رپورٽ

# خوبصورت شاعريءَ جي خالق ۽ اديب شمشير الحيدري سان رهاڻ

چنچر 19- مئي 2012ع تي آرٽس ڪائونسل ڪراچي ۾ ناليواري شاعر، اديب، دانشور محترم شمشيرالحيدريءَ سان رهاڻ ملهائي وئي، جيڪا اطلاعات کاتي جي وزارت جي سهڪار سان پاڪستان آرٽس ڪائونسل ڪراچيءَ ۾ منعقد ڪئي وئي هئي. خاص مهمان وزيرِ اطلاعات محترمہ شازيہ مري هئي. انهيءَ پروگرام ۾ سنڌ جي نامورن اديبن، استادن، شاگردن ۽ دانشورن شرڪت ڪئي.



جناب شمشيرالحيدري کي روزاني اخبار "مومل" ڪراچي جي چيف ايڊيٽر محترمہ حسينہ آزاد جتوئي گلدستو پيش ڪري رهي آهي. صوبائي وزيرِ اطلاعات محترمہ شازيہ مري پڻ موجود آهي.



تقريب ۾ شريڪ سامعين

سنڌي ادبي بورڊ پاران سندن ڪيل ادبي خدمتن عيوض شيلڊ پيش ڪئي وئي، جيڪا بورڊ جي چيئرمن جناب مخدوم جميل الزمان پاران بورڊ جي فنانس ڪميٽي جي چيئرمن جناب نظر محمد ڳاهو پيش ڪئي، جڏهن تہ ادبي بورڊ پاران سندن مالي مدد طور ٽن لکن جو چيڪ بورڊ جي چيئرمن جناب مخدوم جميل الزمان جن جي سربراهيءَ ۾ بورڊ جو سيڪريٽري الهڏتو وگهيو صاحب اڳ ۾ ئي ڏئي چڪو هو، جڏهن تہ سندن ڪيل خدمتن عيوض اطلاعات کاتي پاران بہ شيلڊ ۽ 5 لک رپين جو مالي مدد جو اعلان ڪيو ويو. ان کان علاوه روزاني اخبار "مومل" ڪراچي جي چيف ايڊيٽر محترمہ حسينہ آزاد جتوئي، پاران ۽ ٻين ادارن پاران پڻ شيلڊون، اجرڪ ۽ گلدستا پيش ڪيا ويا.

ان کان علاوه پي.ٽي.وي جي شروعاتي ڏهاڙن ۾ سنڌي پروگرام لاءِ شمشيرالحيدري جي خدمتن حاصل ڪرڻ عيوض مجتا طور پي.ٽي.وي جي عيوضي گلدستا پڻ ڏنا.




جناب شمشير الحيدري کي محترم مهتاب اڪبر راشدي سنڌي ادب جي خدمت جي مڃتا طور شيلڊ ڏئي رهي آهي، صوبائي وزير اطلاعات محترم شازيه مري پڻ موجود آهي.



پوليٽيڪل سيڪريٽري وزيراعليٰ سنڌ ۽ چيئرمن مالياتي ڪاميٽي سنڌي ادبي بورڊ، جناب نظر محمد ڳاهو، جناب شمشير الحيدري کي، سنڌي ادب ۾ خدمتن جي مڃتا طور، چيئرمن سنڌي ادبي بورڊ جناب مخدوم جميل الزمان طرفان شيلڊ پيش ڪري رهيو آهي. ناميارو صحافي ۽ اديب يوسف شاهين به ان موقعي تي نظر اچي رهيو آهي.

محمد انس راڄپر

# خاندان حضرت غازي عبّاس علمدار

علم الانساب تاريخ جو نهايت پيچيده علم آهي، هن علم ۾ غور و فڪر ڪرڻ ۽ ان ۾ پهچ حاصل ڪرڻ لاءِ وڏي دماغ، گهري مطالعي ۽ گهڻي وقت جي ضرورت درپيش ٿيندي آهي. عزت مآب عالي جناب محترم سائين مخدوم جميل الزمان صاحب سنڌ حڪومت ۾ پنهنجي وزارت جي مصروفيتن، سياسي ڪمن ڪارين ۽ بين عوامي خدمت جي ڪمن ۾ وقت ڏيڻ باوجود هن علم جي ڏکي گهري ۽ عميق واديءَ ۾ قدم رکيا آهن، جيڪا ڳالهه ثابت ڪري ٿي ته علم سان سندن عشق ديوانگيءَ جي درجي کي پهتل آهي. ٻي جيڪا ڳالهه هن مان ثابت ٿئي ٿي، سا اها ته مخدوم صاحب جن کي امير المؤمنين سيدنا علي المرتضيٰ ڪرم الله وجهه جي اولاد سان محبت ۽ انسيت آهي، خاص طرح ڪربلا جي شهيدن سان کين بجاطور محبت ۽ عقيدت آهي. پاڻ ان ئي محبت ۽ سڪ ۽ عقيدت مان جناب امام ابوالفضل عباس ابن اميرالمؤمنين علي ڪرم الله وجهه جن جي شان ۾ ڏاڍو شاندار سلام پيش ڪيو اٿن:

شاه ميدان شجاعت جو نگهبان حرم
تنهنجو ڪردار ۽ رتبو آ زماني ڪان اُتم
تون شهنشاهه وفا، رشڪ وفا، روح وفا
مون کي توسان محبت آ وڏو فخر اٿم.



ڪتاب ۾ شجرن ۽ انساب جي بيان جي سلسلي ۾ مخدوم صاحب 476 شخصيتن جو ذڪر ڪيو آهي، حضرت آدم عليه السلام کان شروع ڪري، حضرت ابراهيمؑ کان حضرت اسماعيلؑ جي ذريعي عرب قبيلي قريش جي ابن ڏاڏن جي نسب ۽ ان مان بنو هاشم جي خاندان ۽ حضرت امير المؤمنين علي ڪرم الله وجهه ۽ سندس فرزند ابوالفضل عباس

رضي الله تعاليٰ عنہ بن علي بن ابي طالب جن جي نسب جو ذڪر ڪيو آهي. ان کان پوءِ سندن نسب جو سلسلو جيڪو اڳتي هليو ان جو آخر تائين ذڪر ڪيو آهي.

برصغير ۾ جناب ابوالفضل عباس بن علي بن ابي طالب جي نسب مان ڪوبہ شخص يا خاندان ڪونہ پهتو. پاڻ ان سلسلي ۾ بہ حوالا نقل ڪيا اٿن، ۽ ان بعد لکيو اٿن تہ: ”مون ڪوشش ڪئي تہ غازي عباس علمدار جن جي اولاد مان سنڌ ۾ ڪو فرد موجود هجي تہ ان جو ذڪر بہ هن ڪتاب ۾ شامل ڪريان، پر معلوم ٿيو تہ سنڌ ۾ سندن خاندان جو اچڻ ناهي ٿيو.

ڪتاب ۾ شيخ المشائخ نوشہ گنج بخش جو مٿان کان هيٺ تائين مڪمل شجرو بيان ڪيو اٿن، حضرت نوشہ گنج بخش 959ھ/1552ع ڌاري گجرات ۾ ڄاوا ۽ 1064ھ/1654ع ۾ وفات ڪيائون. شجرن جي سلسلن ۾ مخدوم صاحب جن آخر ۾ تيم بن مره بن ڪعب بن لوئي کان هيٺ جو شجرو خليفہ اول امير المؤمنين حضرت ابوبڪر صديق رضي الله تعاليٰ عنه تائين ۽ ان کان هيٺ قاضي محمد بن عبدالله بن عبدالرحمٰن بن اميرالمؤمنين خليفہ اول حضرت ابوبڪر صديق جي شجري جو، هندستان ۾ سهروردي صديقي خاندان جي مؤسس اعلي ابوجعفر عبدالله عمويہ بڪري، تيمي قريش کان وٺي حضرت مخدوم سرور نوح صديقي قريشي هالائي تائين بيان ڪيو آهي.

آخر ۾ مرزا سلامت علي دبير جو حضرت عباس علمدار جي شهادت تي مرثيو شامل ڪيو ويو آهي. جنهن ڪتاب جي رنگ کي دوبالا ڪري ڇڏيو آهي.

ڪتاب ۾ حوالن جي فهرست ۽ حاشيا بہ شامل ڪيا ويا آهن، جن کي ڏسي عالي جناب مخدوم صاحب جن جي محنت ۽ تحقيق جو اندازو ٿئي ٿو. پاڻ ڪتاب جي تصنيف ۾ جيڪا جاکوڙ ڪئي اٿن، گهرو مطالعو ۽ کوڙ ڪتابن کي اُٿلايو اٿن، سو تہ قابل داد آهي، پر ان کان بہ وڌي ڳالهہ اها آهي تہ شجرن ۽ نسبي سلسلن ۾ جتي اختلاف ۽ مونجهارو نظر اچي ٿو، اتي پاڻ ماهرانہ ۽ مجتهدانہ راءِ جو اظهار بہ ڪيو اٿن. ۽ شجرن جي منجهيل سٽ کي ڪمال درجي جي مهارت سان سلجهايو بہ اٿن. اميد آهي تہ هيءُ ڪتاب عوام وٽ قبوليت جو شرف ماڻيندو ۽ دعا آهي تہ الله تعاليٰ عالي جناب مخدوم صاحب جن جي ذوق تحقيق کي وڌيڪ جلا بخشيندو.



سنڌ ماڻڪ موتي تنظيم جو سرپرست
محمدعثمان منگي، ڊاڪٽر خان محمد پنهور جي فرزند
سارنگ پنهور کي اجرڪ پارائي رهيو آهي.

مَرڻان اڳي جي مُئا، سي مَرِي ٿِيَن نہ ماڻ،
هونداسي حَياتِ، جِئڻان اڳي جي جِئا.
(شاهہ)



سنڌ ماڻڪ موتي تنظيم جو سرپرست محمد عثمان منگي
ڊاڪٽر خان محمد پنهور جي گهرواريءَ
محترمہ نسيم خان پنهور کي چادر پارائي رهيو آهي.



ڊاڪٽر خان محمد پنهور جي 13 ورسيءَ جي موقعي تي ڊاڪٽر قاضي خادم حسين، سڪندر ميمڻ، عبدالمجيد پنهور، رسول بخش ٻگهيو، نياز پنهور، محمد علي ڏيپلائي، ذوالفقار علي، تاج جويو، هدايت بلوچ، نسيم خان پنهور، نصير مرزا، سهڻي پنهور، رابعہ پنهور ۽ سُمير الزمان ميمڻ پنهنجي خيالن جو اظهار ڪري رهيا آهن.

عاشق علي جوکيو

# (ڊاڪٽر خان محمد پنهور جي 13 ورسي)

نالي واري سماج سڌارڪ، استاد، صحافي ۽ سنڌ ڳوٺ سڌار سنگت ۽ سنڌيونيورسٽي ۾ ماس ڪميونيڪيشن شعبي جي باني ڊاڪٽر خان محمد پنهور جي 13 هين ورسي هن سال پڻ 27 مئي تي ملهائي وئي. ڊاڪٽر خان محمد پنهور ٽرسٽ پاران، سنڌي لئنگويج اٿارٽي، سنڌ ثقافت کاتي ۽ انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي جي گڏيل سهڪار سان اٿارٽي جي ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ هال ۾ ورسي جي تقريب منعقد ٿي. مشهور محقق ۽ اديب ڊاڪٽر قاضي خادم حسين ان موقعي تي صدارت ڪئي، جڏهن ته ريڊيو پاڪستان حيدراباد جو اسٽيشن ڊئريڪٽر ۽ نالي وارو شاعر محترم نصير مرزا خاص مهمان ۽ نالي وارو شاعر هدايت بلوچ اعزازي مهمان هئا. ورسيءَ جي تقريب ۾ نالي وارن اديبن ، شاعرن ، سماجي ورڪرن ۽ شاگردن ۽ ڊاڪٽر خان محمد پنهور جي خاندان جي فردن وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي. تقريب جي شروعات قرآن شريف جي تلاوت سان ٿي، جنهن جي سعادت مس رابعه پنهور حاصل ڪئي.

**صدارتي تقرير ڪندي ڊاڪٽر قاضي خادم حسين** چيو ته: ڊاڪٽر پنهور هڪ محنتي انسان هئو. هن هميشه ٻين جي مدد ڪئي ۽ ٻين جي ڪم ايندي هُو خوشي محسوس ڪندو هئو. هن ڊاڪٽر پنهور جي هر سال ورسي ملهائڻ تي ڊاڪٽر خان محمد پنهور ٽرسٽ کي جَس ڏنو ۽ چيو ته ورسيءَ جي موقعي تي سيمينار ڪرائي مقررن کي مقالن لاءِ عنوان ڏنا وڃن ته جيئن ڊاڪٽر پنهور جي شخصيت ۽ سندس عملي جدوجهد بابت تحقيقي مواد گڏ ٿي سگهي، جنهن کي ڪتابي شڪل ۾ شايع ڪرائي سگهجي.

**محترم نصير مرزا** چيو ته ڊاڪٽر خان محمد پنهور هڪ عظيم استاد هئو. هن چيو ته هن علامه آءِ آءِ قاضي کي ته نه ڏٺو، پر سندس نظر ۾ خان محمد پنهور علامه آءِ آءِ قاضي هئو. هن چيو ته ڊاڪٽر پنهور تاريخساز شخصيتن کي سنڌ جي نوجوانن سان متعارف ڪرايو. هن چيو ته سندس استاد صاف سٿرو انسان هئو. هن ۾ ڪابه لوڀ لالچ ڪانه هئي. هن چيو ته هن دور ۾ جڏهن هر ماڻهو لالچ ۾ وڪوڙيل آهي، پر سندس دعوا آهي ته اهڙي دور ۾ به سندس استاد جا هٿ صاف هئا ۽ هُو هڪ نهايت ايماندار انسان هئو.

**محترم هدايت بلوچ** ڊاڪٽر خان محمد پنهور جون ساروڻيون سارينديءَ چيو ته ڊاڪٽر پنهور سندس ويجهو دوست ۽ ساٿي هئو. هن ڪيس سنڌ جي نامور شخصيتن شيخ عبدالمجيد سنڌي ۽ پير حسام الدين راشدي سان ملايو. هن چيو ته ڊاڪٽر پنهور تمام سچو ۽ وڏو انسان هئو. هن وٽ معاشري جي بهتريءَ لاءِ تڙپ هئي. هن چيو ته سنڌ ٽروسينچريز ڪانفرنس جي انعقاد لاءِ ڊاڪٽر پنهور جون خدمتون هميشه ياد رهنديون.

**محترم تاج جويو** چيو ته ڊاڪٽر خان محمد پنهور مختلف شعبن ۾ ڪم ڪيو ۽ پنهنجو پاڻ ملهايو. هُو هميشه متحرڪ هوندو هئو ۽ ٻين کي پڻ سرگرم رکندو هئو. هُو محبت ڏيندو ۽ محبت وٺندو هئو، عزت ڏيندو ۽ عزت ماڻيندو هئو. هن چيو ته ڊاڪٽر پنهور سگا جي بنياد وجهندڙن مان هئو.

**محترم نياز پنهور**، ڊاڪٽر پنهور جي حوالي سان يادگيرين بابت ويچار ونڊيندي چيو ته ڊاڪٽر پنهور گهڻ پهلوئي شخصيت جو مالڪ هو. هن سنڌي ادب تي پڻ گهڻو ڪم ڪيو. هن چيو ته ڊاڪٽر پنهور عملي طور ادب جي واڌاري ۽ ترقيءَ ۾ ڪردار ادا ڪيو. هن پبليڪيشن ۽ رسالن ذريعي سنڌي ادب جي ترقيءَ لاءِ ڀرپور جدوجهد ڪئي.

نالي واري اديب **محمد علي ڏيپلائي** چيو ته ڊاڪٽر پنهور ادارا ساز ۽ شخصيتون ناهيندڙ انسان هئو. هن تحريڪ آزادي جي اڳواڻ شيخ عبدالمجيد سنڌيءَ کي نوجوانن آڏو متعارف ڪرايو. هن چيو ته جڏهن هُو سعودي عرب مان آيو ته سندس وٽ هڪ وڊيو ڪئميرا هئي. ڊاڪٽر پنهور کي جڏهن خبر پئي ته هو پنهنجي شاگردن جي هڪ گروپ سان وٽس آيو ۽ سندس والد محمد عثمان ڏيپلائي جو انٽرويو رڪارڊ ڪيو . جيڪو هڪ تاريخي خزاني جي حيثيت رکي ٿو.



سنڌي ادبي سنگت، سنڌي لئنگئيج اٿارٽي ۽ سنڌي ادبي بورڊ جي سهڪار سان ڪوٺايل طارق عالم ابڙو جي 11 جون 2012ع تي پهرين ورسيءَ جي موقعي تي سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ جي ڊاڪٽر اين اي بلوچ هال ۾ بيدل مسرور، ادل سومرو، مشتاق ڦُل، سميع بلوچ، ڊاڪٽر محمود مغل، نصير مرزا، انعام شيخ، اسحاق سميجو، منور سراج ۽ حافظ احمد الدين انڊڙ خطاب ڪري رهيا آهن.



تقريب ۾ شرڪت ڪندڙ سامعين



سرسيد انجنيئرنگ يونيورسٽي ڪراچي ۽ پاڪستان اڪيڊمي آف ليٽرس طرفان ڊاڪٽرنبي بخش بلوچ جي ياد ۾ منعقد ڪيل تقريب دوران سنڌ جي سينئر وزير، وزير تعليم جناب پير مظهر الحق شاهنواز کي سيڪريٽري سنڌي ادبي بورڊ جناب الهڏتو وگهيو، ٽماهي مهراڻ جو "ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ نمبر" پيش ڪري رهيو آهي.



سرسيد انجنيئرنگ يونيورسٽي ڪراچي ۽ پاڪستان اڪيڊمي آف ليٽرس طرفان ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي ياد ۾ منعقد ڪيل تقريب دوران سنڌ جو سينئر وزير، وزير تعليم پير مظهر الحق شاهنواز، جناب مظهر الحق صديقي، محترمہ ٽينا بلوچ شايع ڪيل سووينئر جي مهورت ڪري رهيا آهن. پاڪستان اڪيڊمي آف ليٽرس جو ريذيڊنٽ ڊائريڪٽر آغا نور محمد پناڻ پڻ تصوير ۾ نظر اچي رهيو آهي.